
موتي
ايندُس
مان
(ڪهاڻيون)
ابراهيم ڪرل

# موٽي ايندس مان

(ڪهاڻيون)

## ابراهيم ڪرل

تخليقڪار فورم خيرپور

2017ع

ڊجيٽل ايڊيشن:

2018ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر



# موٽي ايندس مان

◈

موٽي ايندس مان
شايد ! سڪر مان
ڪنهن ٿي ڳالها يو

ڪيڏو ٿڙ پائين ٿو
حويليءَ دَرَ مان
ڪنهن ٿي ڳالها يو

دليون ڇو ٿا ڏاهيو
مسجد مندر مان
ڪنهن ٿي ڳالها يو

ڇند ايرين ڇو نه ٿو
اونداهين گهرَ مان
ڪنهن ٿي ڳالها يو

ڪيڏو وڪري ويو آهين
منهنجي اندرَ مان
ڪنهن ٿي ڳالها يو

◈

**BOOK NO. 04**

**موٽي ايندس مان**

(ڪهاڻيون)
ڪهاڻيڪار: ابراهيم کرل
ڇاپو پهريون: 2017ع
تعداد: هڪ هزار
ٽائيٽل ڊزائين ۽ ڪمپوزنگ: آصف نظاماڻي
ڇپيندڙ: ذڪر پرنٽرس - پاڪستان چوڪ ڪراچي، سنڌ
ڇپائيندڙ: تخليقڪار فورم خيرپور سنڌ
ملهه: -/200 روپيه

**"MOTI EINDUS MAAN"**
**(Stories)**
By: **Ibrahim Kharal**
First Edition: 2017
Quantity: 1000 Copies
Title Design & Composing: Asif Nizamani
Printed by: Zaki Printers – Pakistan Chowk Karachi, Sindh.
Published by: Takhleeqar Forum Khairpur, Sindh.
Price: **Rs. 200/-**

# ارپنا

”جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي امام“،
”سنڌي ڪهاڻي جي مجيري“،
”سنڌي ڪهاڻيءَ جي دادلي بودلي ڪهاڻيڪار“،
**”نسيم ڪرلؒ“**
جي نانءِ جنهن سنڌي ٻوليءَ کي
ڪوڙ عظيم ڪهاڻيون ڏنيون آهن.

**ـــ ابراهيم ڪرل**

# سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”موتي ايندس مان“** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب ليکڪ ۽ ڪهاڻيڪار **ابراهيم ڪرل** جي ڪهاڻين جو مجموعو آهي.

ابراهيم ڪرلَ جون ڪهاڻيون ڌرتيءَ جون ڪهاڻيون آهن ۽ ڪردار پڻ مٽيءَ جي خوشبوءَ کي سمائي ديسَ جون وارتائون بيان ڪندي چرپر ڪن ٿا. سماج جا عڪس ۽ اولڙا پسائين ٿا. ڏک ۽ سک پڙهندڙ سان شيئر ڪن ٿا. جنهن مان ابراهيم ڪرل جي مشاهدي جي پروڙ پوي ٿي. ابراهيم ڪرل جي ٻولي ڏاڍي وڻندڙ ۽ خوبصورت آهي ائين ٿو لڳي ته ڪردار اسان جي سامهون بيان ڪري رهيو آهي.

هي ڪتاب تخليقڪار فورم، خيرپور پاران 2017ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون سائين إبراهيم ڪرل ۽ پياري آصف رضا نظاماڻي جا جن ڪتاب سنڌ سلامت ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# سنڌاءُ

- پبلشر نوٽ: **شاهن سمنگ**
- مُهاڳ: **ممتاز بخاري**
- آ- مُهاڳ: **شوڪت حسين شورو**
- منهنجو بابا: **ڊاڪٽر ڪائنات ڪرل**
- پنهنجي پاران: **ابراهيم ڪرل**

## - ڪهاڻيون


- مُلياڻي حليمان
- رحيمان
- سفوران
- ”عمر“ـــ 1
- ”عمر“ـــ 2
- ”عمر“ـــ 3
- گلناز
- آخري رات
- مرغو نمبر ـــ 5
- جندو پاڙو
- پهرين ملهه
- موتي ايندس مان
- واليون

# پبلشر نوٽ

ابراهيم ڪرل، سنڌي ٻوليءَ جو سيبتو ڪهاڻيڪار آهي. تخليقڪار فورم پاران سنڌس هي ٻيون ڪتاب اوهان تائين پهچائيندي انتهائي فخر محسوس ڪيون ٿا. ابراهيم ڪرلَ جون ڪهاڻيون ڌرتيءَ جون ڪهاڻيون آهن ۽ ڪردار پڻ مٽيءَ جي خوشبوءَ ڪي سمائي ديسَ جون وارتائون بيان ڪندي چرپر ڪن ٿا. سماج جا عڪس ۽ اولڙا پسائين ٿا. ڏک ۽ سک پڙهندڙ سان شيئر ڪن ٿا. جنهن مان ابراهيم ڪرل جي مشاهدي جي پروڙ پوي ٿي. ابراهيم ڪرل جي ٻولي ڏاڍي وڻندڙ ۽ خوبصورت آهي ائين ٿو لڳي تہ ڪردار اسان جي سامهون بيان ڪري رهيو آهي. ٻهراڙي ۽ شهري ماحول تي ڪهاڻيون لکندڙ ابراهيم ڪرل، سنڌي ٻوليءَ جو برجستو ڪهاڻيڪار آهي. اميد تہ سنڌس هي ڪيل ادبي پورهيو ضرور مڃتا ماڻيندو.

تخليقڪار فورم اوهان لاءِ هي ڪهاڻيون پيش ڪري رهيو آهي ان اميد سان تہ پنهنجي راءِ ڪان ضرور آگاهہ ڪندا.

**شاهن سمنگ**

**چيئرمين**

**تخليقڪار فورم، خيرپور**

# مُهاڳ

ادب درياهه جيان وهندڙ شئي آهي، ان ڪري اهو زندگيءَ جي اهم ضرورت بڻجي ويو آهي. اهو وهندڙ ان ڪري آهي جو ان ۾ هر وقت نوان جا وهڪرا شامل ٿيندا رهن ٿا، نه ته هوند ان مان ڌپ اچڻ شروع ٿئي ها. جيڪي ماڻهو ان ۾ نوان جا وهڪرا شامل ڪندا آهن اهي يقينن تخليقي صلاحيتون رکندڙ هوندا آهن. ابراهيم ڪرل هن ڪتاب جي مسودي ميل ڪرڻ کان ڪجهه مهينا اڳ پنن جو هڪ ٿهو ڏنو ۽ ڳنڀيرتا سان چيائين، "مون ڪهاڻيءَ ۾ نئون تجربو ڪيو آهي." مون سندس چهري جي سنجيدگيءَ جو جائزو ورتو. اڪين ۾ سوال ڏسي ورتم ته مون تهڙي مهل ڪو تبصرو نه ڪيو. ابراهيم ڪرل جيڪڏهن سنجيدا هجي ۽ ڳالهائڻ جي موڊ ۾ نه هجي ته لڳندو آهي جڻ هي موجود هوندي غير موجود آهي. پر اوچتو ئي اوچتو هن جي چهري تي رونق جو باغ ظاهر ٿي پوندو آهي ۽ چرچي سان گڏ پاڻ به کلي پوندو آهي ۽ اڳيان به ٽهڪن ۾ ٻڏي ويندا آهن، سندس چهري جي ڳنڀيرتا به ان ٻوڙان ٻوڙ ۾ لڙهي ويندي آهي. سو ان ڏينهن به ائين ٿيو، مليل ڪهاڻين جي ڳالهه به لڙهي وئي. جڏهن ابراهيم هليو ويو ته مون اهي پنا ڏسڻ شروع ڪيا. انهن پنن مٿان هڪ اڌ پنو پيل هيو جنهن تي لکيل هيو:

"سنڌي ڪهاڻي، ڳالهه، آکاڻي ۽ ڪهاڻيءَ کان ٿيندي افسانيءَ، مختصر ڪهاڻي رپوتاز ۽ ڪالم ڪهاڻيءَ تائين سئو سال مڪمل ڪيا آهن ۽ خاص ڪري سنڌي ڪهاڻي پنهنجي پرپور تاثر ڇڏيو آهي.

آءُ ڪهاڻي ڪافلي جو ننڍڙو سپاهي آهيان، ان حوالي سان ڪوشش ڪئي اٿم ته ڪهاڻي ۾ پنهنجي ذهن آهر هڪڙو تجربو ڪيو اٿم! خاص ڪري شاعريءَ ۾ ته ته سٽا، ٽيڙو، چئوسٽا ۽ پنج ڪهڙا صنفون رائج ٿي ويون آهن پر ڪهاڻيءَ ۾ طويل ڪهاڻي، مختصر

ڪهاڻي ۽ مٿي بيان ڪيل قسم رائج آهن. انهن شين ڪان هٽي ڪري مون جيڪو تجربو ڪيو آهي ان جو نالو "ٽہ لڙهي" جنهن کي "ٽہ ڪڙي" بہ سڏيو اٿم، هن تجربي ۾ ٽن مختصر ڪهاڻين کي شامل ڪيو اٿم. هر هڪ ڪهاڻي پنهنجا ڪردار، پلاٽ، مقصد ۽ فني لوازمات رکي ٿي ۽ هر هڪ ڪهاڻي کي پنهنجو ڪلائمس آهي، فرق اهو آهي تہ ٽنهي ڪهاڻين جا واقعا الڳ آهن ۽ متفقہ ڳالھ اها آهي تہ ٽنهي ڪهاڻين جي ڪردارن جو پاڻ ۾ ربط آهي. ائين سمجهو تہ ڪٽنب، پاڙو يا ٽر ساڳيو آهي، وقت جي وٿي آهي. وڏي ڳالھ تہ پهرين ڪهاڻيءَ ۾ ظاهر ٿيندڙ ٽي مثبت ڪردار ۽ ٽي منفي ڪردار، هر هڪ ڪهاڻيءَ کي ڪلائمڪس تي پهچائيندا، روانا ٿي وڃن ٿا. مثبت ڪردار جي جاءِ ٻيو مثبت ڪردار وٺي ٿو ۽ ائين ٽيئي ڪهاڻيون تسلسل ۾ هلن ٿيون ۽ هر ڪهاڻيءَ جو پنهنجو ڪلائمڪس آهي."

اڳيان پنان اتلايم تہ انهن ۾ سندس اهي تجرباتي ڪهاڻيون، "ملياڻي حليمان، رحيمان ۽ سفوران" هيون. مون اهي ڪهاڻيون پڙهيون. سوچڻ لڳس تہ ڪهڙي شئي نئين آهي؛ اها ئي تہ انهن ٽنهي ڪهاڻين کي "ٽہ لڙهي" چيو ويو آهي. ڇا اها ڳالھ ڪو وڏو تجربو آهي. يا ڪنهن فلم جو جيئن سيڪيوئل هوندي ان جيان انهن ڪهاڻين کي ڏٺو ۽ سمجهيو وڃي. مٿان وري خيال آيو تہ ڇا واقعي اڳ ۾ ڪهاڻين جي اهڙي ستاءُ کي ڪنهن اهڙو نانءُ ڏنو آهي. ناول ۾ تہ مون ترايولاجيز پڙهيون آهن، جنهن ۾ خاص ڪري نجيب محفوظ جا ٽي ناول جن کي *The Cairo Trilogy* چيو ويندو آهي، اهي ڏاڍا شاندار آهن. انهن ناولز جا نالا Palace Walk (1956), Palace Desire (1957) ۽ Sugar Street (1957) آهن. نجيب محفوظ انهن ٽنهي ناولن ۾ انهن ڪٽنبن جي زندگين جي ڪٿا بيان ڪئي آهي جن جي ٽن پيڙهين قاهره ۾ گذاريو. ان کي *The Cairo Trilogy,* نالو بہ ان ڪري ڏنو ويو آهي جو اهو ڪٽنب

قاهره ۾ رهندو هئو. جن ڪتنبن بابت اهي ناول آهن اهي اتي ٻن مهاپارين جنگين دوران رهيا. مصر ۾ چا وهيو واپريو ۽ کهڙيون ڏکائيون ڏنائون اهي تہ بيان ٿيل آهن پر جن خاندانن بابت ناول آهن انهن ۾ عورت ڪردارئي اهم بڻجي وڃن ٿا جو هڪ سخت گير مڙس جي زال ۽ ڌيئرن جي زندگيءَ جا ڌوجهرا بيان ڪيل آهن. ريتن جي ٽوڙن لاءِ ڪوششون ظاهر ٿيل آهن. بنيادي طور ٽرايولاجي ٽن پيڙهين جي سورن جي سامان ڪي لفظن سان دنيا سامهون رکيو ويو آهي. فلم يا ٻي ڪنهن بہ اظهار جي طريقي ۾ ٽراپالوجي ۾ جو مطلب ئي زندگي، تاريخ يا واقعن جي ٽن حصن ڪي ٽن لڙين واري مالا جي هڪ هار وانگر هڪ ڪرڻ آهي. سائنس فڪشن جي مشهور لکاري وليم گبسن جون پڻ ناولز جون چار ٽرايولاجيز مشهور آهن. اهڙو ٻيو نالو ازاڪ ايسوموف بہ جنهن فائونڊيشن سيريز تحت ٽرايولاجيز لکيون. ڪهاڻيءَ جي عظيم نالي چيخوف جي ڪهاڻين جي هڪ ٽرايلوجي "The Little Trilogy" جي نالي سان مشهور آهي، جنهن ۾ سندس ٽي ڪهاڻيون The Man in a Case, Gooseberries, ۽ About Love شامل آهن. اولهہ ۾ ٽرايولاجي ناول ۽ ڪهاڻي توڙي ڊگها ٽرايولوجي نظم اڄ بہ لکيا وڃن ٿا. ابراهيم ڪرل بہ "ٽن لڙين" وارو ڪهاڻين جو تجربو ڪيو آهي ان ۾ سنڌي سماج جي ٽن وهنواري روايتن ڪي اپٽاريو آهي، جيڪي الڳ الڳ هوندي هڪ ٻئي سان جڙيل آهن. سنڌيءَ ۾، تاريخ جي دورن بابت، ٽرايولاجيز وارو ناول جو ڪم سراج پاران ڪيو ويو. ابراهيم ڪرل اڄ جي سنڌ ۾ سماجي روين جي ڪتا پنهنجي ڪهاڻين جي ٽراپالوجي ۾ بيان ڪئي آهي، جنهن ۾ "مليائي حليمان" ڪهاڻي ۾ اسان وٽ مذهب توڙي سماجي روين جي زور تي مرداڻي ڏاڍ ڪي انتهائي فنائتي انداز ۾ بيان ڪيو اٿائين. نج سنڌي انداز ۾ سنڌ جو پيڙهيل ۽ ڏاڍ ڪندڙ طبقو پاڻيءَ مٿان تيل جيان ترندي نظر ايندو. ان سلسلي جي ٻي لڙي واري ڪهاڻي

“رحيمان” آهي. جنهن جي پهرين ڪهاڻي پڙهيل هوندي ان لاءِ ته هي ٻي قسط لڳي سگهي ٿي، پر جنهن جي پهرين ڪهاڻي نه پڙهيل هوندي ان لاءِ اها بلڪل نئين ڪهاڻي ئي هوندي جو پهرين ڪهاڻي توڙي هن ڪهاڻي جي اڻت وڏي ڪاريگريءَ سان ڪيل آهي. الزامن ۾ عورت جو قتل، ان تي فيصلا، سياست ۽ وري پلاند جي باهه... سڀ ڪجهه هن ڪهاڻيءَ ۾ حليمان جيان رحيمان جي قرباني ۽ وري اهو سلسلو سفوران تائين. ڪهاڻين جي اهم ۽ خاص ڳالهه اها آهي ته ابراهيم ڪرل ماحول، ڪردار، وقت ۽ ٻولي جو خاص خيال رکي جهڙوڪر سنڌ جي سماجي تاريخ به لکي آهي. ٻي خاص ڳالهه اها آهي ته واقعن سان جڙيل واقعا آهن، ڪردارن سان جڙيل ڪردار آهن پر ڪهاڻيون ڏار ڏار آهن. انهن ڪهاڻين جي ٻولي انهن جي ماحول ۽ ڪردارن سان اهڙي ته نهڪندڙ آهي جو پڙهندڙ به جهڙوڪر اهو ڪردار بڻجي وڃي ٿو.

انهن “ته لڙي” ڪهاڻين ڪان پوءِ “گلناز” ڪهاڻي هڪ ٻي ماحول ڏانهن وٺي وڃي ٿي جنهن ۾ اسڪول جي هڪ استاديائي جي زندگيءَ ۾ جهاتي آهي. استاديائين، خاص ڪري سينئرس ڪي، مئڊم به ڪونيو وڃي ٿو سو اها ڪهاڻي هڪ اهڙي ئي مئڊم جي آهي. نئين مزاج ۽ نئين ماحول ۾ پهچائڻ لاءِ ابراهيم ڪرل به وڏي استادي ڪان ڪم ورتو آهي. چو ته هي ڪهاڻي لائيٽ موڊ واري ڪٿا آهي. پر ان جي اندر زندگيءَ جي چرڪائيندڙ حقيقت به شامل آهي. هن ڪهاڻي جي اڻت ڪردارنگاريءَ جي فن سان اڳتي وڌائي وئي آهي. گلناز جي مزاج کي اپٽارڻ لاءِ بيان بجاءِ ايڪشن کي استعمال ڪيو اٿائين، جيئن: “**موبائيل فون تي مٿو هڻندي هن ڪي دير تي وئي ۽ پويان رزلٽ آئوٽ ٿي ويو انائونسمينٽ جو شرف مئڊم زرينه کي مليو ۽ جڏهن هيءَ اسڪول پهتي ته پروگرام پوين پساهن ۾ هيو، هن ڳڻي ڳڻي زرينه کي ته**

گاريون ڏنيون پر ماءُ، پيٽ ڪي ٻه نه بخشيو. جن جي ڪري ساٽس هي ويڌن ٿي هئي.“

يا وري هيئن: ”گلناز بيگم آلن وارن ڪي سُڪايو ئي ڪونه؟ اقبال جي هنيانءَ تي مڳ ڏرڻ لاءِ اِهوُ ٻه سانگ رچايو ته پلي ڏسي ۽ سندس اندر سڙي ۽ ڪيس اهو احساس ٻه شدت سان ٿئي ته هوءَ اجان پنهنجي لاءِ وَرُ ٻه ڳولهي نه سگهي آهي.

ڪيس اها ٻه ترڪيب سُجهي ته هوءَ هاف ٽائيم ۾ ام رباب سان ويهي جڏهن ناشتو ڪندي ته ”رات واري ماجرا وڌائي چڙهائي پيش ڪندي ته ڪيئن اڪبر خان ٽن مهينن ڪانپوءِ آيو. هن لاءِ ڪهڙيون ڪهڙيون سوکڙيون وٺي آيو.“

جڏهن ته ڪهاڻيءَ جو اينٽي ڪلائمڪس چرڪائيندڙ آهي. جملن جي چونڊ ٺهڪندڙ آهي. ڪردارن جي گهٽائي جي ڪري ڪجهه ڪردار اجان ٽريٽمنٽ لهڻا خاص ڪري سندس ڏيءَ گُڏي جيڪا هن جي زندگيءَ سان جڙيل آهي ۽ اقبال جيڪا سندس زندگيءَ سان جڙٽي آهي. ڪهاڻي پنهنجي جاءِ تي ختم ٿيل آهي، جيئن ڪنهن معياري ڪهاڻي جو هجڻ گهرجي.

اڳيئين ڪهاڻي ”آخري رات“ آهي جيڪا ماحول نگاري سان اٽيل آهي. ڪچي جي ماحول جي مهڪ ڪهاڻي پڙهڻ سان ئي ڪيفيت ۾ شامل ٿي وجي ٿي: ”سندس گهر ڪچي جي ايراضيءَ ۾ ٻيلي جي اوپارين مهڙ وٽ آهي، سندس گهر ڪان صرف ٻه گس نڪرن ٿا. هڪ جهلي بند ڏانهن ۽ ٻيو درياهه جي ڪپ ڏانهن، باقي ٻه پاسا گهاٽو جهنگ ئي جهنگ، جنهن ۾ گهڙڻ ڪانپوءِ ڪو، سونهون ئي نڪري سگهي ٿو...... ٻوڏ جي ڏينهن ۾، پهريان هيءَ چني جڏهن پربي آهي، ته سڄي ڳوٺ جو مال متاع ڏنار، هن چنيءَ ۾ لاهي، ڌائي راند ڪيڏندا آهن ۽ مشڪرين ۾ هڪٻئي ڪي ڏاڍا گوپاٽا ڏيندا آهن........ جڏهن پٽاريون چين ڪري موٽنديون آهن ته ڪين ولو ڏئي اچي وٽاٽين پيڙو ڪندا آهن، بجلي نه هجڻ ڪري هر گهر

۾ رات جو دير تائين باھڙي پئي ٽمڪندي، جنهن جو ڏس، سڌ پنڌ تي پيو ملندو ڇو تہ عام زمين کان سندن گھر پنجن کان ڏهن فٽن تائين مٿيءَ جي هٿرادو پيل پراءِ، تي اڏيل آهن، جن کي پناھ ڪا ورلي هوندي نہ تہ مڙئي خير.“

اهڙي منظرنگاريءَ ڪانپوءِ ڪڇي جي زندگيءَ جي ڄاڻ لاءِ ڳالھ پاڻھي ڪلي بيهي ٿي تہ اها ڪهاڻي ان زندگيءَ جو اپٽار هوندي ۽ تہ لڙين وارين ڪهاڻين جيان ماڊرنزم ۽ ڪلاسيڪيت جو رچاءُ هوندي. جڏهن تہ ان زندگيءَ بابت ڄاڻ نہ رکندڙن لاءِ هي ڪهاڻي بلڪل ايئن هوندي جيئن ڪين ڪو ڪڇو گھمائي رهيو آهي ۽ اتان جي سماجي سائنس ٻڌائي رهيو آهي. ڪهاڻي Descriptive آهي ان ڪري ليکڪ آزاديءَ سان پنهنجي مک ڪردار جي واقعن ۽ ان جي ماضيءَ ۾ داخل ٿي وڃي ٿو. مان هتي ڪهاڻي جو تت ان ڪري نہ پيو ڏيان جيئن پڙهندڙ لاءِ ڪهاڻي نئين رهي. ڪهاڻي فلسفو اهو آهي تہ واقعا ۽ ماڻهو پاڻ ۾ اهرو جڙيل هوندا آهن جو ان ڇيد وقت ڪندو آهي، روزاني وهنوار ۾ ماڻهوءَ کي خبر ئي نہ ٿي رهي تہ هن جو پنڌ ڪيئن انهن قبرن ڏانهن وڌي ٿو جن بابت ڪو گمان ئي نہ هوندو آهي، پر زندگيءَ جو ڏيئو ٻرندو رهندو آهي.

ابراهيم ڪرل ڪهاڻي ”مرغو نمبر-5 “ ۾ ڪڇي مان ڪڍي پڪي ۾ وٺي اچي ٿو. هي ڪهاڻي جديد انداز جي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ ڳوٺن ۾ داخل ٿيندڙ ڪميونيڪيشن ٽيڪنالاجي جي استعمال کان وٺي ڳوٺ سان تعلق رکندڙ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندڙ نوجوان جي رويئي ۽ لاڙي کي بيان ڪيو ويو آهي ۽ گڏوگڏ اڌ شهري ۽ اڌ ڳوٺاڻي مزاج جو ڪاڪ ٽيل هن ڪهاڻي جي مک خوبي آهي. ڪهاڻي جتي ختم ٿئي ٿي اتي ان جو اهو حصو مشهور لطيفي مان متاثر نظر اچي ٿو. جيڪو بنيادي طور وڏي حقيقت بہ آهي. هن ڪهاڻي جيان ”جندو پاڙو“ ڪهاڻي بہ شهري ۽ ڳوٺاڻي زندگيءَ جو ڪاڪ ٽيل آهي. بنيادي طور سنڌي سماج جي ڳوٺاڻي ۽ شهري زندگي تيزيءَ سان گڏبي وڃي ٿي ان ڪري اهڙو ادراڪ رکندڙ ليکڪ ئي اهڙي موضوعن وارين ڪهاڻين سان انصاف ڪري سگھي ٿو. ٻنهيءَ جا ڇيڙا پڪڙڻ سولو ڪم ناهي، پر ابراهيم

جون ڪھاڻيون نہ رڳو انھن چيڙن کي پڪڙي بيٺيون آھن پر انھن کي خوب جڪڙي بہ ڇڏيو اٿائون. ان جو سبب اھو آھي تہ ھن ڪردارن کي آزاد ڇڏيو آھي، جھڙا آھن تھڙا ئي رھڻ ڏنا آھن.

جڏھن مون ڪھاڻي ”پھرين ملھہ“ عنوان پڙھيو تہ ڇرڪ نڪري ويو تہ ڪٿي اھا ”پھرين مراد“ ڪھاڻي مان متاثر تہ نہ ھوندي، پر ايئن ناھي اھا حقيقي ڪردارن جي ڪھاڻي لڳي رھي جيڪا واقعي ملھہ پھلوان جي ئي آھي. اصل نالا ۽ اصل جايون. حاڪم شاھہ پٽ واري جو ميلو ، ارباب پٽي، شمن شاھہ ۽ ٻين ملھہ پھلوانن جي نالن سان گڏ اسان جي ڳوٺ جھانپور جي ملھہ پھلوان الھڏتي اعواڻ جو ذڪر، جيڪو مون سان ساڳئي اسڪول ۾ گڏ پڙھيو ھيو. نج سنڌي ڳالھائيندو ھيو. ايئن تہ آءِ آر ۾ مون کي ۽ ٻين ڪيترن کي پڙھائيندڙ استاد امان پٽيءَ جو بہ ڪھاڻي ”مرغو نمبر-5“ ۾ ذڪر ڪيو اٿائين. اھي ڪھاڻيون سوشل ريئلزم جي پيرائي ۾ اچن ٿيون. ملھن بابت ڪھاڻيءَ ۾ ابراھيم ڪرل ٻولي بہ خوب ڪتب آندي آھي. ان راند بابت مڪمل ڪھاڻي ھن کان اڳ ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ ئي ھوندي، پر ھي ڀرپور ڪھاڻي آھي جڻ ملھہ سامھون ٿي رھي ھجي: ”پوءِ جڏھن ٻنھي سندرا سنياريا تہ مڙسن ڏھہ منٽ تہ رڳو ھڪ ٻئي جا پاٽي ڪڇيا ۽ پوءِ اندريون، جاننا، مُنين جا مروٽا، گوڏا ڪوڙ، لڳي پئي ھئي. پر ڪير ڪنھن کي جاءِ ئي نہ پيو ڏي.
پوءِ اعواڻ ڄنگھہ ويجھي ڪئي تہ پٽي، پٽي جاننو وھائيس، جڻ ھٿوڙو وھائي ڪڍيائينس. اعواڻ جي ڄنگھہ لڏي وئي ۽ اھل ڪري بيٺي. پٽي پير پختو ڪري نڪاءُ جو ٻي ڄنگھہ ۾ جاننو ھنيس تہ اعواڻ جا ھوش خطا ٿي ويا. مٿو مٿي سان ملائي، اتي وڄي. ٿوڙيائينس، جتي سڪي پٽڻ ھئي.“

ملاڪڙي ۽ ملھہ پھلواني بابت مون اڳ اھڙي ڪھاڻي اڳ ڪڏھن بہ ناھي پڙھي ۽ جيئن ابراھيم ڪرل لکي آھي تھڙي شايد ٻيو ڪو لکي بہ تہ اھڙي ٻيھاري نہ سگھندو، جنھن ۾ ڪھاڻي بہ ھجي ۽ ملھہ راند جي سموري رمز بہ ھجي.

هن ڪهاڻين جي ڪتاب جي ٽائٽل ڪهاڻي ”موتي ايندس مان“ آهي. هي ڪهاڻي Time psychology ۽ Generation complex جو بهترين اظهار آهي. تيزي سان بدلجندڙ انساني رشتن جا جيڪي نوان الميا جنم وٺي رهيا آهن انهن مان هڪ وڏي الميئي کي Descriptive انداز ۾ لکيو ويو آهي ۽ ابراهيم ان لکڻ جي انداز جي آزاديءَ مان ڀرپور فائدو وٺندي نظر آيو آهي جتي هو پاڻ به اندر وڃي ٻاهر نظر اچي ٿو. پنهنجي لکڻ جي فن سان پورو پورو انصاف ڪيو اٿائين.

**ممتاز بخاري**

♦ سکر ـ سنڌ
16 ڊسمبر 2016ع

# اَ- مُهاڳ

ابراهيم ڪرل جي نالي سان نسيم ڪرل ياد اچي وڃي ٿو. نسيم ڪرل جيڪو سنڌيءَ جو وڏو ڪهاڻيڪار هو ۽ ڪيترين ئي لازوال ۽ شاهڪار ڪهاڻيون ڏئي ويو. ان ڳالهه جو مقصد اهو هرگز ڪونهي ته ٻيو ڪو ڪرل ڪهاڻيون لکي ته هن کي نسيم ڪرل سان ڀيٽيو وڃي. ابراهيم جي لکڻ جو پنهنجو انداز آهي ۽ هن پنهنجي الڳ واٽ ناهي ڪهاڻيون لکيون آهن. ”موٽي ايندس مان“ ابراهيم ڪرل جي ڪهاڻين جو ٽيون مجموعو آهي. جيتوڻيڪ هن مجموعي ۾ ڪهاڻين جو تعداد ٿورو آهي، پر معيار جي لحاظ کان اهي ڪهاڻيون سنڌي ادب ۾ اهم جاءِ والارڻ جوڳيون آهن.

سنڌي ڪهاڻيڪارن جي گهڻائي ڳوٺن سان تعلق رکي ٿي، ان ڪري سندن ڳوٺاڻي ماحول جو مشاهدو تيز آهي. سندن ڪهاڻين ۾ روزمره جي ڳوٺاڻي زندگي، اتي جي ماڻهن جا ڏک سک، اٿڻي ويهڻي، ڇيڙيون نبيريون، حقيقت نگاري سان پيش ڪيل آهن. ڳوٺاڻي زندگي، اتي جي ماحول جي منظر نگاري، نج سنڌي ٻوليءَ جي حسناڪي، انهن ڪهاڻين جون خاص خوبيون آهن، پر اهي ساڳيا ڪهاڻيڪار جڏهن شهري زندگي جي تناظر ۾ ڪهاڻيون لکن ٿا، ته سندن انداز غير فطري ۽ گهڙيل لڳي ٿو. وري به منهنجي ذهن ۾ نسيم ڪرل جو نالو اچي ٿو جنهن کي ڳوٺاڻي، توڙي شهري ماحول جي تناظر ۾ ڪهاڻين لکڻ تي

دسترس حاصل هئي. ان ڏس ۾ ابراهيم ڪرل به پوئتي پيل ڪونه ٿوي لڳي. بلڪ هن ڳوناڻي ۽ شهري ماحول جي آميزش سان سنيون ڪهاڻيون لکيون آهن. ”جندو پاڙو“، ”موتي ايندس مان“ ۽ ”مرغو نمبر 5“ اهڙي قسم جون ڪهاڻيون آهن.

”جندو پاڙو“ ڪهاڻي ۾ مجبورين جي احساسن ۽ ڪيفيتن جو خوبصورت اسلوب ۾ بيانيه اثرائتو آهي. ڪهاڻيءَ جي پڇاڙيءَ وارو جملو ”۽ هن جا سڏڪا لڙن جي سٽڪي ۾ دٻجي ويا هئا“ هنيانءَ ۾ چڀي وڃي ٿو.

”موتي ايندس مان“ ڪهاڻي پڙهي ائين لڳي ٿو ڄڻ ”جندو پاڙو“ ڪهاڻي جي ٻي صورت يا Version هجي، ٿوڙي ڦير گهير سان ٻنهي ڪهاڻين جو موضوع ساڳيو آهي. ٻنهي ڪهاڻين ۾ ڳوٺ مان شهر ۾ منتقل ٿيڻ بعد ذهني ۽ معاشرتي ٻي پاڙي تبديلين ڪي وائکو ڪيو ويو آهي. اهو هڪ اهڙي صورتحال جو بيانيه آهي، جنهن ۾ فرد خواهشن جي پورائي جي لاءِ مصلحتن جي ڏٻڻ ۾ ڦاسجي، پنهنجين پاڙن کان ته ڪٽجي وڃي ٿو، پر جنهن نئين ماحول کي پنهنجو ڪرڻ چاهي ٿو، سو ڪيس قبول نٿو ڪري. نتيجي ۾ هو هڪ لحاظ کان اوپرو بنجي رهجي وڃي ٿو. معاشرتي فرق هجڻ سان گڏ، هڪ وڏو سبب اهو به آهي ته وڏن شهرن جو ماحول سنڌ جي تهذيبي ۽ ثقافتي قدرن کان ڪٽيل ۽ ڌاريو آهي. سنڌ جي ڳوٺن سان واسطو رکندڙ نوجوانن جي لاءِ اهو هڪ وڏو الميو آهي، جيڪي من اندر اڻ ڪٿ خواهشون ڪٽي حيدرآباد ۽ ڪراچي جهڙن وڏن شهرن ۾ اچن ٿا ۽ اتي جا ئي بنجڻ جي چڪر ۾ مصلحتن جي بار هينان دٻجي پنهنجو پاڻ کي وڃائي ويهن ٿا. ”موتي ايندس مان“ ٻي لڙي آهي ”جندو پاڙو“ ڪهاڻيءَ جي ـ پر پنهنجي جاءِ تي اها هڪ ڀرپور ۽ اثرائتي ڪهاڻي آهي. هن ڪهاڻيءَ جي وڏي سگهه ان جي ڪردار نگاري آهي، جنهن تي ابراهيم ڪرل کي دسترس حاصل ٿي چڪي آهي.

موبائيل فون عام ٿيڻ ڪي ٽيڪنالاجي جي ترقي سڏيو وڃي ٿو، پر ان سان گڏوگڏ، توڙي شهرن ۾ زندگيءَ جي معيار تي ڪو فرق نہ پيو آهي. معاشرتي ۽ معاشي بدحالي، اها ساڳي آهي، البتہ معاشرتي بگاڙ ضرور پيدا ٿيو آهي. اخلاقي قدر بہ بدلجي رهيا آهن. اڻ ڏٺل غير واقف مردن ۽ عورتن جا موبائيل فون تي ڪوڙن سچن عشقن جا داستان ۽ انهن جا اگرا نتيجا ڪڏهن تہ پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا تائين پهچي ويندا آهن. ابراهيم ڪرل جي ڪهاڻي ”مرغو نمبر 5“ ۾ ان نئين حقيقت کي وائکو ڪيو ويو آهي. ڪهاڻي دلچسپ انداز ۾ لکيل آهي جنهن ۾ طنز پڻ سمايل آهي. البت ڪهاڻي جي پڇاڙي ۾ پنهل کي اها ضرورت ڇو ٿي محسوس ٿئي، جو هو پنهنجو موبائيل فون ڪڍي، نسرين جو نمبر ملائي ڏسي ٿو، ان ڳالهہ جو ڪو جواز نظر ڪونہ ٿو اچي.

عالمي ادب ۾ ناولن جي ٽرائلاجي جو رواج عام آهي. ناولن جي پيٽ ۾ اهڙيون ڪهاڻيون جن ۾ ساڳئي صورتحال، ساڳين ڪردارن کي کڻي سلسليوار بيانيہ هجي سو تمام گهٽ آهن. مختصر ڪهاڻيءَ جي استاد ڪهاڻيڪار چيخوف جون، ٽرائلاجي ڪهاڻيون لکيل آهن:

1. The Man in a case
2. Gooseberries
3. About Love

ڪن ٻين ڪهاڻيڪارن جون بہ ڪجهہ ٽرائلاجي ڪهاڻيون آهن. سنڌيءَ ۾ ڪهاڻيون تہ نہ، البت ڪجهہ ناول ٽرائلاجي طور لکيا ويا آهن. آئون سمجهان ٿو تہ ابراهيم ڪرل سنڌ توڙي هند ۾ پهريون ڪهاڻيڪار آهي. جنهن ٽرائلاجي طور ڪهاڻيون لکيون آهن. ”ملياڻي حليمان“، ”رحيمان“ ۽ ”صفوران“ ٽي ڪهاڻيون ٽن لڙين ۾ پويل، هڪ ئي موضوع تي ساڳين ڪردارن کي کڻي لکيون ويون آهن. هونءَ ابراهيم ڪرل چاهي ها تہ انهن ٽن ڪهاڻين کي هڪ طويل ڪهاڻي جي روپ ۾ لکي سگهي ها، پر هن هي هڪ تجربو ڪيو آهي، ٽن مختلف ڇوڪرين ملياڻي حليمان، رحيمان ۽ صفوران جا ڪردار هڪ ٻئي سان لاڳاپيل ۽ ساڳئي صورتحال مان گذرندڙ آهن. ”مُلياڻي حليمان“ ۽ ”رحيمان“

ڪهاڻين جا انت، الميہ آهن. ”صفوران“ ڪهاڻيءَ جو انت بنهہ مختلف ۽ پڙهندڙن جي لاءِ چرڪائيندڙ آهي. لفظن جي ڪفايت شعاري تي لکيل ٿنهي ڪهاڻين جو بيانيہ دلچسپ آهي. سنڌ جي سڀ ڪان وڏي روڳ وڏيرڪي نظام ۾ ماڻهو زندگي ڪيئن گذارين ٿا، ان جو چٽ چٽيل آهي ان ڪهاڻي ٽرائلاجي ۾.

”گلناز“ ۽ ”آخري رات“ وچٽريون ڪهاڻيون آهن.

ملهہ سنڌ جي قديم ۽ روايتي راند آهي جنهن کي بدقسمتيءَ سان سرڪاري سرپرستي حاصل نہ ٿي سگهي آهي. اهو ئي سبب آهي جو وڏا وڏا ناميارا ملهہ، ڪسمپرسي جي زندگي گذارڻ تي مجبور ٿي ويندا آهن ۽ سندن سار لهڻ وارو ڪير بہ نہ هوندو آهي. ابراهيم ڪرل جي ڪهاڻي ”پهرين ملهہ“ ۾ هڪ نامور ملهہ جي ذاتي زندگيءَ جي مسئلن، مجبورين ۽ گڏوگڏ ملهہ سان سلهاڙيل ملاڪڙن ڪرائڻ وارن جي مفادن ۽ مصلحتن کي فنڪاريءَ سان بيان ڪيو ويو آهي. زوردار اسلوب، ملهہ سان واسطو رکندڙ اصطلاح ۽ ٻوليءَ جي خوبصورتيءَ سان گڏ ڪردار نگاري، هن ڪهاڻيءَ جون اهم خوبيون آهن. ”پهرين ملهہ“ بلاشڪ سنڌي ادب جي هڪ شاندار ڪهاڻي آهي.

ابراهيم ڪرل ۽ سندس همعصر ڪهاڻيڪارن کي پڙهي لڳي ٿو تہ سنڌي ڪهاڻي، جي وهڪري ۾ ڪا بہ گهٽتائي نہ آئي آهي.

**شوڪت حسين شورو**

♦ ڄامشورو - سنڌ
23 ڊسمبر 2016ع

# منهنجو بابا

اڄ مونکي جنهن هستيءَ تي لکڻ جو موقعو ملي رهيو آهي ان تي ڳالهائڻ لاءِ مون وٽ اهي لفظ ناهن جو مان بيان ڪري سگهان، اها عظيم هستي ۽ انمول هستي آهي منهنجو بابا ـ اهو منهنجي لاءِ تمام مشڪل ڪم آهي تہ مان انهن جي شخصيت ۽ پيار ڪي هتي چند لفظنِ ۾ ٻڌائي سگهان. پر پاڻ ڪي خوشنصيب سمجهان ٿي تہ مان اهڙي اولادِ مان آهيان جنهن ڪي اهو موقعو مليو تہ مان پنهنجي بابا لاءِ، ان جي دوستن ڪي ٻڌائي سگهان تہ هي آهي منهنجو بابا. خوشقسمت هوندا آهن اهي ٻار جن جي مٿن تي پيءُ ۽ ماءُ جو هٿ هوندو آهي پر ان ڪان بہ وڌيڪَ مان پاڻ ڪي خوشقسمت سمجهان ٿي جو مونکي بابا جهڙو انسان As a father خدا تعاليٰ عطا ڪيو. چوندا آهن تہ پيءُ پنهنجون فيلنگس "Feelings" اولاد لاءِ ظاهر نہ ڪري سگهندو آهي پر مان ان چوڻيءَ ڪي غلط ثابت ڪنديس چو تہ مان پنهنجي بابا جو پيار ۽ محبت انهن جي دڙڪن ۾ محسوس ڪيون آهن جيڪي منهنجين غلطين تي مونکي ڏيندو آهي. هونئن تہ سيني جا والدين پنهنجي اولاد ڪي سٺي تربيت ڏيندا آهن چو تہ اهو سندن فرض آهي. هڪ ڊووٽيڊ پيءُ، پنهنجي اولاد ۽ گهر لاءِ گهڻين تڪليفن ڪي منهن ڏيندو آهي ۽ انهن تڪليفن ڪي صبر سان سهندو آهي چو تہ سون ڪي باھ سان آزمايو ويندو آهي ۽ مؤمن ڪي تڪليف سان ـ مان پنهنجي بابا ڪي نہ صرف ڊووٽيڊ فادر نہ پر پرفيڪٽ فادر وانگر ۽ ريسپانسبل فادر ڏٺو آهي. صبح جو سوير اٿڻ، اسان ڪي اٿارڻ ۽ ٽائيم سان اسڪول ڇڏڻ، پاڻ ڪاليج وڃڻ ۽ ٽائيم تي واپس

وٽي اچڻ مونکي ياد ناهي تہ ڪڏهن هنن اسانکي انتظار ڪرايو هجي. اسان کي ٽيوشن تي ڇڏي اچڻ يونيورسٽي وڃڻ ۽ واپسيءَ ۾ ديري ملڪ ۽ آئيس ڪريم سان گڏ واپس وٽي اچڻ مون پنهنجي بابا کي راتيون جاڳندي ڪم ڪندي ڏٺو آهي ڪڏهن يونيورسٽي جا ليڪچر تيار ڪندي تہ ڪڏهن اسڪرپٽ لکندي ڪڏهن ڪهڙو تہ ڪڏهن ڪهڙو ڪم، رات جي ڪچهري مهل اسان جو ڪم چيڪ ڪرڻ ڳالهيون ڪرڻ ۽ پوءِ ٽائيم تي گڊ نائيٽ چوڻ ۽ ٽيبل لئمپ ٻاري پنهنجو ڪم ڪرڻ ۽ چانهہ جي فرمائش ڪرڻ ـ مون بابا جي واتان ڪڏهن بہ اهو نہ ٻڌو تہ اڄ جو ڪم سڀاڻي ـ هن اسان لاءِ ڇا ڇا نہ ڪيو؟ نہ ڏينهن ڏٺو نہ رات نہ سيءُ ڏٺو نہ گرمي بابا اسان کي تسبيح جي داڻن وانگر هڪ ڌاڳي ۾ پوئي رکيو. مون وٽ ايترا لفظ ناهن جو مان بيان ڪريان But who is the person which love and fully devoted to his work.

حد کان وڌيڪ هيلپ فل نہ صرف پنهنجي اولاد لاءِ بلڪہ سيني دوستن لاءِ بہ، بابا کي ڪتاب گهڻا پسند آهن بابا جي هڪ لئبريري آهي جنهن ۾هر ڪتاب هڪ سيريز ۾ سيٽ ٿيل آهي. بابا کي هر هڪ ڪتاب جو رنگ ۽ ڪتاب جو نالو ياد آهي. جنهن ڪتاب جي ضرورت پوندي صرف رنگ ۽ شيلف جي لائين ٻُڌائيندو ـ هٿ وجهو تہ ڪتاب حاضر.

هڪ دفعي اسان لاڙڪاڻي وياسين ـ جلوس سبب رستو بند هيو بابا گاڏي مان لٿو ۽ سامهون ڪتابن جي اسٽال ڏانهن هليو ويو. واپسيءَ تي سندس چهري تي مرڪ هئي ۽ سندس هٿ ۾ هڪ ڪتاب سيرت النبي جيڪو سليمان ندوي جو لکيل هو. بابا کي جڻ قيمتي ڪتاب ملي ويو هو ـ ”علم خزانو آهي“ گهٽ ماڻهو سمجهن ٿا پر مونکي فخر آهي تہ منهنجو بابا هن خزاني جو مالڪ آهي“.

بابا جي باري ۾ ڳالهايان تہ شايد سڄو ڏينهن گذري وڃي. بس آخر ۾ اها دعا رب عزت کان جيڪو مشرق وارن کي ڏسي ٿو ۽ مغرب

وارن ڪان واقف آهي جيڪو ائين معاف ڪرڻ وارو آهي جو سالن جا گناهه هڪ پل ۾ معاف ڪري ڇڏي. اهو رب منهنجي بابا ڪي علم برڪت جان مال ۽ تمام خوشيون ۽ هر پل پنهنجي ياد عطا فرمائي (آمين).

## ڊاڪٽر ڪائنات ڪرل

♦ بقائي يونيورسٽي آف ميڊيڪل سائنسز
ڪراچي ـ سنڌ
06 مارچ 2017ع

# پنهنجي پاران

موٽي ايندس مان ـ ڪهاڻين جو ڪتاب آهي جنهن ۾ منهنجون يارنهن ڪهاڻيون شامل آهن. هن کان پهريان منهنجي ڪهاڻين جو ٻيو ڪتاب ”درياءَ جي هُنَ پارِ“ 2003ع ۾ ڇپيو هو لڳ ڀڳ 13 سالن جي وٿيءَ ڪانپوءِ هن ڪهاڻي ڪتاب سان اوهان آڏو حاضر آهيان. ڪائي مٺ سٺ ڪانهي. اوئين اوچيان ٿو اوئين لڪان ٿو. اوئين اٿان ٿو اوئين گهمان ٿو. اوئين موٽر سائيڪل تي هڪ هنڌان ٻي هنڌ پهچان ٿو. ليڪچرر مان ٿوري ترقي ڪري اسسٽنٽ پروفيسر ٿيو آهيان. دل جي ڌڙڪن ساڳي رفتار ۾ آهي. آس پاس ۾ ڪجھ ڀڳو، ڀريو، سڙيو آهي پر لڪايو ڪونهي. هونئن ڀي ماڻهو مري ٿا وجن ته انهن جي پنيان ڪير ٿو مري، هرڪو پنهنجي زندگي جيئي ٿو. ائين ڪهاڻي به اڳتي وڌندي ٿي رهي. نون ڪردارن سان، نون لاڙن ۽ مروج ٿيندڙ ورتائن سان ـ ڪالھ ڪهاڻين جا موضوع سماج سان سلهاڙيل هئا اڄ ڀي آهن. دنيا ترقي ڪئي آهي ته ڪهاڻي ۾ ”جديديت پڇاڻان“ جهڙو موضوع ظاهر ٿيو آهي. جديد سنڌي ڪهاڻي هڪ سؤ سال پورا ڪيا آهن ۽ پنهنجا فارم به مٽايا آهن. ڪهاڻي اڌ ڪلاڪ يا ڪلاڪ کان ٿيهن سيڪنڊن تائين پهتي آهي. آزاد نظم کان به ننڍي رڳو تاثر يا ائين ڪٽي چئون ته ”چمڪو“ جيئن ڪنوڻ جو چمڪاٽ، يا ڪيميرا جي فليش اوندھ ڪي روشنيءَ جو احساس ڏياري. اهڙي ادب کي چيو ئي فليش ادب وڃي ٿو. باقي ڳالھ وڃي ڀرپور تاثر جي رهي ٿي. لطف جي رهي ٿي ولئَ جي خوبصورتيءَ، لفظن جي جڙاءَ، علامتن جي ڳنڍ جي، جذبن جي جوالاجي، تشبيهن جي تاءَ جي ته اهي اجاريون رهجي وڃن ٿيون. انهن جي پر ڪيف جڪڙ، مان

اسين آجا ٽيندا تا وجون اسان جي ادب ۾ چسائپ ايندي ٿي وجي. اوهان ان شيءِ کي ڪيئن ٿا محسوس ڪيو؟

مون هن ڪتاب ۾ شامل ڪهاڻين جي حوالي سان، صرف هڪڙي ڳالهه شيئر ڪرڻ پي چاهي. اها آهي هڪ ننڍڙي تجربي جي حوالي سان سچ پچو ته مون پنهنجي آڏار تي هڪ ڳالهه محسوس ڪئي جڏهن هڪ واقعو مون کي ڪيترن سالن کان جنجهوڙي رهيو هو. لڳ ڀڳ زندگي جا ويهه سال مون انهي واقعي تي نه لکي سگهيو. سوچيم ته لکندس ته ڳالهه پڌري ٿي پوندي. پر انهن عورتن جي روحن مون کي هميشه لکڻ تي مجبور ڪيو. مون جڏهن اهي ڪهاڻيون لکيون ته عجيب تسلسل نهي پيو. جنهن کي مون ”ته لڙهي“ يا ”ته ڪڙي “ جو نالو ڏنو آهي جيئن سان ٻڪرين رڍن ڳئن ۽ مينهن کي ڳچيءَ ۾ پارائڻ لاءِ ڳاني ناهي پارائيندا آهيون، اها ڳاني ٻن لڙهين واري به ٿئي ته ٽنل ڙهين واري به ٿئي. پر ان جو پاڻ ۾ جڙاءُ اهڙو هوندو آهي جو لڳندو آهي ته اها هڪ ئي ڳاني آهي. سو مون به اهو خيال ذهن ۾ رکي ٽن ڪهاڻين جي تربيت کي ته لڙهي ڪهاڻي سڏيو آهي. جنهن ۾ ڪردار تقريبن ساڳيا آهن. مکيه ڪردار جيڪي مثبت آهن انهن جو پاڻ ۾ لاڳاپو آهي. ۽ اهي تسلسل ۾ هلن ٿا. وقت ۽ حالتون انهن کي پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ اتساهين ٿيون. منهنجي ڪردارن جي پڻ اٽت ساڳي آهي. اوهان جيڪڏهن هنن ٽن ڪهاڻين کي جدا جدا ڪري پڙهندؤ ته توهان کي انهن جو تاجي پيٽو ـ وچ ۽ ڪلائيميڪس الڳ الڳ لڳندو ۽ هر ڪهاڻي هڪ مڪمل ڪهاڻيءَ جو تاثر پيش ڪندي. پر جيڪڏهن اوهان گڏي پڙهندؤ ته اوهان کي هي ٽي ڪهاڻيون هڪ ئي تسلسل جو عڪس پسائينديون. ٽه لڙهي ڪهاڻين ۾ پهرين ڪهاڻي ”ملياٽي حليمان“ ٻي ڪهاڻي ”رحيمان“ ۽ ٽئين ڪهاڻي ”سفوران“ شامل آهي جڏهن ته فليش ادب جي طرز تي لکيل مختصر ته لڙهي ڪهاڻي عمر1، عمر 2 ۽ عمر 3 شآمل ڪهاڻين

تي مبني ته لڙهي ڪهاڻي آهي. باقي ڪتاب ۾ به ڪهاڻيون منهنجي شروعاتي دؤر جون لکيل ڪهاڻيون آهن. جيڪي رسالن ۾ ڇپيل آهن. جن مان ”آخري رات“ ڪڇي جي پس منظر ۾ لکيل ڪهاڻي آهي. جنهن کي مون اوئين رهڻ ڏنو آهي ۽ ٻي ڪهاني جيڪا ”جندو پاڙو“ جي نالي سان آهي هي ڪهاڻي مون ان ڪري هت ڏني آهي ته هن ڪهاڻيءَ جو تسلسل ”موتي ايندس مان“ ڪهاڻي سان ملي ٿو اڳتي هلي ان تسلسل جي ٽئين ڪهاڻي لکيم ته ان کي به ته لڙهي جي فارم ۾ آڻيندس!

مان انتهائي ٿورائتو آهيان پنهنجي دوست ممتاز بخاريءَ جو جنهن نه صرف اتساهيو پر ڪهاڻين تي مهاڳ به لکي ڏنو. سچ پڇو ته مون هن کان اڳ سواءِ سراج جي ناولن جي ٽيالاجي وغيره ناول يا ڪهاڻيون ڪونه پڙهيون هيون، ممتاز بخاري جي مهاڳ ۾ اهڙو ذڪر پڙهيو اٿم! بخاري منهنجو 28 سالن جو دوست آهي ڪيس تمام سٺي ڄاڻ آهي. هاڻي به ڪيتو ڪيون وينو آهي ته ناول لکي ڏي. دعا ڪيو ته جلد يار جي خواهش پوري ٿئي!

مان تمام گهڻو ٿورائتو آهيان سائين شوڪت حسين شوڪري صاحب جو جنهن ڪهاڻي جي حوالي سان مختلف مضمونن ۾ مونکي ڪوٺ ڪيو آهي. هن ڪتاب جي سلسلي ۾ جڏهن ساڻس ڳالهه ٻولهه ٿي ته سائين ڪجهه ڪهاڻين تي يا منهنجي باري ۾ به اکر لکي ڏيو ته پاڻ چيائون ڪهاڻيون موڪلي ڏي. مون پنج ڪهاڻيون موڪلي ڏنيون. پاڻ ته لڙهي ڪهاڻي پڙهي ميسيج ڪيائون ته ”يار هي ته ناول جو مسودو ٿو لڳي. مون وضاحت ڪئي ته سائين هي ڪهاڻيون آهن. وڏا وڙ سائين جن جا جو به اکر به ايترا شاندار لکي موڪليائون جو آءٌ شرمندو پيو ٿيا ته جيڪر ممتاز بخاريءَ سان مهاڳ جي ڪمٽمينٽ نه هجي ها ته شآيد آءٌ شوڪت شورو جي هن راءِ کي مهاڳ طور شامل ڪيان هان. شوڪت صاحب اوهان جو پيار اکين تي ـ احسانمند رهندس

ڪجھ مهينا اڳ مون هڪ ڪهاڻي ”گلناز“ ويڪلي ڪاوش مئگزين کي موڪلي هئي. جيڪا شايع ٿي هئي ته منهنجي ڪاليج ڪليگ سائين منظور بيدار صاحب ان ڪهاڻيءَ تي ميسيج ڪري راءِ ڏني هئي ڪيس ڪهاڻي وڻي هئي. مون سندس راءِ کي ڪتاب جي فليپر تي رکي ڇڏيو آهي. منظور بيدار صاحب بهترين انسان آهي مان سندس ٿورائتو آهيان.

مان انتهائي مشڪور آهيان ياءُ امر اقبال جو جنهن منهنجي هن ڪتاب تي پڻ راءِ ڏني آهي. مونکي ياد آهي 1991ع ۾ جڏهن اسان جو شاعريءَ جو گڏيل ڪتاب ”تنهنجي وئي ڪانپوءِ“ جنهن۾ حبيب ساجد، علي عابد ۽ مان، شامل هئاسون ته ان وقت به امر اقبال اها راءِ ڏني هئي ته مان شاعري ڪرڻ بجاءِ بهتر ڪهاڻيون لکي سگهان ٿو. ۽ مان ان راءِ تي عمل ڪيو هو. امر سائين مان اوهان جو ٿورائتو آهيان.

مان پنهنجي ڌيءَ ڊاڪٽر ڪائنات جو به ٿورائتو آهيان جنهن منهنجي ڪتاب اچڻ ۾ انٽريسٽ ورتو. وقت بوقت پڇندي رهندي آهي ۽ پنهنجا به چار لفظ، مون لئه لکيا اٿائين. جيڪي منهنجي لاءِ الئه ڇا آهن. جو مان سمجهان ٿو ته منهنجي سموري اولاد مان ڪيس ئي منهنجو وڏيڪَ اونو هوندو آهي.

مان پنهنجي پٽ شاهزيب جو شڪر گذار آهيان جنهن پروف جون به پرتئون ڪڍي ڏنيون ۽ ذاتي لڳاءُ ڏيکاريو.

مان پنهنجي ياءُ آصف رضا نظاماڻيءَ جو پڻ ٿورائتو آهيان جنهن ڪتاب جي ٽائيٽل سميت ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ جو سجو ڪم پاڻ ڪيو آهي. واقعي ياءُ آصف تمام بهترين انسان آهي جنهن سان گهاريل گهڙيون خوشگوار هونديون آهن. هو هڪ سنو پڙهندڙ ۽ سنو مشاهديڪار به آهي. سندس راءِ هن ڪتاب ۾ شامل نه ڪري سگهيو

آهيان. جيڪا هو هر ڪهاڻي ڪمپوز ڪرڻ ڪانپوءِ مون کي مهل سر ڏيندو رهيو آهي.

مان تخليقڪار فورم خيرپور جي سربراهہ استاد شاهن سمنگ جو بہ ٿورائتو آهيان جنهن هن ڪتاب کي شايع ڪرائڻ ۾ ڪا ڪوتاهي نہ ڪئي آهي.

**ابراهيم ڪرل**

♦ **ڪائنات ڊيسينٽ گرامر اسڪول**
**سول اسپتال روڊ ـ خيرپور ـ سنڌ**
**02 مارچ 2017ع**



# ڪهاڻيون

(پهرين لڙي)

# مُلياڻي حليمان

دريائي ڪنارا جڏهن وٽن، ٻوڙن، جهنگ ۽ گاهه ڪان خالي نہ ٿيل هئا تڏهن دليون بہ محبتن سان سرسبز ۽ سايون هيون، ٻيلن جو موت نہ ٿيو هو ـ تترن جي تنوار، مال جي چَرڻ ۽ ٻيڪو مشينن جي پائيپ مان نڪرندڙ پاڻيءَ جو آواز. خانوءَ واري اَٽي جي، چڪيءَ واري لوٽيءَ جو آواز، ماحول کي مترنم ڪري ڇڏيندو هو. هي تن ڏينهن جي ڳالهہ آهي.

درياءَ جي ڪاٻي ڪَپَ تي وڏيري ربن جو ڳوٺ چاليهارو گهر، لانديون، ڇَپرا، سي بہ لَئي جي لڪڙن مان ٺهيل. سِرَ، سيمينٽ جو نالو نشان ئي ڪونہ. سواءِ هڪ حويليءَ جي جيڪا بہ ٻاهران پڪ سِري ۽ اندران ڪچين سِرُن جي ٺهيل، چوڌاري اوڏڪي پِٽ، ۽ هڪڙي وڏي اوطاق، ربن خان جي، جيڪو ڳوٺ جو وڏو، چڱو ۽ ڪرتا ڌرتا بہ هو. ڪچي جي ٻني درياءَ جو لٺ چڙهي تہ، ماڻهو پوک تہ ڦُٽي پوي، سرنهن اُچلِ تہ، ونئڻن جيان ڳِنَرَ ڪري، ڦلارجي تہ مکيءَ جي ڪيتن کي بہ ماري وجي. انهيءَ ڳوٺ ۾ پهريون واقعو ٿيو هو تہ ماڻهن جي ٻُتَ ۾ سِسِراٽيون پئجي ويون، سال سَوا تہ، ماڻهو ڪنن کي ونيِ، نڪ تي آگَرُ رکي کي گهڙيون، سانت ٿي ويندا هئا.

مولوي بدر الدين جو گهر، ڳوٺ جي نياڻين لاءِ مسيت بہ، تہ، محرابُ بہ، جتي ڳوٺ جا ننڍَرَ چوڪرا، چوڪريون قرآن پڄائڻ تائين، مَسَعُ ڪري رومال ۽ پوتيون ويڙهي، جڏهن نُخنِ تي اچي ويهندا هُئا تہ سڀي

ڳوٺ ۾ ”دُريَون يوقد“ ”تننزل الملائڪة“ جهڙن لفظن جي گونجار ۾ ٻري اٿندو هو ۽ مولوي بدر الدين جو ڳرو ۽ ڪڏهن ڪڏهن گهگهو ٿي ويل آواز سڄو پاڙو ٻڌندو هو، دونهين جون لاٽون سياريءَ ۾ ڳوٺ جي مٿان وڪڙ کائي، مال جي اٿيل مٽيءَ سان ملي هِڪَ ٿي وينديون هيون. انهي گهر ۾ جنم وننڊڙ حليمان سيپاري (قاعدي) کان جڏهن وَناسِ تائين پهتي تہ بدر الدين نُختي ۽ سنگر جي ٿيلهي پري اچي سائيڪل جي هِينڊل مان لاٿي، خُطابين سان گڏ ڳوٺ جي هر گهر ۾ چَپٽي چَپٽي، خُطابين هٿان موڪلي ڏنائين تہ ڪريمت پنهنجي ڌيءَ مٿان گهور گهور ٿيڻ لڳي. پنجن سالن کانپوءِ ڳوٺ جي ڪنهن ڇوڪريءَ قرآن پڙهي پورو ڪيو هو ۽ هيءَ نياڻي چوڏهن قرآن ٿي پئي هئي. ”نياڻي ست قرآن ۽ وري جي پڙهي پورو ڪيائين تہ چوڏهن قرآن“.

مولوي بدر الدين تان جڻ اَڌُ بار لهي پيو هو، ڳوٺ جون ڇوڪريون هاڻي حليمان پڙهائڻ لڳي هئي. هوءَ صوم صلواة جي پابند ٻڻجي وئي هئي. مولوي بدر الدين، هاڻي جي، شادي مُرادي ۽ مرڻي تي هليو ويندو هو تہ، ڪيس ڳِٽي کانہ ٿيندي هئي. حليمان پنهنجي علم ۽ حِلمَ سان ميلو مَچايون ويني هُئي. هن نمازن ۾ هاڻي اشراڪ ڪي بہ شامل ڪري ڇڏيو هو. وڏي ڳالهہ تہ هاڻي زناني موتگيءَ جا بار بہ هن پنهنجي مٿي تي، کنيا هئا. فوتگي تي تہ، هوءَ مهل سان ڪَفَن جي سلائي، عطر، خاڪِ شِفا ۽ ڪلمن واري چادر سميت وڃي، ميت تي پهچندي هئي، تَڙُ ڏيارڻ کانپوءِ، ميت کي ناهي سينگاري، جڏهن ڪفن ۾ ويڙهي کٽ تي سمهاريندي هئي تہ سندس چهرو ٻهڪي پوندو هو ۽ پوءِ هوءَ، سورتون پڙهي قرآن بخشي جڏهن عورتن کي نہ روئڻ جو درس ڏيندي هئي تہ سفيد لباس ۾ آسمان جي پري لڳندي هئي. ڳوٺ جون سڀ مايون ڪيس ڏسي، اهو ضرور چونديون هُيون تہ ”ادي بدر الدين زندگيءَ ۾ تہ بهشت ڪمايو پر مئي بہ پنهنجي قبر ڇڏائي“.

ڪريمت ڪَرُ ڪنيو گهمندي هُئي ۽ ڏيءَ جي اهڙن ڪمن ڪيس سرخرو ڪري ڇڏيو هو. ڳوٺ جي چڱي ربن ڪي اهو ارمان هو تہ: ”سندس نياڻي رحيمان اهڙو مرتبو نہ ماڻي سگهي. اهڙو اظهار هن پنهنجي ڏيءَ رحيمان سان ان وقت ڪيو، جڏهن هُو موتيءَ تان موتي ٽڪجي، اچي ڪٽ تي ليٽيو هو ۽ رحيمان ڪيس زورَ ڏئي رهي هئي. هن پنهنجي ڏيءَ جي منهن ۾ نهاريندي چيو هو ”امان اڄ مان دنگ رهجي ويس“.

ڇا ٿيو بابا؟

رحيمان جي اُنَ سوال تي ربن ٿڌو ساهُ کنيو ۽ چيو

امان بدر الدين جي ڌيءَ، اڄ مائي مرادان جو ڪَفنُ ٺاهيو. ڪيس ٿَڙُ ڏئي تيار ڪيو“.

”ها بابا، هوءَ سِکي آهي، قرآن پڙهي آهي! سندس پيءُ مُلان آهي“

ها ڌيءَ بيشڪ! ”بدر الدين تہ سندس تربيت ڪري، هي جهانُ بہ سنواري ڇڏيو تہ هُو جهان بہ سنواريو“.

ها بابا! اها تہ سٺي ڳالهہ آهي!

ڌيءَ ڪاش مان بہ تنهنجي اهڙي تربيت ڪيان ها.

بابا...... توهان بہ!

ڇو بابا..... اُنَ ۾ تہ چڱائي آهي، ڪهڙي بُرائي آهي؟

مان ڪڏهن ٿي چوان تہ بُرائي آهي، پَر حليمان کي اهڙو ماحول مليو تنهن ڪري هن سکي ورتو!

تہ مونکي بہ اهڙو ماحول ڏيٺو هو نہ ! ربن وراڻيو.

بابا، ريس نہ ڪبي آهي. پلا رحيمان کي مون جيان گهر هلائڻ ايندو، اوطاق جي لاءِ اهڙي سانجهہ ڪرڻ ايندي. آئي وئي جو خيال رکڻ

ايندو، ڳوٺ جي مائين سان اُٺي ويٺي، ڪرڻ ايندي. رحيمان پيءُ کي لاجواب ڪندي چيو.

چوين ته تون به سچ ٿي.... پر ڏيءَ، جنهن آخرت سنواري اهو ڪمائي ويو.....

هيءَ نيڪي گهٽ آهي، ٻين جي خدمت ڪرڻ، ٻڪين کي ڪاڏو ڪارائڻ تڪليف ۾ مدد ڪرڻ، ڏک سک ۾ شريڪ ٿيڻ" رحيمان آٿت ڏيندي چيو.

"ڏيءَ تون ته منهنجو بار هلڪو ڪري ڇڏيو، تون ايڏي سياڻي ٿي وئي آهين"

"مان ڏيءَ ڪنهن جي آهيان" رحيمان مرڪي چيو.

ربن جي منهن تي، مرڪ تري آئي. هن اٿي ڏيءَ جي مٿي تي هٿ رکيو ۽ سينڌ تي چُمي ڏني."

روشن توڙي جو بدر الدين جو پٽ هو پر، پنهنجي طبيعت ۽ ارڏائي جي ڪري بدر الدين کي پانءِ نه پوندو هو، "نه مسيت ڏانهن مُنهن، نه چڱن سان چاهه"، "نه ربيع ۾ راضي نه خريف جي خبر"، محنت ڏانهن ته منهن ئي نه هئس، دوستن جي سنگت ڪاري خراب ڪيو هئس، سدائين سِيٽ تي زور، سچ چئه ته سامهون پوندو هو. ان ڪري بدر الدين چاهيندو هو ته گهر ڪان دربدر هجي، منهن نه چڙهي، ڪيس ڪوٺيندو ئي اوندهه هو.

جڏهن کان حليمان پڙهي قابل ٿي هئي ته، وٽس خوشين جي آمد ٿي هئي، هِڪُ ڏينهن اهڙو به آيو جو روشن اچي پندڻ ڪيو ته مونکي ماڻهو مهڻا ۽ طعنا ٿا ڏين ته، ڪنواري پيڻ کان مُلائپ ٿا ڪرايو، دينُ اسلام، ان جي اجازت نٿو ڏئي ٻيو ته اسان سڀ مائين جي ڪمائي ٿا کائون.....

بدر الدين کي ڪاوڙ تہ ڏاڍي آئي هئي پر، پهريان شرعي فتويٰ ونڻ جو سوچي چپ ٿي ويو. حليمان تہ حالن کان هلي وئي. ”ڇا ڪنوارپ اسلام ۾ ايڏو وڏو ڏوھ آهي“. جو ماڻهو ميت کي تڙ ڏئي سنواري قبر ڏانهن موڪلي نٿو سگهي. ٻيو تہ ملندو وري ڇا هيو اهي ٻہ رَوا، يا اجرڪُ، يا وري ميت جي بت تان لٿل ڪپڙا، يا وري قرآن بخشراڻي ٻہ چار سَوَ جنهن لاءِ هن جي پاءُ اڇي ڪاڪڙو ڪيو هو ۽ اپ مٿي تي ڪنيو هيائين.

ٻي ڏينهن تي ٽاڳڙي جي مدرسي ۾ بدر الدين وجي مولوي عبدالحق سان مليو هو ۽ حال سندس آڏو رکيو هيائين، مولوي عبدالحق مسئلو ٻڌي فلحال تہ ڦانءِ ٿي منجيءَ تي ليٽي پيو، پاسا ورائي پيٽ جا وڪڙ ڪڍي سڌو ٿي وينو.

”بابا بدر الدين، اسان سڏايون تہ مولوي ٿا پر، احڪامن تي پورا نٿا لهي سگهون، بابا دين جي مسئلن ۾ منجهي ٿا پئون، حڪم آهي تہ نينگر جوان ٿئي تہ اٿاري ڇڏجي. ايتري ٿائين جو ٻہ ماهواريون آيون تہ ٿئين پوڻ نہ ڏجي، تڏهن تہ اسان کي ماڻهو پير تي نہ هجڻ جا مهڻا ٿا ڏين. ابا اهي مليائپ واريون مسندون تڏهن ئي ونجن جڏهن ماڻهو پير تي پورو هُجي.“ هاڻي تون تہ اسان لاءِ ٻہ مسئلو پيدا ڪندين، وجي ڳوٺ ٻڌائيندين تہ مولوي عبدالحق هيئن چيو آهي. جنهن کي ڳالھ نہ وڻندي اهو مونکي ٻہ ڇڱو ڪونہ سمجهندو تنهن ڪري پنهنجي پٽ سان منهن پاڻ ڏي، باقي نياڻي اٿارڻ جو تہ سڌو سنئون حڪم آهي، باقي مرضي آ تنهنجي حرام، حلال آ تنهنجي هٿ ۾ مرضي پوئي تہ ڪاءُ، مرضي پئي تہ پري ڪر! مونکي آ، درس ڏيڻو سو ٻيلي مان هلانءِ ٿو. باقي دوزخ جي باھ کان بچڻ ٿو چاهين تہ نياڻي اٿاري ڇڏ“.

بدر سڄي وات سوچيندو ويو تہ آخر ڇا ڪجي؟ مسين وڃي سور گهٽيا هئا، وري اڃي ڏونگرن منهن ڪڍيو آهي. رات جو ڪريمت

ڪي ويهاري ويچار ڪيائين ته آخر ڪهڙو پاسو وٺجي. حليمان جيڪا مصلي تي هٿ مٿي ڪري پنهنجي پالڻهار ڪان پيءُ ماءُ لاءِ دُعا گهري رهي هئي، شاديءَ جو سڙ ٻاڌُ ٻڌي ساهه مٺ ۾ اچي ويس.

منهنجا مولا، مس ته وڃي پيرن پر بيٺي آهيان، پير ئي ٿا ڀڃن، هي ڇا ڪائنات جا رب! منهنجي قسمت ۾ اِهُو لکيو هيئي. هيءَ مهل منهنجي لکيي جي لکئي هُيئي“!

ڪريمت! ”پلاَ جي ڇوڪري جي شادي ئي ڪرڻي آهي ته منهنجي ڀاءُ جو پٽ پلارو وينو آهي“.

پلاري جو نالو ٻڌي حليمان جو هنيانءُ هٿ ۾ اچي ويو. پلارو پورا ڏهه سال مونڪان وڏو، نه سنوارت ڪرائي نه نماز، نه روزو، نه مسلماني..... يا خدا هي ڇا؟

حليمان جا پيءُ اهڙو قهر ته نه ڪر! ڪريمت جا لفظ ٻڌي حليمان ڪي ڪجهه ساهه پيو.

منهنجو ڀاءُ ڇا چوندو! بدر الدين منهن خراب ڪندي وراڻيو.

اسان جي ڇوڪري سهڻي سيبتي، روزي نماز جي پابند، سڄي ڳوٺ ۾ سندس عزت، مان مرتبو، ماڻهو ٺڪون نه هڻندا ته هٿ وٺي ڇوڪر باهه ۾ اڇلايوَ!

دوزخ جي باهه ڪان ته بچنداسين! بدرالدين جي ذهن ۾ عبدالحق جا لفظ ڦرڻ لڳا.

ته جيئري نياڻيءَ ڪي باهه ۾ اڇلائيون! ائين نه! ڪريمت وراڻيو.

ٻيا رشتا ڪُٺا آهن آهن جو ائين ڦاهو ڪائون! ڪريمت وراڻيو.

بدر الدين سوچ ۾ پئجي ويو.

پلا ڏي وٺ ڪيئون؟ ڪريمت داءُ ڪيڏيو.

ڪنهن سان ؟ بدر الدين وراڻيو.

ادي مير محمد سان؟ ڪريمت چيو.

بدر الدين ڪاراڇي ويو..... ”ادي مير محمد سان هونھ! “

سدائين پنهنجن ڏانهن پير سور ڪجانءِ! تو وارو ڇورو بيهندو ان ڳالهہ تي. سدائين وتي ٿو مامن جون سڙيون ٻوٽيون ڪائيندو!

”پلا جي هلي اڇنسِ ۽ معافي تلافي ٿئي تہ....! ڪريمت اهو دڳ ٻڌايس! ڪونہ معاف ڪندن! ڇوري ڪان پوليس جا پادر وسري ويا هِن! بدر الدين ياد ڏياريس.

”پادر بہ تہ پاڻ ڪاڏا هيائين يا منهنجي پائرن چيو هئس تہ چوري ڪري“!ڪريمت پائرن جي وَٽِ ورتي.

”ڪاهيو بہ تہ ڇيلو هيائين ڪو وڏو ڏوهہ تہ ڪونہ ڪيو هيائين جو ست ڏينهن ٿاڻي ۾ پي ڪٽرائيو هئائونس“ ـ بدر الدين پٽ جي وٽ ڪنئي.

مان تہ سني صلاح ڏني اٿمانءِ! ڇوڪري سڪي ٿيندي جي چوندين تہ ڇوڪري بہ گهر ۾ هوندي ۽ شادي بہ ٿي ويندس!ڪريمت ڳالهہ سؤلي ڪري ڏنس.

”شاباس! تہ گهر ڄاٽو ڪرائي رکندو مانس ۽ پٽ جي منهن تي دانگي مليندس“! بدر الدين ارهو ٿيو.

وڏيڪَ آ تنهنجي مرضي جيئن وڻئي تيئن ڪر! باقي ڇوڪريءَ ڪان پڇجانءِ ضرور! نہ تہ قيامت ۾ جواب پاڻ ڏجانءِ! ڪريمت ڊگهي ٿي سمهي پئي. بدر الدين ڏيءُ ڏانهن ڏٺو، جنهن جا هٿ اڄا مٿي بارگاهہ الاهي ڏانهن ڪنيل هئا.

صبح سان ئي بدر الدين نماز پڙهائي موٽيو تہ، روشن نلڪي تان منهن پي ڌوتو.... بدر الدين جي مٿان بار هو، هن اهو لاهڻ پي چاهيو. هو گهڙي پلڪ رڪجي ويو دل، من، سوچي هن روشن کي چيو ”پٽ بہ منٽ اندر اچ توسان ڳالهائڻو اٿم!

بدر الدين اندر ويو تہ روشن بہ ڪڍ لڳو ويس.

ويھہ پٽ!

جي بابا!

پٽ، مونکي آهي بار لاهڻو، تنهنجو ڪروڌ بہ چوٽ چڙهيل آهي....سو ڏيءَ حليمان جي شادي ڪرڻي آهي. مون تہ سڄي رات جاڳي گذاري آهي....

تون چا ٿو چوين!بدر الدين پٽ جي منهن ۾ ڏٺو.

”مان تہ راضي آهيان، توهان پلي اهو بار لاهيو، گهٽ ۾ گهٽ مونکي تہ طعنا ۽ مهڻا ٻڌڻا نہ پوندا. روشن ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو

پٽ هڪڙي جاءِ آهي. ادي وٽ، پلاري لاءِ........ ۽ ........ ۽ ..... بابا.....

۽ ٻي جاءِ آهي. تنهنجي مامن وٽ، مير محمد جي...... بدر الدين اڃا جملو ئي پورو نہ ڪيو تہ روشن ڳالهايو ”انهن جو نالو ئي نہ ڪڻ بابا، کهاڙيءَ سان ڪپي ڇڏيندس حليمان ڪي..... پر انهن ڪي ڏيڻ ڪونہ ڏيندس“!

پلا جي چوڪر پلاري لاءِ راضي نہ هجي..... بدر الدين جملو روڪي ڇڏيو.

روشن ڪٺ تان اٿيو ۽ نماز پڙهندڙ پيڻ ڪي ٻانهن کان گهليندو اندر وٺي آيو. پڇيس بابا...... هاڻي جو هاڻي پڇيس.....

حليمان ڏڪي رهي هئي، هن جي جسم مان ساهہ ڇڏائجي ويو هو!

بدر الدين اکيون مٿي ڪري پڇيو.... ڏيءَ توکي پلاري جو رشتو منظور آهي....؟

حليمان جي جسم مان ساهہ ڇڏائبو ويو. هن ڊگهي ڳيت ڏئي توانائي گڏ ڪري چيو: ”نہ بابا، منهنجو نڪاح مسلمان سان ڪرايو“.....

روشن پيڻ جو هٿ چڏي ڏنو.....

پلا مامهين مير محمد جو پٽ! بدر الدين ٻيو آپشن ڏنو.

پلي ڪنهن سان ٻه ڪرايوپر ...... حليمان رڪجي وئي.

اڳيان لفظ نہ بدر الدين ٻڌا نہ روشن.....

کهاڙي سينڌ ۾ اچي لڳس.....

بابا ڪري، ڪري پئي..... ٻي کهاڙيءَ پيءُ جو پٽڪو ڪيري حليمان جي ڪياڙيءَ ۾ لڳي. بابو رتورت، بابي جي ڏاڙهي رت....

ڪريمت قرآن ڪٽي آئي، پر ملياٽي حليمان آخري هڏڪي ڏني....!

خبردار جو هن ڪي ڪنهن تڙ ٻہ ڏنو آهي ۽ تڏو وڇايو آهي...... روشن جا آخري جملا گونجيا.

(ٻي لڙي)

# رحيمان

ڳوٺ ۾ حليمان جو قتل ٿيو ته سڄو ڳوٺ غم جي ڪوهيڙي ۾ ونجي ويو ماڻهن مال جي ڳچيءَ مان ڇڙا لاهي ڇڏيا، بدر الدين جي گهر ۾خطابي گڏ ٿي ويا، پاڙي جون عورتون جنهن جتان ٻڌو اتان حليمان جي گهر جو رخ ڪيو. سيئي هائسي ۾ هئا ته هي اچانڪ ڇا ٿي ويو. ڳالهيون ٿيون ۽ وڏي وڻ ٿيون، ڪِن چيو ته، ”حليمان منهن ۾ مسلماني رکي اندر ۾ ابليس کي ويهاريو ۽ سڳ سوڏو پڪڙجي پئي“. ڪن ڪنن تي هٿ هڻي نڪ رڳڙيو ”امڙ الله حقئون ٻه رکي ته ناحقئون ٻه ٻندي جي من ۾ هڪڙي ته مالڪ جا پنهنجا فيصلا، ضرور ڪجهه ته هيو جو ڪهاڙي سينڌ تي هلي.

روشن جي پرڪارن جي راڄ کي خبر هئي ته، هو مولوي بدر الدين جو پٽ ضرور هو پر اڻڻ ويهڻُ، لڇن لوفرن سان هئس، مامن سان ڪونه رهائي هئائين باقي راڄ سان ڪهڙو روح رلائي هان! سڄو ڏينهن اوتاري تي پلاري ۽ دادن سان پيو لپڙي جي لونجهه تي ٺهڪا هڻندو هو ۽ سلفيءَ مان سوٽا پري اڪيون ڳاڙهيون ڪري رت سان راند ڪيڏندو هو. انهيءَ راند ۾ هن مُلياڻي حليمان جو ٻه سر ڪنيو. ڇگّن ٿو ٿو ڪئي ۽ مِڙي ربن جي اوطاق تي وڏيري کي ڪجهه ڪرڻ لاءِ زور پريو.

ربن مٽي کي هٿ ڏيئي، گهڻي سوچ کان پوءِ چيو ته ”ادا ڪهڙو ڪارو منهن ڪجي، ڪنهن سان ڇا بيان ڪجي، هٿ جي وڍي آهي ڪهڙيون مَلمُون لائجن ڪهڙا ٽاڪا هڻجن“ وڏو آهي بدر الدينُ، ان جي صلاح ڪانسواءِ ڇا ٿو ڪري سگهجي؟

مير محمد جيڪو توائي ۾ تتو پيو هو تنهن ٻڙڪو ڪائي ٻاهه ڪڍي، ”اهڙي سوئر کي سڌيون گوليون هڻجن، اهو ڏوهه بخشڻ جهڙو ناهي“.

ادا مير محمد برابر صحيح ٿو چوين. ڇوڪرِ اسان جي نياڻين کي خدا جو ڪتاب پڙهايو، دين ڏانهن راغب ڪيو، اڄ اسان جي گهرن ۾ خداءِ جو ذڪر ٿئي ٿو ته اهو نينگر حليمان جي ڪري.“ وسائي اکين ۾ پاڻي آڻيندي چيو.

ايتري ۾ بدر الدين به اچي پهتو، جنهن جو چولو رت ۾ پريو پيو هو! اکين مان نير جاري هئس. ”ادا ربن مونسان ناحق ٿي ويو. منهنجي قيامت ڪاري ڪري ڇڏي روشوءَ، منهنجي هيءَ دنيا به وئي ته هوءَ دنيا به“.

مير محمد ماڻهن کي پري ڪندي اڳتي آيو ۽ چيائين ته: ”بدر الدين مون توکي اڳ ۾ ئي چيو هو ته ان بي ٻڌيادي مان سرهي ڪانه ٿيندءِ پاڻيجو اسان جو به آهي پر نانگن ڪاڏو آ، ادا! نانگ کي ڪيترو به کير پيار پر هڪ ڏينهن ڏنگُ ضرور هڻي“

پر اهو سڀ ڪجهه ٿيو ڪيئن ڪا خبر نه پوي ربن ماڻهن کي ماٺ ڪرائيندي پڇيو!

بس ادا، به ڏينهن اڳ گهر ۾ پندڻ ڪيائين ته ماڻهو طعنا مهڻا ٿا ڏين ته ڪنواري ڇوڪريءَ کان ملائپ ٿا ڪرايو. حرام ٿا ڪائو. سو مون وڃي مولوي عبدالحق سان بيان ڪيو، جنهن به اهو چئي ٽاري ڇڏيو ته ادا تون ڄاڻ تنهنجو ڪم، باقي ڇوڪري اٺاري ڇڏ ته ڀلو آهي“، سو مون اچي نِياڳي سان صلاح ڪئي. ان تي اهو مسئلو ويو وڌندو“ بدر الدين سسڪين ۾ پئجي ويو.

”اڇو ٿس منهن“، ڪو اهڙين ڳالهين تي گهر جو ياتي ماربو آهي عبدالرزاق جملو ڇڏيو.

ادا بدرالدين پيرائتي ڳالھ ڪر! جي ڪا ٻي اهڙي ڳالھ آهي تہ ٻڌاءِ سياڻي، پوليس آهي، قانون ڪي منهن ڏيڻو پوندو، ائين نہ ٿئي جو هڪڙو ظلم ٿيو آهي ۽ وري اچي ٻي مصيبت ۾ پئون. ربن وضاحت گهرندي چيو:

ادا، مون پهريان گهر واريءَ سان صلاح ڪئي ۽ پنهنجي پائيتي پلاري جو نالو ڪنيو تہ جيڪر پائر ڳنيجي وڃئون، گهر جو مسئلو، گهر ۾ رهي، تنهن تي گهر واري راضي نہ ٿي تہ اسان جي ڇوڪري پڙهي لکي، روزي نماز جي پابند، ۽ پلاري جي توهان سيني کي خبر آهي“. بدر الدين سڏڪندي احوال ڪيو.

مير محمد هڪل ڪري چيو تہ: ”ان ۾ ڪو شڪ آهي، اديءَ صحيح چيو....

ربن پڇيو، پوءِ ادا بدر الدين ڇا فيصلو بيٺو“.

ادا پوءِ ڳالھ آئي مير محمد جي ڇوڪري عطا محمد تي، منهنجيءَ گهر واريءَ چيو تہ جي تون چاهين تہ مان ادي سان ڳالهائيان ڏي وٺ ڪيئون!

جنهن تي مون مڙئي پٽ. جي ڪري ٿورو..... رَنُ رکيو. ڳالھ رڪجي وئي.... مون کي ڪهڙي خبر تہ روشو مونسان ائين ڪندو“. بدر لدين وڏيڪ تفصيل پيش ڪيو.

وسائي چيو تہ وڏيرا ”بدر الدين اتي بہ صحيح هو، ڇو تہ روشن ۽ مير محمد وارا پاڻ ۾ پاسيرا آهن“.

ادا ڇڏ انهيءَ ڳالھ کي، اصل ممڻ ڇاتي متو! ربن ڳالھ ختم ڪرڻ چاهي! بدر الدين گوڏن ڀر وڏيري جي اڳيان ويهي رهيو. ”ادا مونکي ڪهڙي خبر تہ روشن پيڻ کي گهلي مون آڏو وٺي ايندو، منهنجي نياڻي نماز پڙهي رهي هئي. بدر الدين ڊنيڪرن ۾ شروع ٿي ويو.

”ادا مون اهڙي ڳالهه نه اڳ ڪئي آهي ۽ نه هاڻي ئي راضي آهيان جو منهنجو نالو ورتو تو وڃي“! مير محمد وضاحت ڪندي چيو!

بدر الدين ته آخر ڇوڪر کهڙي ڏوهه ۾ ماري وئي! ربن مٿان جملو چيو! ”ادا مون چيو نه ته ڇوڪر ڀلاري لاءِ صاف انڪار ڪيو ته مون نالو مير محمد جي ڇوڪري عطا محمد جو ڪٽڻ چاهيو، جنهن تي ڇوڪر صرف ايترو چيو ته ڀلي ڪنهن سان به ڪرايو.... ”پر.....“

جنهن تي روشوءَ جي مِتِ منجهي ۽ دير ئي نه ڪيائين! بدر الدين ٻئي چنبا ڀنهنجي منهن ۾ هنيا!

چئبو ته روشن اهو غلط سمجهيو يا شڪ ڪيو! بدر الدين ڀَڪَ ڪرڻ چاهي.

مير محمد ڪاوڙ ۾ باهه ٿي ويو. ”نالو به پاڻ ڪٽن ۽ خون به پاڻ ڪن، ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهه!؟“

عبدالرزاق وراڻيو. ادا مير ممد به چوي ته سچ ٿو، باقي جي اهڙي ڪا ثابتي آهي ته ڪٽي نروار ڪن! ڇو ته ننهن جي ڇنيءَ ڪي، ڪاتيءَ سان ڇو ڇنجي.“

بدر الدين، مٿي منهن ڪري چيو ته، ”ادا مٿان وري اُهو چئي ويو ته ڪير ڇوڪرِ ڪي ٽڙ به نه ڏي ۽ تڏو به نه وڇائي!“

وسائي، وارو سمجهندي به لفظ اچليا ته ”چئبو ته من ۾ مير هُيس ني جو اهڙا لفظ اچلي ويو“.

”سيني جا منهن لهي ويا، ڪير ڪيڇي جي ڪيڇي ته ڪافر“.

مير محمد جي ڏيءَ سفوران ڀيرين اگهاڙي ڀڄندي اچي رحيمان جي گهر پهتي وڏيري ظلم تي ويو ڀقاتِ حليمان قتل ٿي وئي!.

سفوران جي واتان اهي لفظ ٻڌي رحيمان جي هٿن مان چانهه جو ڪوپ ڪري پيو، وات مان هان! جو لفظ نڪتو، ۽ هوءَ سن ٿي وئي!

”خداءِ خانو خراب ڪيو روشن جو جنهن ڪهاڙيون هٿي قرآن ڪي ڪنو!“ سفوران پاراتو ڏنو.

رحيمان سامت ۾ آئي هن جي نڙي مان اٽڪيل لفظ نڪتا.... پر چو.... ڇا تي؟

سفوران سُڏڪندي ٻڌايس ته ”ڦقاتِ ڀلاري سان شادي ڪرڻ کان انڪار ڪيو ان تي“.....؟

انڪار تي قتل!حليمان چڙ ۽ ڏک جي انداز ڪي گڏائي پڇيو.

ها، وڏيري ماڻهو پنهنجي زندگي پاڻ ٻه جيئي نٿو سگهي.....

مٿان وري مهاندو چئي ويو آهي ته ڪير ٻه ڪيس تڙ نه ڏي ۽ نه ئي تڏو وڇائي! سفوران وراڻيو.

ڇا مطلب سفوران تون هي ڇا ٿي چوين؟! رحيمان جهيڻي آواز ۾ پڇيو!

”وڏيري ائين سمجهه ته هن ڪاري ڪري ماري“! سفوران سمجهائيندي چيو!

”شاديءَ جي انڪار تي ڪاري“؟ اهو ڪٿان جو قانون آهي، ڪهڙي قوم جي رسم آهي! دنيا ۾ ڪو راڻو راڻي آهي ٻه يا سڀ مري کپي ويا! رحيمان جي لهجي ۾ غصو هو.

وڏيري سڀ مرد اڇي اوطاق ۾ مڙيا آهن خبر ناهي ڇا ٿئي! سفوران ڪنڌ هيٺ ڪيو.

جيڪي ٿيو اهو ڏنو ويندو، تون مونسان اچ مان ڏيندس حليمان کي ڪفن، مان ميت کي سينگاريندس، جي ڪنهن ۾ همت آهي ته اچي! مونکي روڪي ڏيکاري، مان ٻه ڏسان ته ڪنهن ۾ ايترو دم آهي؟ تون مونسان گڏ هل! رحيمان سينو تاڻي چيو.

”وڏيري مونکي بابا منع ڪئي آهي. اسان انهن جي گهر ۾ نه ويندا آهيون“ سفوران وراڻيو.

توڪي مونسان هلڻو پوندو چاچي سان مان پاڻ ڳالهائيندس!
رحيمان آئت ڏيندي چيس.

رحيمان، سفوران سان ملي، طالب ڇُوڪرين جي مدد سان حليمان جو لاش پٽ تان کڻي، کٽ تي رکيو، تڙ ڏياريو، ڪفن جو بندوبست ڪيو ۽ سينگاري ناهي، طالبن کي همت ٻڌرائي ته، ”ٻلي ڳوٺ جا ماڻهو پوتيون پائي گهرن ۾ ويهي رهن پر توهان کي سڀ ڪجهه ڪرڻو آهي، سامي نهرائڻي آهي، جنازي کي ڪلهو ڏيڻو آهي ۽ حليمان کي لحد ۾ لاهڻو آهي“.

پوءِ سيني ڳوٺ وارن ڏٺو ته ڪلمه شهادت سان ڳوٺ جون گهٽيون گونجي اٿيون ۽ ماڻهو نڪري پيا، تدفين ٿي، تڏهن وجي ماڻهن ۾ ساهه پيو ته، بدر الدين به قل پڙهي حليمان جي روح کي بخشيا.....

مئخاني ۾ ٻلاري نعرو هنيو. دم مست قلندر حق حق ”جيڪو ٻلاري جو برو چاهيندو اهو ائين ڪُسندو!، ٻلا ڙي روشن، مڙس جو پٽ آهين! رَنَ کي کهڙي بحال جو انڪار ڪري“! اسان دنيا کي ڏوڙ وجهيون مئخاني ۾ هرو ڀرو وينا آهيون!

دادن ٻلاري جو دبرڻ ٻڌو ته سلفيءَ مان سوٽو ڀري دونهين کي مٿي ائين اڇليو ڄڻ حقارت کي اندر مان ٻاهر ڪڍي ڦٽو ڪندو هجي.

نه چئه ائين نه چئه! ڪا مهل کهڙي ڪا مهل کهڙي“.

هن ڪان وڏيڪ کهڙي مهل هوندي! ماڻهو رڳو مسلماني بچائڻ ۾ پورو آهي. آهي ڪو مٽ مائٽ جو لحاظ.

دادن مان سڳو سئوٽ هئو مانس، اها ملياٽي مون کي ڏسي منهن بچڙو ڪندي هئي.

”بابا اهو انهيءَ جو وڙ، مئي پنيان اهڙي پچار نه ڪجي“ دادن وراڻيو.

ڇو دادن مان کو ملائپ ڪرڻ کان روڪيانس ها ڇا؟ رهندو مئخانو ۽ مسيت ملي پون ها، پلاري اندر جي باھ ڪڍندي چيو!

پلاءِ زور جي ميندي لڳندي آهي ڇا؟ دادن سلفيءَ جو ڪپڙو ناهيو ۽ پلاري ڏانهن وڌائي.

پلاري وڏو دوگاڙو هٽي، دونهون ٻاهر ڪڍيو، ناسن مان وات مان دونهون زور سان لاٽون ٿي نڪتو ڄڻ سندس اندر نري پيو.

روشن منهنجو اندر ناري وڌو، نہ چاچو چڱو نہ چاچي چڱي، ٻنهي مان روشن ڪيئن غيرتي پيدا ٿيو. نہ ناناٽا نانگ نہ ڏاڏاٽا ڏنگا! اصل اصيل تي اپريو. وڃ ڙي روشن! تون تہ اوندھ ۾ سوسڙي ٻاري ڇڏي..... پلارو دبري دبري وڃي، گوڏن کي انگوشو ٻڌي جهولا ۽ جهوٽا کائڻ لڳو.

روشن کهاڙي تان رت لائي نرڙ کي هنئي ۽ کي پهر وڏيري ربن جي جهٽي واري مشين بي موڪ ۾ پير لاهي ويهي رهيو ۽ دليل ڊوڙائڻ لڳو تہ هاٽي ڪاڏي وڃجي،

”جي بابو پاڙي تي پيو تہ اجهو ٿي پوليس اچي ۽ نوڙي مان نانگ ناهي. وڏيرو ربن بہ راڄ کي ڇڏي منهنجي هرويرو پرڪو نہ وٺندو. ٻن چورين جو حساب رهيل اٿس، وارو مليس تہ اهڙو ڪٽرائيندو جو ويهي بہ ڪونہ سگهندس!

پاڻيءَ تي پوندڙ سج جي ڪرڻن ۽ ترورن ۾ ذهن تي هڪ ڳالھ چٽي ٿي آيس تہ ڇو نہ ايم اين اي، اُڌل شاھ جو پاسو ڏجي. اڄڪلھ سندن حڪومت بہ آهي، ٻڌي چوڙي بہ سندن چوڻ تي ٿئي ٿي. ٽڪيٽون ۽ عهدا بہ هو ئي ورهائن ٿا، پوليس بہ پوئواري ڪرين ٿي. ٻيو تہ ربن بہ انهن ڏانهن راغب آهي ۽ ٽڪيٽ جو آسرو اٿس! ٽپ ڏئي اٿيو، ڄڻ جسم ۾ ساھ پئجي ويس!

اڏل شاهه ڪي به اهڙا ماڻهو گهربل هئا، جن جي دهشت ۽ وهشت ماڻهن ۾ هجي لنڊي لوفر سان اٿڻ ويهڻ هجي، اليڪشن ۾ بانو ۽ داسو وهائي سگهن، ووٽ وٺي سگهن يا ڇني ڇيهه ڪري ڏيکارين اڏل شاهه جي ڊبل ڪئبن تي مٿان سلفي رائيفل ڪٽي بيهڻ ۾ دهشت به هئي ته دهشت ۽ وحشت به!

اها ئي رات، روشن ڪارا ڪپڙا پاتا! رائيفل ڪلهي ۾ وڏي ۽ صوبيدار جي سامهون ٿيو، جيڪو اڏل شاهه جي آستاني تي، فارمي ڪڪڙ جي جنگهه ۾ ائين وات وجهيو وينو هو، ڄڻ جهنگ ۾ شينهن شڪار ڪيو هجي. هُن ٽيڏي اک سان روشن ڪي ڏٺو ۽ جنگهه ۾ اهڙو چڪ وڏائين جو هڏي ٽڙڪات ڪيو!

هڏيءَ مان فارغ ٿي، ڪنڌ مٿي ڪري روشن کي چيائين روشن پِيرَ زورا اٿئي نه ته ڪم اهڙو ڪيو ٿي جو ٿي جو ڏينهن ته ٻٻر جي ڏار ۾ ٽنگيو پيو هُجين ها!“

اڏل شاهه وڏو ٺهڪ ڏنو! ”صوبيدار روشن ٻاہرو ٽاندو اٿئي ٽاندو! هن جي ڇر کان بچجانءِ دکي دکي وري ٻرندو اٿئي!“

صوبيدار ڦڪي کل کلي روشن ڏانهن ڏٺو ته روشن هلڪو شهپر کي هٿ هنيو!

”ڏسنداسين ته ايندڙ اليڪشن ۾ اهي شهپر مٿي ٿا وَرُ کائن يا مورڳو هيٺ لهي وات ۾ ٿا پون!“ صوبيدار ڄڻ ڪاني سوري ٽانڊي کي پيڙ ڪرڻ چاهيو!

اڏل شاهه جون اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون! صوبيدار منهنجو ڪم به ماڻهن سان آهي. گدڙن سان ناهي جن جون کلون ڳچيءَ ۾ ماڻهو ديڄهڙي کان پائيندا آهن“. جيڪو به فريادي ٿئي، ”اهو گدڙ ڪري مارجانءِ.... چو ته شينهنُ، شينهنَ وٽ پهچي ويو آهي. ڪيس لوڙهڻ تنهنجو ڪم، پوسٽنگ جتي چوندين ونرائي ڏيڻ منهنجو ڪم!

صوبيدار سڌو ٿي ويهي رهيو ۽ پيٽ تي هٿ ڦيرائڻ لڳو.....

”تنهنجو پيٽ هميشه مون پريو آهي“ اڏل شاهه پٽاٽي جي نهيل چپس مان هڪ فنگر ڪڍي وات ۾ وڌي!

صوبيدار مرڪيو ۽ اٿي بينو پاٽل پئنٽ کي مٿي ڪري سلوٽ ڪري نڪري ويو.

اڏل شاهه صرف هلڪي نظر روشن تي وڌي، جيڪو جُهڪي بينو ته ادل شاهه ڪلهي تي ٿاپي ڏئي چيس! شير يا لوگان.....

”شير سائين شير“! اهي لفظ چئي روشن جي اکين ۾ چمڪ اچي وئي!

ڏيءَ تون سنو نه ڪيو! هيڏي پري راڄ ۾! مونکي ڪنڌ ڪٽڻ جهڙو نه ڇڏيئي“، وڏيري ربن ميار واري لهجي ۾ رحيمان کي چيو!

ڇو بابا! منهنجو ته ڪنڌ مٿي آهي ۽ هي ڪلهو به شان ڪان اوچو ٿي پيو آهي، هڪ باحياءَ عورت جي جنازي کي ڪجهه ڏيڻ تي...... رحيمان ڪلهو مٿي ڪندي وراڻيو.

”تون نٿي سمجهين“! ربن وراڻيو.

مان سڀ سمجهان ٿي بابا، مان توهان جي ڌيءَ آهيان، ڳوٺ جي راڄ سان اٿي ويٺي آهيان، عورتن جي درد کي سمجهان ٿي، انهن سان ياڳي پائيوار آهيان! ”اهو ڪٿان جو اصول آهي ته هڪ باعزت، باوقار ۽ با سيرت عورت کي صرف شادي جي انڪار ڪرڻ تي ڪاري ڪري ماريو وڃي“. رحيمان اکيون اکين ۾ وجهي پيءُ کي چيو.

”اهو انهن جو ذاتي مسئلو آهي“. ربن غصي ۾ وراڻيو.

نه بابا نه، اهو اسان جو اجتماعي مسئلو آهي. اهو ساڳيو عمل منهنجي خلاف ٿئي ها ته پوءِ پيي بابا اوهان ائين سمجهو ها!

ربن رڳو رحيمان جي اکين ۾ ڏسي ٻاهر نڪري ويو.

اوطاق ۾ اڌل شاهه جو ماڻهو وينو هو، جنهن نويڪلائيءَ ۾ ربن سان ڳالهايو ۽ هليو ويو. ربن مٿي کي هٿ ڏئي ويهي رهيو.

سومهياڻيءَ جو جڏهن رحيمان ويلو مانيءَ جو ملياڻي حليمان جي گهر ڏئي موٽي ته ربن پٽر ۾ پي چڪر ڏنا!

پيءُ جي اها حالت ڏسي رحيمان ٿانءَ رکيا ۽ پر ۾ اچي ويٺي.

بابا ڇا ٿيو آهي؟

اهو پڇ ته ڇا نه ٿيو آهي؟ ربن جواب ڏنو.

رحيمان ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو!

ربن رڙ ڪري چيو ته ”اهو روشو اڌل شاهه وٽ پهتو آهي، ۽ منهنجي خلاف باهه ٻاري ڏني اتائين ته ربن جي ڌيءَ، ڪاريءَ کي غسل ڏئي راڄ جي منهن تي دانگي ملي آهي، جنهن جو فيصلو گهرجي“!

ڇا جو فيصلو بابا! بي ڏوهيءَ کي مارڻ جو يا ان کي انسان سمجهي دفن ڪرڻ جو؟ انهن ٻنهي فيصلن مان ڪو به هڪ فيصلو توهان کي ڪرڻو پوندو.

مون توکي اڳ ئي چيو هو ته مردن جي فيصلن ۾ توهان مائين جو ڇا؟ ربن دڙڪي واري انداز ۾ چيو.

واهه بابا واهه! هونئن ته توهان جي گهرن ۾ اسان جي وڏي اهميت آهي. اسان نه هجئون ته هي گهر قبرستان بڻجي وڃن! ۽ فيصلن ۾ وري مائين جو ڇا؟ رحيمان ايترو ئي بس چيو.

بڪواس بند ڪر! ربن انتهائي غصي ۾ ايندي چيو.

”واهه بابا سائين واهه اڄ اهي لفظ به توهان جي زبان تي آيا“ رحيمان وراڻيو.

هي ته رڳا لفظ آهن. ڊڄ انهيءَ ڏينهن کان جو هي هٿ تنهنجي ڳچيءَ تائين پهچن ۽ گهٽو ڏئي توکي پورو ڪن“. ربن صفا باهه ٿي ويو.

مون کي ٻيو ڇا گهرجي! هِڪَ مرد پيڻ ماري، ٻيو مرد پنهنجي ڌيءُ ماريندو“ اڄ هو دربدر آهي.... ۽ سياڻي.... رحيمان جا لفظ رڪجي ويا.

زوردار چماٽ رحيمان جي ڳل تي لڳي، سناٽو ڇائنجي ويو ۽ ڳوڙها اکين جو بند ڀڃي ڳلن تان ٿڙندا ٿاٻڙجندا هيٺ ڪريا. رحيمان جي وات کي تالو لڳي ويو. شايد ڳالهائڻ ئي ڏوهه هو، زبان ۾ تلخي ڀرجي ويس. جنبش ۽ حرڪت ئي مسئلي جي جڙ هئي. اها زبان چپ ٿي ۽ اهڙي چپ ٿي، جو ڇهن مهينن تائين چپ ئي رهي.

انهيءَ چپ چپات ۾ ئي ربن خان فيصلو ڪيو ته رحيمان جي شادي پنهنجي ڀائيٽي دادن سان صفر جي 14 تاريخ ٿيندي.

سنڌ جي وڏي شاعر شاهه لطيف جو عرس جنهن عورت کي، سورمي ڪري پيش ڪيو. عورت جي عظمت تي شاعري ڪئي. ان کي اتساهيو. سهڻي جو رات جي اونداهيءَ ۾ ميهار سان ملڻ کي، عيب نه سمجهيو، ان جو محبوب سان ملڻ اهڙو ته بيان ڪيو جو ڏندين آڱريون اچيو وجن ان جي عرس جي تاريخ 14 صفر، رحيمان کو ڪروڌ ڪونه ڪيو، ڪائي بد اخلاقي نه ڪئي، انڪار جي همت ئي ڪونه سارايائين.

دادن موالي پلاري جو ڀائي ـ ڀنگ سندس پيڻ، چرس سندس چاچو، رحيمان تي رحم ڪهڙو؟ جي بسم الله! گهوٽ جو خواب، اکين ۾ چمڪ، پنهنجو پاڻ کي ڀائڻ لڳو.

سفوران جو ساهه سوڙهو ٿيڻ لڳو. هي ڇا، هي ٻيو قهر!؟

ڳوٺ جي مردن ماٺ ڪٽي ڪئي. وڏيري جو فيصلو پٿر تي ليڪ!

پلارو پيريون وجائڻ لڳو! اڄ مئخاني ۾ مراد فقيرَ، شاهه سائين جي ڪافي پي ڳائي ”سرتيون اوهين ته وجو ڙي وجو لا منهنجو هي ليک پنهل سان“

ﭘلاري بيخوديءَ ۾ حق حق جا نعرا ﭘي هنيا. دادن جي گوڏ جي وَرَ مان ٻہ ڳاڙها نوٽ نڪتا مراد فقير تان گهور ڪيائين. ڄڻ شاديءَ جو لاڏو ﭘيو ڳائجي. يا ڪنوار ﭘئي ﭘرڻائجي.

سفوران گهڻو رحيمان جي اڳيان ليلائيو. وڏيري هي ﭼا؟

تون ڪڇين ﭼو نہ ٿي؟ تون لڇين ﭼو نہ ٿي؟ تون ڊڄڻي آهين تون مرڻ ڪان ٿي ڊڄين! تون جيئري موت ٿي قبولين! ان ڪان تہ موت ﭘلو؟

رحيمان وٽ ڪنهن بہ سوال جو جواب ڪونہ هو، هن ڪي ﭼپ لڳي وئي ڄڻ سهراب فقير ڪان آواز رسي ويو هجي. اڪين مان ﭘاڻي ڪٽي ويو هجي ڄڻ مائي جندو قبرن مٿان ويني نير هاري رهي هُجي.

ٻُڪي جي رسم، دادن جي گهر دهل جو آواز، سهرن ۽ تاڙين جو ٻٽڪو ـ ربنُ بوسڪيءَ جو ﭘٽڪو ٻڌي اوطاق ۾ ڪانﭗ ڪديون وينو هو. آئي وئي ڪي ڪلي ﭘيو ڪيڪاري. مئل ۽ ساهہ ﭼڏائي ويل هٿن تي ميندي جا ليڪا نڪتا. آٽڻ ٻانهن تي مليو ويو. هيدﺑﻴون ٻانهون سڪل ﭼپ. رحيمان هڪ نظر گهر تي وڌي.... واش روم ۾ وئي تہ..... الٽيون، اوجهڪارا. جسم مان ساهہ ﭼڏائجي ويس. ڪاري ﭼادر ڪاڏهون آئي. ڪيئن ويڙهيائين. ڪاڏهون نڪتي.... ڪيئن هلي وئي....

ماڻهن ۾ ﻗﮍ ﻗﻮٽ "رحيمان ﭘڄي وئي"......

ربن اجهڪو ڪائي اٿيو ٿڙيو ـ ٿابڙيو حويليءَ ۾ ڪاريءَ وارا ڪڪ.

وارو وارو ٿي، ماڻهو نڪتا! هٿ بتيون روشن ٿيون، ڪنهن جهڙو ﭘاسو ورتو، ڪنهن ڪهڙو؟

وڏيرو ربن ﭼپ ڪي ﭼڪ هنيو ڪنوار جي ڪمري ۾ تيستائين بينو رهيو جيستائين منشيءَ اچي ڪن ۾ ﭘٽڪيس تہ، "ﭘير حويليءَ جي وٽ، مان اتر طرف لڳا آهن".

اڪيلا آهن يا.......

صرف امڙ رحيمان جا.....!

وڏيرو ربن سٽ ڏئي رپيٽر لاٿو! لوڊ ڪيو ۽ شال جو وَرُ ورائي ڪلهي تي اڇليو. شال ڏوڙ ٽيڻ ڪان بچي وئي هئي.

پير ڪٽندا، جهاڙون ڏيندا، ٻتيون هٽندا، ڪڏهن ياج ته ڪڏهن ڊگَ! هي ٿا وڃن! هتي ڊُڪَ جا پيرَ آهن، هتي ڪِري آهي.

هن ڪوشي مان، هن لنگهه کان، تان اچي درياءُ تي پهتا ـ اپ ڪپرو درياءُ، ڪپر تان گيهو، هيٺ جتيءَ جو پادر!

ربن جُتيءَ جو پادر کنيو، ڦري هيٺ لهي آيو. واريءَ تي هڪ اگهاڙو ۽ هڪ جتيءَ وارو پير..... درياءَ جون ڇوليون.... رحيمان جو نه اتو نه پتو......

ربن هٿ ۾ جهليل پادر گوڏي تي وهائي ڪڍيو.

”رحيمان سهڻي جيان درياءَ حوالي“.

ٽئين لڙهي (ڪَڙي)

# سفوران

وڏيرو ربن ڪٽ جو وچ ورتيون، پاسن ڪان وهاٽا ڏيون مهمانن جي محفل مچايون وينو هو ته ڪمدار، حسوءَ اچي ڪن ۾ سس پس ڪيس. وهاٽي جي ٽيڪ چڙي پهريان سڌو تي وينو ڪٽن جي وچ ۾ ٻه ٻبرن جا ٻرندڙ ڏاندا سندس اکين ۾ لهي آيا. ڄنگهون هيٺ لاٽائين ڄنگهن ڪي هيڏي هوڏي لوڏي پيرن سان بوٽ ڳولهيائين، حسوءَ ويهي پيرن ۾ ٻئي پادر پارايس. اٿيو ته ڄنگهن مان ساهه ڇڏائجي چڪو هئس. مهمان جيڪي ڏند ڪڍي کلي رهيا هئا تن جا ڄڻ چپ خشڪ ٿي، پاڻ ۾ ملي ويا.

ربن ٽاٻو ڪاڙو، حسوءَ بسم الله چئي هٿ وڌس ته سٽ ڏئي ٻانهن ڇڏائي سڌو حويلي طرف پاڇا ڪنجيندو نڪري ويو. حويليءَ ۾ دهل وڄڻ بند ٿي ويو هو. زائفون وات ۾ آڱريون وجهيون بيٺيون هيون. سهرن وارين مائُن دهل کي ڪپڙي ۾ پئي ٻَڌو.

امان الله خير ڪري!

وڏيريءَ، الائي ڪاڏي منهن ڪيو.

ربن ڪمري ۾ ويو جتي ڳاڙهو رئو پلنگ تي پيو هو. سونهري سئنڌل اونڌو لڳو پيو هو. جيڪو هُنَ سڪر مان ساڍي ٽي هزارين آندو هو ـ هو اجا ٻاهر نڪتو ته سامهون سفوران نظر تي چڙهيس. هڪڙي دل چيس ته ٻئي هٿ ڳچيءَ ۾ وجهي ڪيس پورو ڪري، پر پڪ ڪرڻ تائين ارادي کي ٿي وي چئنل جيان متائي ڇڏيائين! هو وڏي وجي واش روم تائين پهتو ته حسو اليٽري ڪٽي اچي واش روم ۾ هنئي. واش روم جو وڏو روشندان ڪليل هو. ربن روشندانُ ڏسي، پوئتي موٽ ڪاڏي ۽ ڪوٽ

جي وٽ وٽي، گٽر جي ڍڪيءَ تائين پهتو، جنهن ۾ پلاسٽڪ جا پائيپ لٽڪيل هئا. ۽ مٿان ٽانڪيءَ مان لوهه جون به ٽڙيون هيٺ اچي رهيون هيون.

ڪمدار حسوءَ اليٽري هنئي ربن پائيپن ۽ لوهي ٽڙين ڪي ڏسي وري پوئتي موٽ ڪئي.

”اعتماد وارا ماڻهو ڪڏ....“!

”پيرا ڪٽو!“

ربن جي آواز ۾ لرزش به هئي ۽ ڏهڪاءُ به

حسو پيجي وجي اوطاق ۾ پهتو، جتي ٻاٻرا ٽاندا آخري پساهن ۾ هئا.

دير ئي ڪونہ ٿي، بندوقون نڪري آيون، پنج ست چٽا اليٽريون هڻندا اڳتي نڪري ويا.

ربن جي هٿ ۾ دونالي بندوق اچي وئي، جنهن جا ڪارتوس چيڪ ڪري ربن بندوق بند ڪئي.

حسوءَ سان وسايو ۽ مير محمد گڏ گڏ هلڻ لڳا، ربن اڳيان هلڻ لڳو.

هڪ جاءِ تي ربن بيهي رهيو ۽ مير محمد ڏانهن منهن ڪري، ٻرندڙ اکين سان ڏٺو.

مير محمد جو ساهه سڪي ويو.

حسوءَ اک جو اشارو ڏنو تہ مير محمد موٽ ڪاڏي.

حسو، وسايو ۽ ربن اڳيان ياچ ويندڙ، همراهن جي ڪڍ لڳي پيا.

ٻُوڙن، ڪانديرن سان ستيل رستو. جهنگ ۾ ٻرندڙ لائيٽون، سناٽو، ربن جي اندر ۾ ٻرندڙ باهه ڪي چڻ ٻَلُ ڏئي رهيو هو!

اڳيان ويندڙ همراهن، هِيڏي هِيڏي چئي ڪري رستو مٽايو. رستو درياءَ جي اپ ڪپر تي اچي ڪٽو ـ همراهن جمپ ڏئي پاڻ ڪي هيٺ لاٿو. روشنيون بند ٿي ويون اوندهہ ڇانئجي وئي. ربن جون اکيون ٻرڻ

لڳيون. هن حسوءَ کي رهڙ ڏني. ”بيٺري سامهون هڻ“ - ”ايڏانهن پنهنجي ماءُ کي ٿو ڳولهين ڇا“؟

بيٺري سڌي ٿي ربن ڇڻ ڊڪ پري ۽ ٻي لمحي هو ٽئي درياءَ جي اپ ڪَپَرَ تي هئا.

هيٺان رحيمان جي گهر واري چمپل جو هڪ پادر ڪٺي پلارو مٿي چڙهيو.

”هي پادر ۽ رئو مليو آهي“. پلاري ربن کي ٻُڌايو.

ربن پادر ورتو ۽ گوڏن ڀر ويهي ٻنهي سٽرن تي هنيو.

هيٺان ماڻهو مٿي چڙهي آيا.

”وڏيري درياءَ حوالي ٿي وئي“ حسوءَ ڪنڌ جهڪائي روئٹهارڪي انداز ۾ چيو.

ربن اٿيو، بندوق جي سيف چاڙهي هن صرف هڪڙو فائر فزا ۾ ڇڏيو.

شڪر ٿيو. پير هڪڙو ئي هيستائين آيو نہ تہ هي ٻئي ڪارتوس پنهنجي سيني ۾ هڻان ها“.

ماڻهن جا ڪنڌ هيٺ جهڪي ويا. سيئي هارايل جوارين جيان پوئتي موٽيا.

رستي ۾ ڪنهن بہ ڪجهہ نہ ڳالهايو.

اوطاق ۾ ڪتون اونڌيون ٿي چڪيون هيون.

ربن جيئن ئي اوطاق ۾ ٽپيو تہ ڪتون اونڌيون ڏسي ڪاوڙ ۾ لال ٿي ويو.

ماءُ مري وئي اَٿوَ ڇا جو ڪتون اونڌيون ڪيون اٿوَ“

منٽ ۾ ڪتون سڌيون ٿي ويون، ربن ٻئي مندا ملائي پنيان ويهاڻو رکي ڪٺ تي ويهندي سوچ ۾ ٻڏي ويو.

ماڻهو ماحول ڏسي هوريان هوريان اوطاق مان نڪرندا ويا.

اڌ ڪلاڪ تائين ربن پاسو نہ ورايو.

ڪمدار، حسوءَ جو ڪنڌ جهڪيل رهيو.

ربن رهڙ ڏيندي چيس تہ: ”متان صبح سان ماڻهو وني درياءَ تي ويو آهين“.

”رحيمان چڻ چائي ئي ڪونہ هئي“.

جملي تي حسوءَ صرف نظرون ڪڻي ربن ڪي ڏٺو، جيڪو اجان آسمان ۾ نظرون وجهيون ساڳي حالت ۾ تارا تڪي رهيو هو!

صبح تي ربن مير محمد ڪي گهرايو.

مير اڄ ڪانپوءِ منهنجي نظر تي نہ چڙهجانءِ..... سنو اٿئي تہ ٽپڙ ڪڻي ڪو ٻيو ڳوٺ وساءِ.

”مير محمد جي پيرن هيٺان زمين نڪري وئي“.

اڃا مير محمد خشڪ نڙي کي آلو ڪري ڪجهہ چوڻ چاهيو تہ سامهون اوطاق جي در تي اڇي ڊبل ڪئبن بيٺي، جنهن مان اڏل شاهہ لٿو. روشن جمپ ڏئي پنيان گاڏيءَ مان لٿو ۽ اڏل شاهہ جي ڪڍ. ربن تائين پهتو. روشن اتي بيٺل مامي کي نفرت ڀري نگاهہ سان ڏٺو ۽ ربن سان نوڙي هٿ ملايو. ربن سندس ڪلهي تي هٿ رکي مير محمد ڏانهن ڏٺو.

اڏل شاهہ ساڳي کٽ تي ويهي ربن جو هٿ پنهنجي هٿن ۾ ورتو.

”مهلون مڙسن تي ايندڀون آهن“ ڪني مڇي ڪُتي جو ڪُوت هوندي آ، ان کي جهير ڏئي لوڻ نہ وجهڻو پوندو آ“. ان ڪري چوندا ـآهن تہ مڇيءَ جي ذات ۾ ڏنيرو پلو پوءِ بہ نُرُ تہ آهي نہ“.

اهي لفظ چئي اڏل شاهہ روشن ڏانهن ڏٺو، جنهن شهپرن کي هلڪو هٿ هنيو. ”وڏا مون اڳ ۾ ئي هٿ ڊوئي ڇڏيا هئا تہ جنهن ڪاريءَ کي تُڙُ ڏنو اها درياءَ ۾ لڙهندي“.

روشن جي جملي تي ربن ڪي جَڪَ تہ گھڻا آيا پر ڪجهہ نہ سگھيو.

مير محمد، روشن ڪي ڏنو، جنهن جي واتان ڳوٺ جي ابي امان جي لاءِ اهڙا لفظ نڪتا هئا!

اڏل شاهہ وچ ۾ جملو اچليو ڪو سمجهي تہ ربن تون هن راڄ جو ابو امان ۽ لڄپال آهين.

ربن شوڪارو ڀريو "جنهن جي لڄ تہ نہ رهي هئي رڳو پال وڃي رهيو هو"

قبلا! اسان جو لڄپال تون آهين ربن ڏڪ بچائيندي جملو اچليو.

اڏل شاهہ ربن جي هٿ تي ٻيو هٿ رکي چيو "ربن تڏهن تہ وير ئي نہ وڌم" روشوءَ ڪي چيم تہ سڄڻن تي ڪڪر جو ڇاڇو آيو آهي متان ڪنوڻ جو خوف ڪري". گجڻ ۽ وسڻ ڇڏي ڏئي هل تہ هلئون.

"ڪنوڻين جا خوف انهن ڪي ٿين جن جا ڪوٺ ڪچا هجن". منهنجي پڪي ٻانهين تون وينو آهين، هاڻي ڪنوڻيون نہ هجن يا گجگوڙيون ٿين. ربن ڪر ڪڍي جملو اچليو.

"باقي منهنجون بہ ڳالهيون" روشن مهل تي جملو اچليو.

ربن ڪنڌ مٿي ڪري مير محمد ڏي ڏنو ـ "ميروءَ ڪي تہ مان هاڻي هاڻي چيو آهي تہ پنهنجا ٽپڙ ڪڻ"

اڏل شاهہ موقعو ڏسي وار ڪيو "ربن مير محمد سڄي عمر تو وٽ رهيو آ، ابا ڏاڏا هڪ مقام ۾ دفن ٿيل اٿس. تون هن جو ڪعبو قبلو. ڪعبي ڪي پٺي ڪير ڏيندو".

مير محمد سوچ ۾ پئجي ويو ۽ جملي تي غور ڪرڻ لڳو.

ربن "قبلا سنو اٿس تہ هتان هليو وڃي. مون هن جي ڪري روشن ڪي پوئتي ڪيو. ان جو سِلو اُهو ڏنائين تہ "منهنجي ڏيءُ ڪي گهران نڪرڻ ۾ بہ هٿ هن جي گهر جو ٻڌل مليو". ربن چڻ ميار ڏنس.

مير محمد وائڙو ٿي ويو.

ربن ڳالھ تہ وڏي ڪري ڇڏيئہ. ”مون اجايو توڪي پارت ڪئي“ اڏل شاھ ٻيو وار ڪيو.

مير محمد جون ٻہ ٻہ ويون تہ ڇھ ٿي ويون“. گوڏا ڪوڙي اڏل شاھ جي اڳيان ويھي رھيو.

بابا سائين مون وڏيرڪي در جو ٽڪر ڪاڌو آھي. مون ڪي اڪيلو نہ ڪيو مان ابن ڏاڏن جا گھر ڪيئن خالي ڪيان؟“.

مان ڪاڏي دربدر ٿيندس؟

اڏل شاھ مير محمد کي ڄار ۾ ڦاسندو ڏسي. يڪدم ڪيس ٻانھن کان وٺي مٿي اٿاريو.

مير محمد توکي اسان اڪيلو ڪونہ ڪنداسين، تون اسان جو حصو آھين!

اڏل شاھ ربن ڏانھن منھن ڪندي چيو. تہ مير محمد سان ڳالھيون ڪر مان پاڻ انھن ڳالھين ۾ ھوندس اسان مير محمد جي پاران ذمو ٿا کڻون تہ جيڪي مٿس ڳالھيون بيٺيون انھن جو حساب ھي ڏيندو ضامن مان آھيان.

ھڪ ئي ڌڪ ۾ اڏل شاھ بہ شڪار ڪيون گاڏيءَ ۾ چڙھيو ھليو ويو.

دادن ويٺيءَ ۾ ٻڌل ست رنگي ڳاني کي ست ڏئي ٻرندڙ باھ ۾ وڌو، جيڪو سڙي خاڪ ٿي ويو. ۽ اھا خاڪ ميڙي تماڪ سان مليل چرس سميت سُلفيءَ جي ڦُلَ ۾ وڌي ۽ ھنيانءَ جي باھ کان پري وڃي ھنيو تہ ڳاني جي خاڪ جو ھُڳاءُ سندس اندر ۾ لھي ويو. ھن پٽي گار پلاري کي ڏني. جوءِ جا..... تو واري نياڳ منھنجو بہ گھر خاڪ ڪري ڇڏيو.

پلاري وڏو ٿهڪ ڏنو.... تو وٽ گهر هيو ڪاٿي؟ پٺهين جي ملڪيت ربن هٿ ڪئي. ڳوٺ جو وڏيرو ٿي ويهي رهيو. تون سدائين اسان جي ڳچيءَ ۾ هيڏي ملڪيت هوندي به سدائين پوتڙو ڪلهي تي ۽ وزن اسان تي.

دادن ڪي جواب ذهن تي چڙهيو. پر اکين اڳيان صرف دونهون نظر آيس!

چاچو به ڇا ڪري؟ هو ته مونسان سچو آهي. خداءِ سان گڏ قلندر کو پُڄي رحيمان ڪي، جيڪا جڳهو ئي مسيت ڪري وئي.

اڙي مئخانو چئه مئخانو ٻڌئي نه کو ڪَنڙُو.پلاري سُلفيءَ جو ڪپڙو ناهيندي چيس.

”مئخانو ته پنهنجو ڏاج آ ان ڪي ڇو ٿو خراب ڪرين؟

چگُو ٿيو جو ٻُڍِي مُئي. هيڏي کهڙو تَري هان“ دادن سٽ ڏئي پلاري کان سُلفي گسي.

تون ڪڏهن ڪان ڪنڙو ٿيو آهين“ هنيانءَ تي ڇندو وجهڻ بدران ٽاندا ٿو رکين!

پلاري جو وزم ويندي ڏنو ته يڪدم پاسو مٽايائين ”دادن توڪي ڏڪ تازو آ مون وارو ته ناسور ٿي ويو آ. مون سان سؤٽِ گهٽ ڪئي. مري وئي وڄي وئي پر پلاري جي پر نه ورتائين، نياڳ چوٽ چڙهيل هئس.

دادن ٿهڪ ڏنو. ”اڙي ڪڏهن ملياٽيءَ ۽ مواليءَ جو نڪاح ٻڌئي“.

پلارو ڪنڌ لاڙي ويهي رهيو ته دادن سلفيءَ جو ڪپڙو ناهي. صفا سَرِ ڪري ڦوڪ لاءِ وڌايُس. پلاري اهڙا به ٽي دوگاڙا هنيا جو هنياءُ ٺري پيس.

۽ پنڪين ۾ ڪلام شروع ڪيو. ”ڇا وڃي اسان جو زماني سان سِرُ لڳي پنهنجو مئخاني سان“. زماني جا غم مئخاني ۾ لڳل گوار ٻوٽيءَ جي خاڪ ۾ دفن ٿي ويا. حق حق جا نعرا گونجي اٿيا.

مير محمد سومهياٽيءَ جو گهر آيو ته مِيسَ ئي مئل هئس. جوٽس سري اچي پيراندي ورتي. سفوران جا پيءُ خير ته آهي“

”ڇڏي سگهندينءَ اباٽا ڪک؟“ مير محمد جي اکين ۾ پاٽي پرجي آيو.

”هي تون ڇا ٿو چوين“.... ڇا ٿيو آهي؟

وڏيري چيو آهي ته ٿپڙ ڪڻ....

صابل جي هنيانءَ ۾ هٿ پئجي ويو. ”سفوران جا پيءُ پر ڇو ٿپڙ ڪٽوڻ؟!“.

اهو سڄو الزام هِن تو واري چوريءَ تي لڳو آهي ته رحيمان ڪي ان پڄايو آهي.

آهي ڪا عقل جي ڳالهه ـ هيءَ ڇو پڄائيندس! صابل صفائي ڏيندي وراٽيو.

هڪڙي پاسي عطا محمد وارو الزام لٿو ئي ڪونه ته وري هي ٻيو الزام مان وڃان ته ڪاڏي وڃان.“

توکي خبر ناهي ته عطا محمد تي هنن پنهنجو سر بچائڻ لاءِ الزام هنيو هو نه اسان گهر ڪئي، نه اسان جي مَن ۾ ڪا ڳالهه هئي ـ اها سڄي تنهنجي پيڻ جنهن ناحق نالو ڪٽي اسان کي آزار ۾ وڌو.

هن کي ڪهڙي خبر ته هي ”لانگهڙ لاهه ٿي ٻيهندا“ مير محمد ڪاوڙ ۾ جواب ڏنو!

مون کي جي لَڏٽو پيو ۽ هي گهر ڇڏٽو پيو ته ڇڏيندس، پر انهن جا منصوبا مٽيءَ ۾ ملائيندس! صابل پنهنجو فيصلو ٻُڌايو.

ڪاڏي اباڻا ڪک ڇڏي دربدر ٿينداسين. ابو هتي امان هتي. پيائر هتي دفن ٿيا. هجئون هندو ته رک ڪٽي هلي درياءَ ۾ وجهون! مير محمد لاچاري ڏيکاري.

هي کهڙي مسلماني. هي کهڙو دين ايمان، جو ناحق وينا چٽيون پريون، صابل نک ۾ لهي ايندڙ پاڻيءَ کي رئي جي ڪنڊ سان صاف ڪيو.

ٿوڻين تي نهيل وراندي ۾ سفوران ڪَنُ ڏئي ماءُ پيءُ جي گفتگو ٻڌي رهي هئي!

پلا جي چٽي پئي ته پريندا سين. پر پنهنجن ڪان ڪونه ڇڄنداسين. پنهنجا ماري چانوَ ۾ ته ڦٽو ڪندا. مير محمد فيصلو ٻڌايو.

اها ڪهڙي چانوَ جيڪا مُئي ڪان پوءِ ملي. صابل جي اکين جا ڇپر ڳورا ٿي ويا.

مان ته هي گهر ڪونه ڇڏي سگهندس!

خبر ٿئي مان ڏهن سالن ۾ هي گهر ناهيو هو. صرف ان ڪري ته هتي امان مرحيات مون کي ڄڻڻ مهل سور ڪاڏا هئا. ۽ منهنجي اورَ هتي پوري هئي“. مير محمد سبب ٻُڌايو.

ٻه سال ته مان پي گڏ هن جيان مٿي ڊوئي هي ڊورو پريو هو، جتي اج ڪٿ رکيون وينو آهين. الائي ڪيترا پيرا ته مونکي ڇڪي پئجي وئي هئي. صابل ڄڻ مٿو مٿ ٿيڻ چاهيو.

بهرحال ڳالهيون رکبيون ـ فيصلو اڏل شاهه ڪندو. جي برادري ڏنڊ ڏوهه رکيو ته مونکي پرڻو پوندو. ائين پاڙيو تي ڪونه پڄندس/لوڪ جا طعنا مهڻا ڪونه ڪٽندس..... ۽ ها پنهنجي ڇوريءَ کي سمجهائي ڇڏ. ڪير جوئر پوکي يا ڪٽڪ هرويرو هيءَ ڪانياٽي ڪٽي واهپ نه ڪري! ائين چئي مير محمد اجرڪ اوڍي ڏگهو ٿي سمهي پيو.

صابل ڪڻ تان اڻي تہ ڪيس ٽيڙ آيو. ڇڻ گهر جو ٿلهو پرائو ٽي ڪيس ڏڪي رهيو هو.

هن وَٽي ۾ پاٽي اوٽي پيتو ۽ ڪڻ تي ويهي پوتيءَ سان ڇڪي مٿو ٻڌو.

سفوران جي اڪين مان ننڍ ڪارڙي تتر جيان پڙڪو ڏئي اڏامي وئي.

هڪڙي هفتي ۾ راڄ مڙيو. ربن جي اوطاق ماڻهن سان ستڄي وئي.

پهريان مولوي بدر الدين جو بيان ٿيو تہ ”منهنجي ڇوڪر حليمان الزام تي مُئي. منهنجي پٽ روشن کي شڪ هو تہ مير محمد جو پٽ عطا محمد منهنجي ڀيڻ کي پسند ڪندو آهي ۽ ڇوڪريءَ بہ ان ڪري منهنجي ڀائٽي ڀلاري سان شآدي ڪرڻ کان انڪار ڪيو. جنهن تي قتل ٿي وئي“.

ٻيو بيان ربن جو ٿيو جنهن چيو تہ ”حليمان جي قتل وقت مير محمد جي ڇوڪري منهنجي ڏيءُ وٽ پهتي، جنهن کي ورغلائي وٺي وڃي ڪاريءَ کي تڙ ڏياريائين ۽ بغاوت جو ٻج ڇٽيائين. وري مون پنهنجي ڀائٽي دادن کي سڱ ڏيڻو ڪيو ۽ شاديءَ جون تياريون ڪيون. رسمن واري رات مير محمد جي ڌيءَ سفوران لاءِ لوئي ڪٽي آئي ۽ منهنجي ڌيءُ کي ورغلائي ڀڄڻ تي مجبور ڪيائين. ۽ ڀڄي وڃي درياءَ ۾ ٽپو ڏئي مري وئي“.

مير محمد گهڻو ئي لڇيو ڪڇيو، ڦتڪيو تہ مٿس گهر ويٺي الزام لڳايا تا وڃن، جن سان سندس ڪو تعلق ناهي پر اڏل شاهہ اڪيون ڦوٽاري اعلان ڪيو تہ سيئي الزام آخر مير محمد جي ڇوڪريءَ مٿان چو لڳا آهن. هوءَ ڏوهارڻ آهي. تنهن ڪري مير محمد پنهنجي نياڻيءَ جو

سگ ڇُوڪرِ حليمان جي قتل ٿيڻ واري ڇڻيءَ ۾ مولوي بدر الدين جي پٽ روشن کي ڏيندو.

جڏهن ته مير محمد جي ڇوڪري سفوران، شادي ڪانپوءِ وڏيري رب جي گهر ۾ رهندي ڇو ته رب جي گهر کي هلائڻ واري ڇوڪر رحيمان سفوران جي ڪري وسندڙ گهر ڇڏيو ۽ آپگهات ڪيو ۽ ان ڳالهه تي روشن به ارهو نه ٿيندو ـ هو جڏهن ڳوٺ ايندو ته سفوران کي پنهنجي گهر وٺي ويندو.

اهڙي فيصلي تي رب جا هيٺ لٽل شهپرڦڙڪڻ لڳا ۽ ڪمدار حسوءَ ڏاڍيان واهه واهه ڪئي ۽ اڌل شاهه جي فيصلي جو دادُ ڏنو. منائي ورهائجي وئي. به لڏون مير محمد انگوشي جي ڪنڌ ۾ ٻڌي گهر پهتو.

هڪڙو لڏون صابل کي ڏنائين ۽ ٻيو لڏون سفوران جي وات ۾ وجهي چيائين ته: ”جي توکي پيءُ جي عزت پياري آهي ته پنهنجو وات بند رکجانءِ“.

سفوران اوڪارا ڏئي لڏون ڪڍي ڇڏيو اکيون پاٽيءَ سان ڀرجي آيس“.

هڪڙي مهيني ۾ ئي. سيئي سانگ رچايا ويا. ڪاج ٿيو. رب جي اوطاق تي شرناءِ وڳي ـ ڊُهلَ تي ڏمالَ لڳي.

مئخاني ۾ پلارو ۽ دادن ٻکين پيا. خوشيءَ ۾ ڪليا جهمريون هنيائون.

مسين ڪا هرٽي چار ۾ ڦاتي هئي.

روشن موڙ ٻڌا. صابل مٿو ڇڪي رئي سان ٻڌو. ڳاڙهي قرآن هيٺان ٽپا ئي سفوران کي روشن جي حوالي ڪيو.

روشن سفوران جي ٻي سَتي جسم سان سڄي رات، ستو رهيو. جنهن تي خار به ڏاڍا آيس هڪ دل چيس ته ڪهاڙي ڪٽي جسم کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري، ڇڏيانس پر ان ۾ به سندس فتح هئي، ته هن هڪ عورت

جي هٿ ۾ غرور ڪي ٽشو پيپر جيان استعمال ڪري مروڙي ڦٽو ڪيو آهي.

روشن هليو ويو تہ سفوران وڏيري ربن جي حويليءَ ۾ آندي وئي، جتي اوطاق جي نوڪرن ڪاراون، ڪمدارن جي ماني پچائڻ لڳي، رات جو ربن کي زور ڏئي. سمهاري پوءِ وجي چيلهہ سڌي ڪندي هئي.

هڪ ڏينهن وڏيري ربن ڪارو پٽر گهوٽي مينديءَ ۾ ملايو ۽ وارن کي ڪلر ڪرڻ لاءِ سفوران کي سڏيو. سفوران وارن کي رنگ ڪيو. ان دوران ربن جون نظرون سندس سڄي جسم جو جائزو وٺنديون رهيون.

سج لڙي، لهي ويو. ربن تڙ ڪري ڪلر لاٿو ۽ چلهہ تي ويهي جسم کي سيڪا ڏنا ۽ پاڻ کي گرم ڪندو رهيو، تہ اوچتو روشن اچي نڪاءُ ڪيو. ٻرندڙ بنديءَ تي پاڻي هاري ربن اٿيو ۽ ٽيڙ ڪائيندو ڪمري ۾ وڃي پلنگ تي ڪريو.

سفوران ڪاري پٽر واري ٽيلهي چادر ۾ لڪائي روشن جي ڪڍ لڳي گهر پهتي، جتي هن پَليءَ جو ساڳُ ناهيو. هن مڙس کي ماني کارائي. کير جو وٽو پري پياريو. روشن گهڻو خوش هو تہ سفوران هاڻي ڏڪ پچائي وئي آهي ۽ سندس رويو درست ٿي ويو آهي. جهڙ ڪانپوءِ روشن هڪ وڏي الٽي ڪئي ـ سائي پلي سندس وات سان گڏ ناسن مان بہ پاڻي ٿي نڪتي.

مولوي بدر الدين پٽ جي اها حالت ڏٺي تہ مٿس آية الڪرسي ۽ ياسين جو ورد ڪيو. اجا صراط مستقيم لفظ تي پهتو تہ روشن وڏو اوجهڪارو ڏنو ۽ ٿڌو ٿيندو ويو. سفوران زور سان پير کي زمين تي هنيو ۽ چپ پيڪوڙي وڏي گار چپن کان پوئتان موٽائي ڳهي ڇڏي....!

(پهرين لڙي)

# ”عمر“۔ 1

غوث بخش ننڊ مان اٿيو ته ڪٽ تان لهندي، جُتيءَ جي هڪ پادر ۾ پير پيس ۽ هڪُ جتيءَ جي کَهيءَ ۾ ڦاسي پيس! ٽاہو ڪاڏائين! ذري گهٽ مٿو پيٽ ۾ لڳو هئس. جوڻس سامهون پئي ماني پچائي، تَئي تي ماني اُڇليندي ٿورو مسڪرايائين.

هن ڪي اها مرڪ ميار لڳي. هي باٿ روم ۾ ويو ڏندڻ ڪري موٽيو ته جوڻس پٽ کي مانيءَ جي مٿان مکڻ جو چاٽو رکي ڏنو.

پٽهنس حيران ٿي پڇيو ”امان هيءَ ماني منهنجي آهي؟“

ها پٽ ڇو؟ ماڻهنس وراڻيو....

مون سمجهيو ته بابا جي آهي؟

ڇو پٽ تون اهو ڪيئن سوچيو!؟

امان بابو نوڪري ٿو ڪري، سڄو ڏينهن ڪم ٿو ڪري ان ڪري خيال آيو.

اڙي ابا.... تون ٻه ڪو صفا موڳو آهين.

پٽهين جي هيءَ عمر آهي مکڻ کائڻ جي؟

غوث بخش جي وات مان گرڙيءَ وارو پاڻي قميص جي آڳر تي هارجي پيو.

(ٻي لڙي)

# ”عمر“۔2

غوث بخش ڪي اڄ موڪل آهي، هو گهر ۾ گهڻي دير سمهي ناهي سگهندو، هنڌ ۾ پاسا ورائيندي خيال آيس ته اڄ ڇو نه ڏاڙهي جا خط ونرائجن ۽ وارن کي ننڍو ڪرائجي؟

اهو خيال ايندي ئي هو تڪڙ ۾ اٿيو.

چپل کي چتائي ڏٺائين. ڪيس ڪالهوڪو خيال ذهن تي تري آيو. متان ڪٿي اڄ به وچڙي نه پوان ۽ زال جي مرڪ جو نشانو بڻجان. هو سنيالي لٿو ۽ چپل ۾ صحيح پير پوڻ تي گد گد ٿيو. هن برش تي پيسٽ لاٿي ۽ نوجوانن جيان برش ڪري، گرڙيءَ کي پري اڇلايائين. قميص جا ڪَفَ نيڪ ڪري، ڪالر درست ڪري ٻاهر نڪري پيو.

سيلون تي موڪل هئڻ سبب رش ڪجهه وڌيڪ هُئي.

حجم جي قينچي ۽ زبان هڪ رفتار سان هلي رهي هئي.

غوث بخش رات ننڊ نه آيئي ڇا؟

حجم جي سوال تي هي وائڙو ٿي ويو!

نہ پائو اهڙي ڳالهہ تہ ڪونهي. غوث بخش رکو جواب ڏنو.

ايتري ۾ هڪ پيرسن فقير سيلون جي در تي اچي بيٺو!

ابا نالو الله جو.....

حجم ڦٽيءَ ڪي قينچي تي ٺانوڪو ڏئي چنبڙيل وار هيٺ ڪيرايا ۽ ڪنو منهن ڪري فقير ڪي ڏنو.

فقير تنهنجي هيءَ عمر آ پنڻ جي؟ جو وتين ٿو ٽاپا ڪائيندو؟

گهر ۾ ويهي الله الله ڪر

فقير اهي لفظ ٻڌي اجا واپس ئي ڪونہ ٿيو تہ هڪ حسين جميل ڇوڪري سيلون ۾ اندر گهڙي آئي.

الله جو نالو.

حجم جون واڇون ٽڙي ويون.

هو خاني ڏانهن مڙيو ۽ ڏهين جو نوٽ ڪڍي فقيرياڻيءَ جي هٿ تي ائين رکيائين جو فقيرياڻي شڪي تي ماڻهن ڏانهن ڏٺو.

غوث بخش ڪنڌ هيٺ ڪيو. تہ حجم جملو چيو غوث بخش ماڻهو خير بہ ڏئي تہ ڪنهن چڱيءَ جاءِ تي.

غوث بخش جي واتان لفظ نڪري ويا.

هائو پائو عمر جي تقاضا بہ آهي.

(ٽئين لڙي)

# ”عمر“۔3

غوث بخش آفيس لاءِ تيار ٿيو. ڪالهوڪو ڏينهن موڪل جي ڪري ڏاڍو بور گذريو هئس. ان ڪري آفيس ايندي. سڄي واٽ سوچن ۾ گم رهيو.

موٽر تان لهي آفيس جي در مان گذريو ئي مس، ته صاحب جون نظرون شيشي جي هُن پارَ ڪان اندر ۾ لهندي محسوس ڪيائين.

هِن جهڪي وجي سلام ڪيو ته سلام جو جواب نه مليس، هن هٿ وڌائي رجسٽر ڪٽڻ جي ڪئي ته آفيسر رجسٽر تي هٿ رکيو.

مسٽر غوث بخش اوهان کي خبر آهي ته ٽائيم ڇا ٿيو آهي؟

غوث بخش گهڙيال ڪي ڏٺو.

سائين! نوَ لڳي ويهه منٽ ٿيا آهن.

پوءِ! صاحب ٿورو ڪڙڪائي مان وراڻيو.

غوث بخش وڏي ويچار ڪانپوءِ چيو. ”سائين سيارو آهي“.

ٽڏي پاڻيءَ سان وهنجڻ ۾ تڪليف ٿي ٿئي، جيستائين پاڻي گرم ڪرايان وهنجان....... ماني ڪاوان....... غوث بخش اڃان جملو ئي پورو نہ ڪيو. تہ مٺان صاحب وراڻيس:

”هن عمر ۾ وهنجڻ ضروري آهي؟“

ايتري ۾ آفيس سيڪريٽري پنهنجي آلن وارن ڪي سنواريندي اندر داخل ٿي. آفيسر جون نظرون وارن تان ٿينديون هيٺ لٿيون.

سيڪريٽري رجسٽر هٿ ۾ ڪنيو، هلڪي مرڪ اڇلي، رجسٽر تي صحيح ڪئي ۽ آلن وارن کي جهٽڪو ڏئي نڪري وئي.

صاحب! ڪرسيءَ کي ٽيڪ ڏني ۽ هلڪي مرڪ مرڪي، غوث بخش کي چيو. غوث بخش ”ان ڪي ڇئبو آ عمر!“

# گلناز

هوءَ اڄ صبح صبح سان ٻڏتر ۾ آهي تہ: ”آخر ڪهڙو سوٽ پائي وڃي“ الماڙيءَ جي رينڪ مان هن، چئن سوٽن کي ڪڍي بيڊ تي پٿاري ڇڏيو آهي. ڪيس سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ هوءَ انهن چئن سوٽن مان، آخر ڪهڙي سوٽ جي سليڪشن ڪري! پيلو وڳو هن آپا ڪلثوم جي ميلاد ۾ پاتو هو“. نيرو وڳو آپا صغريٰ جي ڌيءَ واري سالگرهہ ۾ پائي چُڪي هُئي. فيروزي برٽ پرِيل ڊريس، هن اڃا اڳئين هفتي ۾ اسڪول پڪنڪ تي پاتي هئي. سفيد وڳو زري جي ڪم سبب ميلاد ۾ ڪيئن پائي وڃي؟ لائيٽنگ تي ڪو خاص مزو نہ ڪندو“ سي گرين وري ٿورو ڀاري (ڳرو) هو ڪيس هٿن ۾ ڪٽي هلڻو پوي ها“

هن پنهنجي ڌيءَ کي سڏ ڪيو جنهن کي پڻ يونيورسٽي وڃڻ ۾ دير پي ٿي“.

هنن مان ڏس ڪهڙو سوٽ پايان..... هن منهن خراب ڪندي گڏيءَ کان پڇيو.

”سيئي سنا تہ آهن.... ڪهڙو بہ پائي ونو“. گڏيءَ مٽاچري نظر وجهي ڪيس ورندي ڏني.

”ان ڪري تہ توڪان راءِ نہ وٺندي آهيان، سني صلاح ڏيڻ جي بجاءِ اندر ساڙي چڙيندي آهين“. جي ڪهڙو بہ پائي وڃڻو هو تہ توڪان ڇو ٿي پڇان“؟

”مما مونکي يونيورسٽي دير پئي ٿئي، مان وڃان ٿي“. گڏي بڪس کڻي نڪري وئي. تہ پنيان ماٺهنس جملو چڙيو ”وڃي ڏوڙ پاءِ“

اهڙي جملي تي گڏيءَ جو موڊ خراب ٿي ويو، جنهن ڪمري جو دروازو زور سان بند ڪيو ۽ ٺپ ڏيڪ ڪندي ڏاڪڻين تان لهي هلي وئي.

جنهن تي گلناز بيگم جو اجا بہ پارو چڙهي ويو ۽ ”بہ ٿي ڪچيون گاريون طوفان جيان گڏيءَ جي پويان لڳي پيون“

اِهُو ڪو نئون مسئلو ڪونہ هو، بلڪ روز جو معمول هو!

اسڪول جي ماحول، ميڊمن جي طعنن، مهڻن، طنز ميڊم گلناز کي بخيل ڪري وڌو هو! جڏهن کان سندس دوستي اُمِ رباب سان ٿي هئي، تڏهن کان سندس ڦرڪو ڦريو هو، ننڍي وڏي مئڊم سان سندس ٻوٽي ڪونہ ريجهندي هئي. هوءَ پاڻ کي ميڊونا کان بہ مٿانهون سمجهڻ لڳي هئي.

سندس اٺڻ ويهڻ جو طريقو نرالو ٿي ويو هو، مٿن مائٽن ۽ اوڙي پاڙي وارن تي اک نہ ٻڌندي هئس. گهر ۾ آمدني چار پئسا هئس، مهيني جي پگهار سٺر، اسي هزار، مڙس پاران گهر جو خرچ، ٻارن جي پڙهائي، لٽو ڪپڙو، غمي شادي ماني ڊِوَ تي، مطلب تہ ٻئي پاسي جو الُڪو ڪونہ هئس، تنهن ڪري مئڊم جون شاهہ خرچيون وڌي ويون هيون،ناشتي ۾ مڇي، ٻاڪرو گوشت، ٽفن ۾ بند ڪري جڏهن هاف ٽائيم ۾ اسٽاف روم ۾ وڃي کوليندي هئي، تہ مئڊمن جا وات ٻرجي

ويندا هئا ۽ پاٽي پاٽي ٿي ويندا هئا، هوءَ اُمِ رباب سان تاڙو ملائي، ناز نخري سان گرهه ڏيڪاري ڏيڪاري ڪائيندي هئي.

سندس اهڙي روش، مئڊمن ڪي بلڪل به نه وڻندي هئي، ٻه ٽي دفعا ته جهيڙا ٿيندي ٿيندي ٽريا هئا. هيڊ مسٽريس ڪي، هن پنهنجي ڄار ۾ ڦاسائي رکيو هو، هفتي ۾ بيڪريءَ تان ڪيڪ، مهيني ۾ٻي بنارسي سوٽ، هالا جي پرت پريل چادر ته ڪڏهن اڌ ڏنيري جو پُڳل، وجي ٽيبل تي رکندي هئي ته هيڊ مسٽريس جون واڇون وڃي ڪنن سان لڳنديون هُيون ۽ هوءَ ساڻس جهُٽ تي وئي هئي!

وري جي امتحان ٿيندا هئا، ته پيپرن ڪان پوءِ عاليشان پارٽي ڪري ڪلارڪن، پٽيوالن ۽ ايڪسٽرنل ڪي ڊِوَ تي ماني ڪارائي ڇڏيندي هئي، تنهنڪري سڄي امتحان ۾ هوءَ واڪي ڪيئون، وانگر پئي بلاڪن ۾ گهمندي هئي.

اڄ اسڪول ۾ ميلاد هئي ۽ ڪيس سڄو انتظام سنڀالڻو هو، ڪنهن کي نعت پڙهائڻي آهي، ڪنهن کي گلن جا هار پارائڻا آهن ۽ ڪنهن کي مٺي ويهارڻو آهي، اهو سڄو ڪم سندس ٻلي هو، تنهن ڪري هن کي پاڻ کي ڪيئن ناهي رڪڻو هو، ڪهڙي ڊريس پائي وڃي ۽ ام رباب جهڙي لڳي. ”هن ام رباب کي ٻه مات ڏيڻ ٿي چاهي“

تنهن ڪري فيصلو نه پي ڪري سگهي، ته آخر ڪهڙي ڊريس پائي وڃي.

هوءَ ٻن منٽن لاءِ بيڊ تي سڌي ٿي سمهي پئي.

اهو خيال ايندي ٿپُ ڏئي اٿي ته ڪيس سڄو انتظام سنڀالڻو آهي ۽ مٽان ڪا ٻي مئڊم ڪانئس گوءِ ڪٽي وڃي“. جيئن اڳيُن پيري ٿيو هو ”امتحان جو رزلٽ آئوٽ ٿيڻو هو“ ته صبح صبح جو ماڻس اچي ويهي رهي هئي، ته تنهنجي نندي پيڻ ليڪا لتاڙي چڪي آهي، مڙس کي ڇڏي انهيءَ ڳالهه تي بضد آهي ته هاڻي هوءَ ان سان نه رهندي،

ڪورٽ ۾ طلاق لاءِ درخواست ڏيندي“. ماڻهنس اهي سور ڪٽي اکين ۾ پاڻي آڻي، اچي صبح جو نڪاءُ ڪيو هو ته هوءَ ئي ڪيس سمجهائي“.

موبائيل فون تي مٿو هڻندي، هن ڪي دير تي وئي ۽ پويان رزلٽ آئوٽ ٿي ويو. انائونسمينٽ جو شرف مئڊم زرينه کي مليو ۽ جڏهن هيءَ اسڪول پهتي ته پروگرام، پوئين پساهن ۾ هيو، هن ڳڻي ڳڻي زرينه کي ته گاريون ڏنيون پر ماءُ پيڻ کي به نه بخشيو. جن جي ڪري ساڻس هي ويڌن ٿي هئي.

سو هاڻي هن اهڙي رسڪ نٿي کڻڻ چاهي.

هوءَ تڙ تڪڙ ۾ واش روم مان ٿي آئي ۽ سفيد ڪپڙا پائي ڊريسنگ ٽيبل جي سامهون ٿي بيهي رهي.

هن فيس تي اسٽڪ هنئي، هڪ هٿ سان منهن مهٽڻ شروع ڪيو ۽ ٻيو هٿ پرفيوم جي باٽل ۾ وڌو ۽ ڪپڙن کي پرفيوم هڻڻ جي ڪئي ته پرفيوم جي باٽل مان صرف هواءِ نڪتي. پرفيوم ختم ٿي چڪو هو. هن جو پارو ويتر چڙهي ويو ”هن کي به هاڻي ختم ٿيڻو هو“.

هن وڏي وجي ستل پٽ کي ٿڏو هنيو جيڪورات جو ٻي وڳي تائين موبائيل سان کيڏي ستو هو!

اٺ چنڊا! هن مهل تائين ستو پيو آهين، ”گاڏي ڪدي پرفيوم آڻي ڏي“!

منور جو اٿيو، ته سندس ذهن ڪم ئي نه پيو ڪري، اکيون مهٽي پڇڻ لڳو ته ڇا ٿيو آهي“.

”پڙهين مري ويو آهي“ غصي ۾ جواب ڏئي هو، ويتر وائڙو ٿي ويو.

هزار جو نوٽ نڪاءُ بوٽ ۾ ٿي ويس، هي وٺ ۽ پرفيوم وٺي آءُ.....

منور هزار جو نوٽ ڪنيو هيٺ لهي باٿ روم ۾ هليو ويو، ڪچڙي ننڊ مان اٿيل منور جو باٿ روم ۾ وينو ته وينو ئي رهيو.

مٿان ڏاڪڻ تان سينڊل جو آواز ٻڌي تڙ تڪڙ ۾ باٿ روم مان نڪتو ته گلناز بيگم آڱريون ڪنڊيري پرپور ٻجو سندس ٻوٽ تي گهروڙي هلي وئي....

”هي اولاد آهي، چنڊي، نياڳي، ڪم چئه ته باٿ روم ۾ وڃي ويهي رهيو آهي“.

ميلاد جا مهمان پهچي ويا هئا، مئڊم پريشانيءَ جي حالت ۾ جيئن ئي هال ۾ پهتي، ته زرينه ڪيس ڏسي مئڊم شاهده کي سرٻاٽ ڪيو. ”لڳي ٿو ته گهران رهڙون ڪائي پهتي آهي“.

هن کي باهه وٺي وئي، وري جو اڳتي ٿي ته سامهون ام رباب مرڪي چيس:

”نيٺ اچو وڳو پاتئي نه، مان ان ڪري نه پاتو ته تون ضرور پائي ايندينءَ“

دل چيس ته ميڪ اپ سان پريل ٿيلهو وهائي ڪڍيس پر..... سڄو پروگرام خراب ڪرڻ نه چاهيائين ”اڳتي وڃي ڇوڪرين کي هدايتون ڏنائين ۽ پروگرام ۾ لڳي وئي. هيڊ مسٽريس کي مٿي ويهاري ميلاد شروع ڪرايائين، پر زبان سندس ساٿ نه پي ڏنو.... پروگرام جي ترتيب خراب ڪري ويني. ام رباب اچي سهارو ڏنس ۽ پروگرام جيئن تيئن ڪري پورو ٿيو. منائي ورهائي، هوءَ تڪڙ ۾ اسڪول مان نڪري وئي. پويان هن جملا به ٻڌا ۽ ٽهڪڙو به سندس ڪنن ۾ گونجيو.

گهر اچي هن بيڊ تي ٿيلهو اڇليو ۽ سينڊل کي ائين ئي پيرن سان اڇليو، هڪڙو پادر مٿي وڃي هلندڙ پکي ۾ لڳو. سٽل پٽهنس ڪر ڪٽي اٿيو ته هن ٻيو پادر لاهي ڪيس وهائي ڪڍيو. ”هن چنڊي جي ڪري منهنجو پروگرام خراب ٿيو.“

مان ڇا ڪيو؟ منور اجا ايترو وراڻيو تہ.....

هن وري پادر ڪڍي وهائي ڪڍيس......

منور اٿيو ۽ زور سان در بند ڪري ٻاهر نڪري ويو.....

نڪرو منهنجي گهر مان، خداءِ جي ڪا مار پئيوَ.... جيئڻ عذاب ڪري ڇڏيو اٿو..... مرو تہ منهنجي جند ڇُٽي“.

”سندس اکين مان پاڻي وهي آيو، منهن تي ٻانهن ڏئي سڏڪندي رهي“.

هن کي مڙس تي خار اچڻ لڳا ”ٻار منهنجي مٿي ۾ نوڪي، پاڻ وڃي ڪراچيءَ ۾ سمنڊ جون هوائون ٿو کائي“ اڙي ڇا ڪندس، مان تنهنجا اهي رشوت جا نوٽ! ايترا پئسا تہ مون وٽ بہ آهن.... نالي ۾ مڙس ٿيو آهي.... پاڻ وتي ٿو عياشون ڪندو ۽ هتي مان گهر سان بہ منهن ڏيان، ٻارن سان منهن ڏيان ۽نوڪري بہ ڪيان ۽ اتي وينل ڏائٽين سان بہ ڏند چڪ ڏيان.“

دل چيس تہ هينئر جو هينئر فون ڪري مڙس کي ست سريون ٻڌائي، پر اهو سوچي نہ ڪيائينس تہ پلا جي، منهنجو ڏينهن خراب ٿيو آهي تہ هرويرو ٻئي جو ڇو خراب ڪيان؟

باقي سياڻي انهن شودين کي تہ مان پاڻ ئي ڏسي وٺندس، تہ ڪيئن جملا هٽبا آهن ۽ ڪيئن سرڀات ڪبا آهن، ”اهي پاڻ ڪي سمجهن ڇا ٿيون“؟

مونکي ڇڻ خبر ئي ڪونهي تہ اها زرينہ مڙس هٿان روز موچڙا کائيندي آهي، ڪڏهن بہ سنئين ٻوٿ اسڪول نہ آئي آهي.

هوءَ ڏکهي ٻوٿ واري اقبالِ، جنهن جي منهن تي سدائين ڦتڪار پئي وسندي آهي ويني ويني اڏ مٿو، اڄو ٿي ويو اٿس پر ڪير قبول ئي نٿو ڪريس، هجنس پرڪار، سنا تہ ڇو نہ شادي ٿئيس، وتندي آ رڳو مائين جا مٿا ڏسندي تہ اڄ ڪير وهنجي آئي آهي ۽ پوءِ اندر جي

باھہ کان اچي پاسو ونندي آهي، تہ ڏي خبر اچ وھنجي آئي آھين ”رات خير تہ ھيو“؟

ممڙي ائين چئي چئي ويني اندر جي اوہر کي چندا ھٽندي آھي. هوءَ زرينہ بہ ساڻس ٻٽ آهي، جيڪا مڙس جي مچرچڻ جا قصا ٻڌائي همدرديون حاصل ڪندي آهي“. ادي توسان تہ ظلم آهي، مڙس ڇڪي مزاج جو مليو اٿئي“. ائين ڪڏهن نہ چيو اٿائينس تہ ڪجھہ پير سنڀالي ڪڻ، مئي روز ٿي پادر ڪائين“ مٿان وري چونديس تہ چڱو ٿيو ادي جو منھنجي شادي نہ ٿي نہ تہ مونسان بہ اهڙي ويڌن هُجي ها“.

هاڻي پُڇيس تہ ”ڳُنڍي توسان شادي ڪندو ڪير“؟

ذهن ۾ دليل وڙهائي وڙهائي پاسا ورائيندي ڪيس ننڊ اچي وئي....

صبح جو اسڪول لاءِ سنبرندي سندس ذهن ۾ سوين ترڪيبون، خيال اچڻ لڳا تہ اڄ انهن شودين جي چنچري لاهڻي آهي، جن ڪالھہ مونسان ڪين گهٽايو آهي.

ان اقبالِ جا نَڪَ ۾ چَپَ وڍيندس، تہ ”ڪوڳ عمر اچي سٺ کي پهتي اٿئي، اجا مٿي چانوَ ئي نہ ڪئي اٿئي“ پوءِ ڇا پينشن سان لانئون لهندينءَ؟

ان زري کي بہ بخش ناهي ڪرڻو، جيڪا روز ٿي موچڙا ڪائي اچي پر، مڙي ڪونہ ٿي.

گلناز بيگم آلن وارن کي سُڪايو ئي ڪونہ؟ اقبال جي هنيانءَ تي مڳ ڏرڻ لاءِ اِهوُ بہ سانگ رچايائين تہ پلي ڏسي ۽ سندس اندر سڙي ۽ ڪيس اهو احساس بہ شدت سان ٿئي تہ هوءَ اجان پنهنجي لاءِ وَرُ بہ ڳولهي نہ سگهي آهي.

ڪيس اها بہ ترڪيب سُجهي تہ هوءَ هاف ٽائيم ۾ ام رباب سان ويهي جڏهن ناشتو ڪندي تہ ”رات واري ماجرا وڌائي چڙهائي پيش

ڪندي تہ ڪيئن اڪبر خان ٽن مهينن ڪانپوءِ آيو. هن لاءِ کهڙيون کهڙيون سوکڙيون وٺي آيو.

هالن جي سوسي، پرت پريل چادر، زري لڳل کُسا، حيدرآباد جي مشهور بيڪريءَ جا ڪيڪ، ٽونٽ جيڏا ٻہ موبائيل فون، ٻارن لاءِ ڪپڙا مطلب تہ گاڏي سامان جي پري آيل، اڪبر لاءِ هوءَ اهڙو تہ تاثر پيش ڪندي جوا قبالِ جا ڪارڙا ئي مري ويندا.

هوءَ جڏهن هيٺ لٿي تہ بورچيءَ ناشتو تيار ڪري ڇڏيو هو، هن ٽفن چيڪ ڪيو تہ ٻاڪري ٻوڙ جو هُڳاءُ هن جي اندر ۾ لهي ويو. هن مرڪندي پنجن سَوَن جو نوٽ پرس مان ڪڍي بورچيءَ جي تريءَ تي رکيو تہ ”بورچيءَ جون واڇون ٽڙي ويون، هو ٽئنڪ يو چوڻ کان پوءِ مئڊم سان در تائين گڏيو آيو ۽ گاڏيءَ ۾ ويهڻ تي ڪيس سلام ڪري، خوشيءَ مان موٽيو.

گاڏي اسڪول جي گيٽ تي پهتي، تہ ٻن پٽيوالن دروازو کوليو. گاڏي مڙي اسيمبلي گرائونڊ تي پهتي تہ هڪ پٽيوالي مئڊم گلناز جو اڇي دروازو کوليو تہ ٻئي اڇي ڊرائيور کان مئڊم جو پرس ۽ ٽفن باڪس ورتو.

گلناز گاڏيءَ مان لٿي تہ هٻڪار ٿي وئي. هن هڪ نظر اسٽاف روم تي وڌي، جنهن ۾ اڄ ڇهڇٽو گهٽ هو. هوءَ مڙي هيڊ مسٽريس جي آفيس ۾ آئي تہ مئڊم سورة ”ڪميل“ جو وررد پي ڪيو. هن مسٽررول تي صحيح ڪئي تہ مئڊم ڪيس، عينڪ جي مٿان عجيب نظرن سان ڏٺو. هن مرڪي ڪيس سلام ڪيو.

”مئڊم ڪنڌ هيٺ ڪري جواب ڏنو“.

هوءَ آفيس مان نڪتي، سامهون پٽيوالو هٿ ۾ سامان جهليون بيٺو هو سندس منهن لٿل هو. ڪيس ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي. هوءَ تڪڙي ٿي اڇي اسٽاف روم ۾ پهتي جتي ٽيچرس سُس پُس واري انداز ۾

ڳالهائي رهيون هيون هن ڪي ڏسي چپ ٿي ويون، هن پنهنجو سامان ڪنڌ واري ٽيبل تي رکيو ۽ مٿي تان رئو هٽائي وارن کي چنبڪو ڏنو ته آلن وارن مان پاڻيءَ جون ڦينگون وينل ٽيچرس کي لڳيون، ڪو به ريمارڪس نه آيو، ته هن پر ۾ وينل ام رباب سان وجي پاسو هنيو. صوفي جي ٻانهيءَ تي هٿ رکيو، ته ام رباب سندس هٿ تي هٿ رکيو، اڄوڪو رکيل هٿ تاڙي ۽ خوشيءَ وارو ڪونه هو.

گلناز بيگم، ام رباب جي اکين ۾ ڏٺو جتي چمڪ بدران نمي هئي.

هن ڪان رهيو نه ٿيو ”ڇا ٿيو آهي“

ام رباب جي ڏڪندڙ چپن مان نڪتو اقبالِ شادي ڪري ڇڏي“

اڙي واهه! اها ته خوشيءَ جي ڳالهه آهي“

زرينه اٿي اچي سندس پر ۾ ويني ۽گلناز جو ٻيو هٿ پڪڙيو...... ”هن ادا اڪبر سان شادي ڪئي آهي.....“

گلناز بيگم جي جسم مان ست نڪري ويو.

سندس ٻنهي هٿن تي هٿ ڦرندا رهيا ته ڦڙا وارن بدران اکين مان ڪريا جيڪي هٿن تائين پهتا.

# آخري رات

تنهنجي هجر فراق ۾ ماهه لقا
نڪي غم ٿو وڃي نڪي دم ٿو وڃي

ريڊيو تان، رات جي وڳڙي ۾ ڪلام گونجيو ته سندس جان ۾ هڪ لهر ڊوڙي وئي.

رات جي ان ويل هو جاڳي رهيو هو، توڙي جو سياري جي رات، هي ڪو گهڻو ٽائيم نه ٿيو هو. نائين ڪان ڏهين واري پروگرام جو هي آخري ڪلام هلي رهيو هو، سندس گهر جا سڀ ڀاتي ورانڊي ۾ اگهور ننڊ جي ور چڙهي چڪا هئا. سندس گهر ڪچي جي ايراضيءَ ۾ ٻيلي جي اوڀارين مهڙ وٽ آهي، سندس گهر ڪان صرف ٻه گس نڪرن ٿا. هڪ جهلي بند ڏانهن ۽ ٻيو درياهه جي ڪپ ڏانهن، باقي ٻه پاسا گهاٽو جهنگ ئي جهنگ، جنهن ۾ گهڙڻ ڪانپوءِ ڪو، سونهون ئي نڪري سگهي ٿو، باقي الله خير سلا، ٻيلي جي اولهائين ڇيڙي تي سندس مائٽن جا گهر آهن، جيڪي درياهه جي ڇڏي وڃڻ واري ڊوري ڪان چڙهنديءَ ۾ آهن، جنهن ڪي اتان وارا ڇني ڪري سڏيندا آهن، ٻوڏ جي ڏينهن ۾، پهريان هيءَ ڇني جڏهن ڀربي آهي، ته سڄي ڳوٺ جو مال متاع ڏنار، هن ڇنيءَ ۾ لاهي، ڏاڍي راند ڪيڏندا آهن ۽ مشڪرين ۾ هڪٻئي ڪي ڏاڍا گوپاٽا ڏيندا آهن. هتان جو هر رهاڪو ننڍو، جوان ۽ ٻڍو پاڻيءَ جو تارو آهي. باقي عام ڏينهن۾ ڏنار ٻيلي ۾ مال لاهي گس جهلي ويهندا آهن. جڏهن ڀناريون ڇين ڪري موٽنديون آهن ته ڪين ولو ڏئي اڇي وٽاٽين ڀيڙو ڪندا آهن، بجلي نه هجڻ ڪري هر گهر ۾ رات جو دير

تائين باهڙي پئي ٿمڪندي آهي، جنهن جو ڏس، سڌ پنڌ تي پيو ملندو آهي ڇو ته عام زمين کان سندن گهر پنجن کان ڏهن فٽن تائين مٿيءَ جي هٿرادو پيل پراءَ، تي اڏيل آهن، جن کي پناهه ڪا ورلي هوندي، نه ته مڙئي خير. اهڙيون ئي حالتون ۽ پس منظر هن سان پيو لاڳو آهي، سندس گهر اڪيلو ٻيلي جي وٽ تي اڏيل آهي. ٻند کان لهندي سندس ڪانن سان اڏيل جهوپڙي نما سندس گهر، ڪنهن ٿر جي چؤنري جيان لڳندو آهي، گهر جي اوپارين حصي ۾ ٿوڻين تي نهيل ڇپرو، سندس اوطاق آهي، ۽ اولهائين پاسي کان ڪانن سان نهيل هڪ ڪمرو جنهن ۾ ڍڪڻ سان نهيل هڪ در جنهن کي ٻن مضبوط ٿلهين ٿوڻين سان ٻڌي ڇڏيو اٿائين ۽ ان کان اڳيان اڌ ڪليل وراندو نهيل اٿس، ان جي ڏاکڻي پاسي ٿوري وٿيءَ سان ننڍڙو ڇپرو نهيل اٿس، جنهن ۾ هي رات جو جيون جا لمحا گذاريندو آهي، ان جي پويان سندس مال جو منهه نهيل آهي. جنهن جو ڳِلو هن جي ننڍڙي ڇپري مان آهي. مال جي سانگي ۽ جوانيءَ جي سرحدن کي لتاڙي اچڻ ڪري، هاڻي صرف مال جي نگهباني ڪرڻ ٻيلي ۾ گهمائڻ ۽ ڪانيون ڪرڻ جو شوق وڃي باقي رهيو اٿس.

ڪو وقت هو جو هُو آزاديءَ سان اسر ويل اٿي وڃي، ڇنيءَ کان مال کي لاهيندو هو ۽ نڙ جهڙي مڌر ساز سان ستا جاڳائيندو هو، هاڻي ته نڙ وڄائڻ سان دم گهٽجڻ لڳندو اٿس، ڪنگهه جي هڪ ڊگهي مالها ڳچيءَ ۾ پئجي ويندس اٿس، جنهن مان ڪلاڪن ڪانپوءِ وڃي جان ڇڏائيندو آهي، ان آزار کان ڪڏهن ڪڏهن دل جي حسرت مارڻ لاءِ نڙ ڪٽي انگوشي سان ڇندي ڦوڪي وري رکي ڇڏيندو آهي.

اهي سندس جوانيءَ جا ڏينهن هوندا هئا، جيڪي اڄ سندس هينئين تي اهو ڪلام ٻڌي هري آيا هئا، هن کان ٿورو اڳ ڇنيءَ جي مٿان ڪلاشن جا برسٽ ٻڌي ننڊ مان ڇرڪ ڀري اٿيو هو. ٽابڙندي وڃي وراندي ۾ پهتو هو جتي سندس پٽ پنهنجي وڻيءَ سان ستل هو، ڇمنيءَ

جي مدم روشنيءَ ۾ هن پنهنجي پٽ جو حسين چهرو ڏٺو ۽ دل تي هٿ رکي ٿڌو ساهُ کنيو ۽ موتي اچي چلهه ۾ پيل ڪنديءَ جي بندن ڪي نانوڪا ڏئي باهه کي مچائڻ لڳو، هاڻي هو پنهنجي جسم ۾ ڏکڻي محسوس ڪري رهيو هو، باهه تي هٿ سيڪيندي پلال مان نهيل پيڙي تي ويهندي پڻڪيو، "ڏاڙيلن ته اچي ننڍ حرام ڪري ڏني آ، نتا مَرن نتي جان ڇٽي، مسڪين ماڻهن جي ته زندگي ويل ڪري ڇڏي اٿئون، وجئون ته ڪاڏي وجئون، ڏينهن ڏٺي، مال جا ڌڻ ڪاهيو وجن، پڇندن، ڪي گوليون هنيو وجن، ڇڻ پڪي ماريو ڇڏين، وري اَچي آڏيءَ رات دهمان رکن ته ماني ڪارايو، ڪنهن وٽ هجي ڪنهن وٽ نه هجي، هنن جي پيو پورت ڪري، هڪ غريبي گهٽ آزار هو جو ٻيو هڪ آزار ٻه اچي اسان لاءِ پيدا ٿيو".

هي اٿيو ۽ ميريءَ سوڙ ۾ سيءَ کان بچڻ لاءِ گهري ويو، پاسو ورائيندي ريڊي جي مٿان وجي پاسيري چڙهيس. هٿ سان ڪدي ٻُجيءَ ڪي ڦيريائين ته اهو ڪلام هلڻ لڳو، "تنهنجي هجر فراق ۾ ماهه لقا نڪي غم ٿو وجي نه ڪو دم ٿو وجي"، سوڙ ۾ سندس گوڏا اُيا ئي رهجي ويا. هي ڪجهه گهڙين لاءِ بلڪل سن ٿي ويو. جان ۾ پيدا ٿيندڙ ڏکٽي ڪوهين ڏور هلي وئي هئس. هي جوانيءَ جي انهن لمحن ڪان ٿيندو پنهنجي جيون ساٿياڻيءَ جي جدا ٿيڻ تائين وقت جي وير ۾ لڙهي ويو. ڇا ته اهي ڏينهن هئا، هن ڪي اجا مچن جي ساوڪ ۽ ريهه ڪري لهندڙ ڏاڙهيءَ جي ڪٽي پشم نما ٻج، ويڪري پيشاني تي ايري آئي هئي. وڏا ڪارا گهاٽا وار جنهن ۾ چڱو خاصو تيل هٽي، جڏهن پاسي تي سينڌ ڪدي، نندي چمڪيدار ڪهاڙي ڪٽي، هو پنهنجي اصل گهر (جيڪو هينئر سندس مائٽن جو ڳوٺ آهي، ان ۾ هوندو هئس) مان نڪرندو هو ته، جوان ڇوڪرين جي دلين ۾ هورا ڪورا مچي ويندي هئي. سندس پيءُ دشمني سبب، جڏهن هي اجا پنجن سالن جو هو ته قتل

ٿي ويو هو. هي گهر جو اڪيلو سنپاليندڙ وڃي بچيو هو. هڪ ننڍڙي پيڻ ۽ هڪ ماءُ، مائٽن ۾ هجڻ ڪري هن ڪي ڪڏهن اهو محسوس پيي نہ ڪرايو ويو تہ هي ڪو اڪيلو آهي. قتل واري حادثي ۾ مڙس تي منهن ڏيڻ واري اڪر، سندس پيءُ، ڪانپوءِ سڄي ڳوٺ وارن جون همدرديون، ساڻس وڏيڪ هيون. هر ڪو پيو جيءَ ۾ جايون ڏيندو هئس ۽ گهور پيو ويندو هئس. اسماعيل جي تہ اهڙي ٿي وئي هئس جو پل پيي پاڻ ڪان پري نہ رکندو هئس. اسماعيل هڪ سپرونج سگهڙ هيو ۽ ان سان گڏ نڙ تي بيت اهڙا چوندو هو جو ڳوٺ وارن جون دليون مست ڪري ڇڏيندو هو. جڏهن ڪڙمي ڪم ڪار تان ٿڪجي ايندا هئا تہ اهڙين دوڪان واري ميدان تي اچي ميڙو ڪندا هئا. حالَ احوال ڪانپوءِ ڪچهري جو آخري ائٽم نڙ بيت هوندا هئا. اسماعيل نڙ پيي ڏاڍو سريلو وڄائيندو هو، پر هو ڪچهريءَ ۾ بيت ڏيندو هو ۽ ساڻس نڙ تي سنگت هڪ درويش نما، جانو ڪندو هو، جنهن جي لاءِ اهو مشهور هو تہ هو الله لوڪ درويش آهي، جنهن جي بڻ بڻياد ڪان تہ ڪو ڪو واقف هوندو هو، باقي عام ماڻهن ڪي اها خبر هئي تہ اهو ڪرم شاهہ بخاريءَ جي درگاهہ جو فقير آهي. جيڪا سڏ پنڌ تي ڳوٺ جي اولهہ ۾ واقع هئي. جانو درويش نڙ وڄائيندي اڪين مان رت روئيندو هو، ۽ اسماعيل سانوڻ فقير جا بيت اکيون بند ڪري پيو وڏي واڪي چوندو هو ۽ سڀ ڳوٺ وارا خاموشيءَ سان ٻڌندا هئا.

هي پيي اسماعيل جي پر ۾ وينو بيت ٻڌندو هو ۽ جانو درويش ڪي چتائي ڏسندو هو، هڪ ڏينهن هن اسماعيل ڪان پڇيو تہ هي درويش نڙ وڄائيندي روئندو و آهي. اسماعيل چيو هئس تہ تون اڃا اهي مامون پروڙي نہ سگهندين، اهي عشق جون چوٽيون آهن، تون اڃا ٻار آهين. ائين هن ۾ وڌيڪ تجسس پيدا ٿيو هو هڪ ڏينهن هن اسماعيل ڪي چيو مان نڙ وڄائڻ سکندس ۽ تو سان سنگت، بيتن تي مان ڪندس. پوءِ پورو

هفتو هن ساهه ڪٽڻ جي مشق، ڪٽڪ جي تيل پاڻيءَ ۾ وجهي پڪي ڪئي هئي ان ڪانپوءِ اسماعيل ڪيس انگ ڳڻڻ سيکاريا هئا، جنهن ڪانپوءِ هوريان هوريان هي سڀ ڪجهه سکي ويو هو. اسماعيل نڙ وڄائيندو هو. هڪ ڏينهن هي موقعو تاڙي ڪرم شاهه پير تي جانوءَ سان وڃي مليو، ۽ ڪانئس زندگيءَ جي بابت پڇڻ لڳو، پهريان تہ جانو هن ڪي ڪلهي تي ٿاپي ڏني ۽ چيو هو تہ گلاب، تون اڃا گلاب آهين، تون تہ ٽڙيو ئي مس آهين، تون ڪا، ڪوسي واءُ، (جهولو) بہ نہ ڏٺو آهي. تون جڏهن اهڙي منزل تي پهتين تہ تو وٽ اها ڳاڙهاڻ نہ رهندي، تون گلاب جي گل جيان پن پن ٿي وڪري ويندي، تڏهن توکي انهن رمزن جي ڪل پوندي ۽ تنهنجي نڙ ۾ برهه جون باهيون، اندر جي آواز ۾ سمائجي ويندیون ـ مون کي ائين لڳندو آهي جڻ نڙ وڄائيندي منهنجي جسم مان اهو درد ڦوڪ وسيلي ٻاهر نڪرندو هُجي. تون ڇا ڄاڻي ڪندين، هڪ مسافر جي ڪهاڻي جنهن کي اها پيي خبر ناهي تہ هو ڪٿان جو هو ڪٿي آهي، ڪٿي ويندو.

هي ڪجهه دير سن ٿي ويو هو. پر جانوءَ بابت معلومات هٿ ڪرڻ جو هن پڪو پهه ڪري ڇڏيو هو.

هن وري جانوءَ کي التجائن واري نظر سان ڏٺو.... ۽ چيائين..... جانو، مان ڄاڻڻ چاهيان ٿو اهي رمزون، جيڪي انسان جي اندر کي جهوري وجهنديون آهن.“ جانوءَ.... ڳالهايو تہ پوءِ ڪٿي لڙن لائي ڏس.... ۽ ان انتظار جي ڪڙهائيءَ ۾ ڪڙهي ڏس“.

”ڪهڙي ڪڙهائي“.... گلاب ڪانئس پڇيو!

محبت جي ڪڙهائي.... عورت جي پهرئين جهلڪ واري ڪڙهائي... ان جي لفظن جي چاشنيءَ واري ڪڙهائي.... مرد مٿان فدا ٿيندڙ ان جذبي جي ڪڙهائي.... گرم گرم ساهن جي ڪڙهائي.... ڊپ ۽

خوف وچان ڏڙڪندڙ دل جي آواز واري ڪڙهائي.... سرد راتين جي انتظآر واري ڪڙهائي ۾ ڪڙهي ڏس گلاب....“ ۽ هو روئي پيو.

گلاب سندس منهن ڏانهن ڏسندو رهيو، جيڪو مڪئي جي سنگ جيان پيلو ۽ ڳاڙهو ٿي ويو هو، ۽ هن موت ڪئي هئي اسماعيل ڏانهن.... اندر جي اڻ تڻ سبب هن اسماعيل ڪان جانوءَ جي باري ۾ پڇيو هو.

اسماعيل هن ڪي بيقرار ڏسي چيو هو، ”پنهنجي پر واري زميندار سچل ڪي ته سڃاڻين؟“ هن هائوڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو.

اسماعيل ڳالهه جاري رکندي چيو، ”هي جانو ان جو سؤٽ اٿئي“.

هن جون اکيون حيرت مان اسماعيل ڏانهن کڄي ويون.

سچل جي پيءُ.... جانوءَ جي ياءُ کي زهر ڏئي مارائي ڇڏيو هو. هو هڪ پڙهيل لکيل ماڻهو هو، جنهن نوڪري ختم ٿيڻ ڪانپوءِ زمين جي سار سنڀال لهڻ لاءِ سچل جي پيءُ کان پنهنجو حصو گهريو هو، ان جي موت ۾ ڪيس حياتيءَ تان هٿ ڪڍڻو پيو هو. جانو اجا تن ڏينهن ۾ ننڍو هيو ۽ سندس ماءُ به شهر جي هئي، ان ڪري سچل جي پيءُ جي ساٿن لڳي ئي ڪونه ـ بي سهارا هجڻ ڪري، هي به چپ چاپ ماني ٽڪر تي پلندا رهيا. سچل جي پيڻ سان، جانوءَ جونينهن وارو ناتو ٿي ويو. هڪ گهر ۾ رهڻ ڪري اها ٻاپور سچل کي پئجي وئي. جنهن جانوءَ جي ماءُ کي گهر مان ڪڍي ڇڏيو ۽ جانوءَ کي نيمڪ حرام ڪوني گهر مان بي دخل ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي ڀيڻ جو قرآن سان حق بخشرائي ڇڏيو. هاڻي ته جانوءَ جي ماءُ به مري چڪي آهي. ڪڏهن ڪڏهن سچل جي ڀيڻ پير ڪرم شاهه تي زيارت لاءِ ايندي آهي نه ته سالن جا سال جانو ان آس ۾ اتي وينو هوندو آهي ته من ڪنهن ڏينهن اچي. ان انتظار جي درد ۾

پچندي ڪڏهن نڙ وسيلي اندر جو بار هلڪو ڪندو آهي ته ڪڏهن ميخاني ۾ لڙڪن جو مينهن وسائي هينئون هلڪو ڪندو آهي.

گلاب ان ڏينهن ئي ڳنڀير حالت ۾ موٽيو هو، سج لهي چڪو هو، ڳوٺ دونهين جي ڪڪرن ۾ گم هو. هرڪو مال جي وٿاڻن تي دونهون ڪري مڇرن جي فوج کي تڙي رهيو هو. لُيُن ۽ ڪنڊين جي وچواري سنهڙي گهٽي ڏيو هر گهر وجي رهيو هو ته ملوڪان ڇيٽو دڪايو گهر وجي رهي هئي، اوچتو ريشمي ڪپڙن جي سر سر تي هن ڪان ڇرڪ نڪري ويو هو. ملوڪان ٻرندڙ ڇيٽو مٿي ڪري سندس منهن ۾ تڪيو. ”هيڏو سارو ٻيڙو جوان ڊڄين ٿو“. هن جي دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي هئي.

ملوڪان وري ڳالهايو.... ”يڪي ڪاتي هئين، مان ويهي هاٽي ڇيٽو دڪائي موٽي آيس!“.

هن ڪان لفظ ئي نه اکليا هئا.

ملوڪان مک اولاري، نڪ تي هوريان هٽي ڇيو هيس، دير تائين ٻاهر نه رهندو ڪر، ڏسين نٿو ته زمانو ڇا لڳو پيو آ“ ۽ پوءِ ريشمي ڪپڙن جو گسڪو سندس پاسي کان ٿيو ۽ هوءَ هلي وئي.

هي بينو رهيو هن پاسي جي لڳڻ کي شدت سان محسوس ڪيو. ملوڪان پنهنجي ڳلي تي پريل ڇيٽي وارو هٿ لوڏي هلي وئي. هي شرم واري مرڪ مرڪي گهر ڏانهن راهي ٿيو هو. ان ڏينهن کان هن پاڻ کي بدليل بدليل پئي محسوس ڪيو. پوءِ جڏهن به ملوڪان سندس گهران ڇيٽو دڪائڻ ايندي هئي ته ڦوڪ ڏئي دونهون هن ڏانهن ڪري مرڪندي، هلي ويندي هئي، جنهن جي خبر هن جي ڀيڻ منان کي به پئجي وئي. پوءِ اڪثر ملوڪان ۽ منان پاڻ ۾ مذاق ڪندي جهيڙو ڪنديون هيون ۽ هن کي ڇيڙائينديون هيون. ملوڪان ڪمدار قربان جي اڪيلي ڌيءَ هئي. گهر ۾ پٽ جي اولاد نه هجڻ ڪري هوءَ لاڏلي هوندي

هئي نہ ڪنهن جي جهل نہ پل ـ هيءُ ۽ ڪمدار ڳوٺ ۾ هڪ ذات ڪري هڪبئي جي گهر ايندا ويندا هئا باقي مائٽي وارو رشتو ڪونہ هئن.

ملوڪان ۽هي پاڻ ۾ ويجها ٿي ويا، ايترا ويجها جو رات جو لين ۽ ٻوڙن جي ڪير ۾ هي لوڪ ستي وجي ملندا هئا. ڪمدار اڪثر مشن تي رهندو هو. تنهن ڪري ملوڪان ماءُ کي سمهاري وجي هن سان ملندي هئي.

هوريان هوريان سندن نينهن جي ناتي جي خبر پهريان عورتن کي پئي ۽ پوءِ عورتن جي ويجهو رهندڙ مردن کي، جن هن کي هروڀرو جون ڳالهيون ڪري راز ڪڍي ورتو ـ هي نروار ٿي پيو، اها خبر جڏهن اسماعيل کي پئي هئي تہ ان هن کي گهڻو سمجهايو تہ ڳوٺ جي ڳالهہ آهي توکي ائين نہ ڪرڻ گهربو هو، وڌ ۾ وڌ تون ڪمدار ڏي امڙ کي وٺي سڱ لاءِ وڃين ها. اهو بهتر هو، هاڻي جيڪڏهن تون ڪمدار وٽ پڌرو ٿي پئين تہ هو سڱ ڏيڻ کان انڪار بہ ڪري سگهي ٿو ۽ فيصلو بہ چڪائي سگهي ٿو. هن اسماعيل کي منٿون ڪيون ٻيلي منهنجي مدد ڪر، مان ملوڪان کان سواءِ خوش نٿو رهي سگهان، تنهنجي ساڃس لڳندي آهي. تون ئي ڪو بلو ڪر، آخرڪار هڪ ڏينهن هي ٻئي مشين تي ڪمدار سان ملڻ ويا. اتي ڪمدار جو پائيٽو بہ موجود هيو جنهن کي هن ۽ ملوڪان جي ڳالهين جي خبر هئي، اسماعيل سموري ڳالهہ ٻڌائي اجا بس ڪئي تہ ڪمدار جو پائيٽو اٿيو ـ چاچا شيءِ توهان جي آ، باقي ڪاري کي سڱ نہ ڏبو آ، هن ۽ ملوڪان جون ڳالهيون سڄي ڳوٺ ۾ هُلي ويون آهن.

ڪمدار صفا ڳاڙهو ٿي ويو ـ ڳالهائي ئي ڪونہ سگهيو ـ اوچتو هيڏي وڏي ڳالهہ ٻڌي سن ٿي ويو، اسماعيل گهڻو ئي چيو تہ ماڻهن ۽ ڪوهن جا وات ڪنهن بند ڪونہ ڪيا آهن. ڪمدار تون ماڻهن جي ڳالهين تي نہ لڳ، هي ڇوڪرو تمام سنو آهي، اها توکي بہ خبر

آهي ته پڙهنس اکر وارو هو. ان وقت ڪمدار کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه پيو اچي ته هو ڇا ڪري آخر ڪاوڙ ۾ منيون پڪوڙيندي چيو هيائين ته اسماعيل تون آيو آهين نه ته هن مهل الائي ڇا ٿي وڃي ها ـ باقي هي نه منهنجا مائٽ آهن ۽ نه ئي مان منٽي ڪندس، باقي عزت جو پلئه مان ضرور وٺندس. اسماعيل سڄي واٽ سوچن ۾ غرق رهيو هو ۽ هي پيءِ ماٽ ميٽ ۾ گهر اچي سمهيو هو. توڙي جو ملوڪان جو انجام به هئس. صبح اچا پنهنجو جلوو نه پسايو هو جو ملوڪان ڇيٽو دڪائڻ آئي ۽ هن کي منهن ۾ دونهون ڏئي اٿاري ۽ منهن خراب ڪري هلي وئي، هن اهو سڄو ڏينهن سوچن ۾ گذاريو، شام جو هن پنهنجي ماءُ کي سڄو احوال ٻڌايو ته ماڻهنس کي پهر ته سوچيندي رهي جڻ سڪتو طاري ٿي ويو هئس.

آخر ماڻهنس فيصلو ڪيو ته ڪمدار ڏي نياٽي ميڙ ڪري ويندي، من هو سندس عرض قبول ڪري. پر ڪجهه نه وريو ڪمدار زال کي چئي ڇڏيو ته ان مائي کي چئه ته هتان هلي وڃي منهنجون اکيون رت ٿيون ڇڏين. ٻنهي گهرن ۾ جڻ ماتم برپا ٿي ويو. ملوڪان جي ماءُ حيران رهجي وئي. هيڏو ڪجهه ٿي ويو ۽ مون کي ڪا به خبر ناهي، هن ڪمدار جي پير ۾ اچي پٽڪيو. ڪمدار به مڪون وهائي ڪڍيس هي سڀ ڪجهه تنهنجي ڪري ئي ته ٿيو آهي. چاڙهه پنهنجي ملوڪڙي کي مٿي تي ملوڪان روئي رهي هئي. ان کي اها ته ڪل ئي ڪونه هئي ته انهن معاملن ۾ ڪو ائين به ٿيندو آهي.

اها رات هي سمهي نه سگهيو هو. سڄي رات سوچن جي ور چڙهي وئي هئس. رات جي پوئين پهر هن فيصلو ڪري ورتو هو ته هاڻ هو، ملوڪان کي پچائي ويندو، بي رات هو ملوڪان کي پچائي ويو هو. پويان جي ڪا ڪل ئي نه رهي هئس ته سندس پيڻ ۽ ماءُ ڪيئن هونديون. هن اهو درد تڏهن محسوس ڪيو جڏهن ملوڪان سندس پٽ

ڪي جنم ڏيندي هن ڪان هميشہ وڇڙي وئي هئي. اها هڪ سرد رات هئي. ملوڪان ڪي سور ٿيا هئا هوءَ ضد ٻڌي بيٺي هئي تہ هڪ دفعو هينئر جو هينئر امڙ وٽ وڃي هل.

هي حالتن ڪي مجبور ٿي ڳوٺ اچي رهيو هو جو، ان جاءِ تي (جتي هينئر گهر اٿس)، ملوڪان ڪي پٽ ڄائو هو ۽ ڪجهہ پلن ڪان پوءِ ڪانئس موڪلائي وئي هئي. هن فيصلو ڪري ڇڏيو هو تہ هاڻ هو اتي ئي پنهنجي زندگي جا لمحا گذاريندو. اهي ڏينهن ڪيس شدت سان ياد اچڻ لڳا. هاڻ تہ هو بہ زندگيءَ جي راند هارائي چڪو هو. پر سندس دشمنيون اجا ڪمدار جي پائٽي جي پٽ سان هلندڙ هيون، جنهن اجا ڪالهہ ئي پٽهنس سان زمين جي مامري تي چنيءَ وٽ ڏند ڏنا هئا. پٽهنس جيان پاڻ بہ ارڏو ٿي پيو هو، هاڻ تہ اچي ڪيس فڪر ورايو هو تہ متان ملوڪان جي آخري نشانيءَ جي بہ هو حفاظت نہ ڪري سگهي. ان ڪري هي هي هڪ دفعو وري اٿيو ۽ ورانڊي ۾ سمهيل پٽ ڪي ڏسڻ ويو. پٽهنس گهري ننڊ ۾ ستل هو. هي موٽي اچي، متي ڪي هٿ ڏئي ويهي رهيو هو. ريڊيو بند ٿي چڪو هو، دير دير سان ٻاهران کڙڪو ٿيو، هي اٿي کڙو ٿيو چوڌاري فائرنگ شروع ٿي وئي، هي پٽ ڏانهن ڀڳو، ورانڊي جي در تي بيهي رهيو. پٽ ڪي ٻاهر نڪرڻ کان روڪڻ لڳو. اوچتو گوليون سندس سيني مان پار ٿي ويون.

صبح سان هڪ ٻي قبر کنئي وئي. ملوڪان جي پرسان ڪيس دفنايو ويو. اجا بہ اتي بہ قبرون موجود آهن ۽ هڪ گهر – جنهن ۾ اجا بہ ڏيئو ٻرندو آهي.

# مرغو نمبر-5

پنهل جيئن ئي گاهه پَني مان واندو ٿي، لائيف بواءِ جي ڳريل اڌ ڇڪي هٿ ۾ ڪٽي تيل جي شيشيءَ ڏانهن وڌيو، ته تيل جي شيشي خالي ڏسي، ڪيس ڍڪر اچي ويا.

”ابول تيل ڪي به اڄ ختم ٿيڻو هو“.

هن خالي شيشيءَ کي گهروڙي ٻُجو ڏنو.

سامهون لڳل آئيني ۾ پنهنجي ڪيفيت ڏسي ٿورو مرڪيو ۽ پنهنجي منهن چوڻ لڳو.

”وڏن ماڻهن جيان مان پيءِ لڳي ٿو ته نفسياتي مريض ٿي ويو آهيان“.

هل ڙي پنهل اڄ لائيف بواءِ سان ئي لائيف ڪي اڳتي وڌاءِ.

پنهنجو پاڻ کي جملو چئي هو سيٽي وڄائيندو ٻاهر نڪتو.

جوڻس پانان چلهه تي ويٺي ماني پي پچائي. ڪيس سيٽيون وڄائيندو ڏسي پڇيائين

”خير ته آهي“.

”ها هو رات تيل جو منهن ڪارو تو ڪيو آ“. پنهل مزاحيه انداز ۾ پڇيو.

مان ڪونه ڪيو آ، اهو ماڻهين پي مٿي کي مالش ڪرائي مالش ڪري ڪري هاٿي ته ويٺيءَ ۾ سور ٿي پيو آ. لُولَي ڪي به زبرو ڏڪ هٽي نٽي سگهان“. اڄ جي مانيءَ جون وٺيون پاسا برابر نه هجن ته منهن ڪنو نه ڪجانءِ“. پانان ڪن ڪٽائيندي چيس.

پنهل جي گول ٿيل چپن وري سيٽي، اُتان ئي وڄائڻ شروع ڪئي جتي ڇڏي هئائين. هن ڪان اک لڳي وئي.

جوڻس شرمائجي وئي. هن وري ڪو ٻيو اشارو سمجهيو.

پنهل ڪياڙي ڪنهي ٻاهر اوطاق تي لڳل نلڪي واري دڪيءَ تي پلٽي ماري وينو، اتي ٻه هن کي محسوس ٿيو ته ”مان ته صفا سودائي ٿي ويو آهيان““

زال کي اک هنيم، جيڪا اک هو اڪثر ان مهل هڻندو آهي ”جڏهن سندس موڊ نهندو آهي“.

هن ڪان نلڪي جي ڳن ۾ هٿ وجهندي، ڪل نڪري وئي. مار پٽسان ڪم ته خراب ٿي ويو، هو مرڪيو ۽ نلڪي کي هلائڻ لڳو. جسم تي پاڻي پيس ته جڻ ڪرنٽ ڊوڙي ويس“.

هي ڇا اڄ پاڻي ٻه اوپرو اوپرو ٿو لڳي.

هن جلدي جلدي جسم کي صابڻ هنيو. بغلن کي مهٽيو ۽ ڪجهه سرس مهٽيو ڪيس خبر آهي، ته جڏهن هو گاهه پٽو ڪري موٽندو آهي ته سندس بغلن مان عجيب قسم جي بوءِ ايندي آهي. جنهن جي شڪايت ڀانان ٻه ٻه ٽي دفعا ساڻس ڪئي آهي.

صابڻ کي لاهڻ لاءِ هن وري نلڪي کي گيڙا ڏنا ۽ هٿن سان سڄي جسم کي مهٽيو.

جي ٿيل هجي ها ته ڪيا بات هي“ ڪم ٿي وڃي هان. ڇو ته سياري جي اچڻ سبب سندس جسم تي جڻ اڇي ڪلري ٿي ٿي بيٺي.

”چلو ڪوئي گل نهين“ هن ڪان وات مان نڪري ويو.

وري هن ڪان اک لڳي وئي. ۽ هو وري پريشان ٿي ويو ته هي اڄ مون سان ڇا ٿي رهيو آهي.

هن جلديءَ ۾ ڪپڙا پاتا ـ صابڻ ڪنيو ۽ گهر ۾ ڪٺ جو وچ وٺي ويهي رهيو.

ڪيس ناشتي اچڻ جو انتظار هو.

پانان چلهہ تان اٿي ۽ مٿس اچي بيٺي ۽ آرس ڀڃڻ لڳي.

”تون بہ اهڙو آن جو مهل نہ موقعو ٿو ڏسين“.

پنهل وائڙو ٿي ويو تہ بيگم صاحبہ ڪي ڇا ٿي ويو.

هن اجان دماغ ۾ ڪجهہ ٺلڻ جي ڪئي تہ وري ڪانئس اڪ لڳي وئي“.

تہ پانان ڪي جڻ وٿي ملي وئي.

”تہ پوءِ تڙ ڪرڻ جي جلدي هيئي ڇا؟“

پنهل ڪان زري گهٽ ڇرڪ نڪري ويو. پوءِ ڪيس ياد آيو تہ اڪ غلط ٽائيم تي لڳي وئي آهي.

هن ٻئي هٿ ڪنن ۾ وڌا ۽ نڪ تي آڱر ڦيرائي چيو. بيگم غلطيءَ جي معافي!

پانان منهن چٻو ڪري چيو: ”هٽي منهنجو بہ موڊ خراب ڪري ڇڏيئہ“.

پانان وئي، مانيءَ تي مکڻ جا ابتا سبتا ليڪا ڪڍي اچي اڳيان رکيائينس!

پنهل پهريان تہ مانيءَ ڪي ڏنو ۽ پوءِ زال جي منهن ڪي ڏنو جنهن تي بہ چار ۽ اٺي جي آنڻ جا ليڪا نڪتل هئا.

پلو ٿيئي هي ڇا؟ مکڻ ڪونهي ڇا جو اڄ ماني ڪي هٿڻ مهل بہ بيگر لاٿي اٿئي“. پنهل ڪيس چتائي ڏسندي پڇيو.

پانا موڙا ڏيندي اندر ڪمري ۾ پيل ڪينگر مان وٿو لسيءَ جو پري اچي جڻ هٿ ۾ ٺوڪيس......

وري بہ پنهل ڪان اڪ لڳي وئي تہ پانان جو وات ڦاٽي ويو ۽ چيلهہ تي هٿ رکي بيهي رهي.

”مکڻ تہ مونکان وسري ويو. هاٺي ڪائيندين يا پوءِ....؟

پنهل پوءِ جو مطلب سمجهي نہ سگهيو ۽ مانيءَ جو اڌ پيجي وات ۾ ائين وڌائين ڄڻ غريبَ مينهن ڪان ٽپڙ اندر پيو ڪري!

يانان، هونهہ ڪري وجي مانيءَ ڪي اهڙا ڌڪ هنيا، جو ڄڻ تہ پنهل تي پئي چماٽون هلائي.

پنهل وٺو لسيءَ جو منهن تي چاڙهي اڪ هٽي ڄڻ پنهنجو پاڻ ڪي پيو چوي تہ ”پنهل توائي مانيءَ مان ٿي نڪرئي!

پنهل ماني ڪائي هٿ آلي، اَنگوشي سان صاف ڪيا ۽ اندر ڪمري ۾ هليو ويو.

هن چارج ۾ لڳل موبائيل ڪڍيو ۽ اسڪرين تي ان باڪس ۾ پيل پيغام ڪي اسڪرين لاڪ کولي پرهيو.

منا سائين جلدي اچڻ جي ڪجانءِ چو تہ هڪ ڪان پوءِ گهر ۾ هُل ٿي ويندو آهي. سڀ گهر ياتي اچي ويندا آهن.

پيغام پڑهي، هن اسڪرين آف ڪئي ۽ موبائيل ڪيسي ۾ وجهي مڙيو تہ آئيني وري مٿس ڄڻ ٺنول ڪئي. هن مڙي پاڻ ڪي آئيني ۾ ڏٺو ۽ اڪ پڳي......

هن پنهنجو پاڻ سان ڳالهايو ”تون تہ منهنجي ڪڍ پئجي وئي آهين“

هي در ڪان نڪتو، تہ سامهون جوٽس تي ديد پئجي ويس. جنهن ڪيس ڏسي منهن بچڙو ڪيو.“

صبح صبح سان منهن بچڙو نہ ڪندي ڪر! تون اندر هجين ها تہ ڪڪڙيون ۽ ڪانءَ اٿو پٽي ڪائي وجن هان. ان ڪري رات تائين مهلت!

يانان جهٽڪو ڏئي لڪڻ هٿ ۾ ڪنيو ۽ پرسان ايندڙ ڪُڪڙِ ڪي اهڙو وهائي ڪڍيائين جو ڪا مهل تہ ڪڪڙ سامت ۾ ئي ڪونہ هئي. ڪڪ ڪڪ ڪڏوڪ ڪندي مال جي واڙي ۾ وجي پهتي.

”چتي نہ ٿي آهي“.... پنهل جملو چئي ٻاهر نڪتو.

پنهل جي ذهن ۾ منظر ڦرڻ لڳا. هي مونسان ڇا ٿي رهيو آهي. مان ڪڏهن ڪان اهڙو ٿي ويو آهيان. ڇورن هٽي منهنجو بہ مٿو ڦيري ڇڏيو آ، مان اڳ نہ اهڙو ڪونہ هئس. ايم. اي بين الاقوامي تعلقات ۾ ڪيم، يونيورسٽيءَ ۾ ڇوڪرين جا ٽولا هوندا هئا. پر مونکي ڪا بہ پانءِ نہ آئي. هر هڪ کي ادي ڪري آسرو پلائيندو هئس. ڇو نہ انقلابي سوچ منهنجي ذهن کي اهڙو نہ متاثر ڇڏيو هو جو اسٽڊي سرڪل ۾ پاڻ! ٻي ڪنهن طرف ڌيان ئي نہ ويو. ايم اي ڪري واءِ واز ڏيڻ ويس نہ پنيان چاچو پڄندو آيو.

”پنهل ادو الله کي پيارو ٿي ويو“

هي ڇا هاڻي نہ گهران آيو آهيان. ابي جي پيرن تي هٿ رکي.

چاچا تون هي ڇا چئي رهيو آهين؟

ها پٽ دل ۾ تڪليف ٿيس. گاڏي ڦيرائي، مس بيهاري سين نہ دم نہ تو ڏنو نہ مون ڏنو.“.

اها گاڏي کهرائي هٿ پهتو آهيان“.

بابي سان جَهٽُ ٿي ويو. امڙ جيڪا راڄ ۾ ست لڙهي دهري پائي ڪاڄن ۾ شريڪ ٿيندي هئي تنهن جي ڪنن مان ڪيوٽيون، پڪڙ سان ويڙهہ ڪولي لاٿيون ويون.

ٽيجهو ٿيو، ست جماڻا ٿيا. امان جي سوءَ لٿي نہ چاچو در وٽي بيهي رهيو.

”پنهل شآدي ڪر، هيءَ ڊاڳ مينهن جي. گهر جو ڪم ڪار، اٽي ويٽي ڪير سنڀاليندو“.

نوڪريءَ جا خواب لهڻ ڇڏي ڏي.

خاندان بچاءِ. چرخو هلاءِ....

ٽن مهينن ۾ ڪاج ٿيو. ڀانان هٿن کي ميندي لاهي اچي پهتي. پوءِ خبر پيئي تہ عورت جي خوشبوءِ ڇا هوندي آ. باسمتي چانور جي هُٻڪاءَ جهڙي، رابيل جي سڳنڌ جهڙي ڀانان سڳي سوَٽ ـ اچي جو گهر کي سنڀاليائين تہ گهر کي ڀاڳين جو گهر ڪري ڇڏيائين. عصر جو اٽي. مال کي ڪونر ڪارائي چئونري ڪٽي گوڏن ۾ ڦاسائي ڦهريون گوهو ڪڍي تہ چئونري شوشو جي آواز ڪان شروع ٿئي ۽ ڪنن تائين گج سان ڀرجي وجي.

ڪير مکڻ پنهنجو اڌ ڀاڙو لسي ونڻ لاءِ، ٿانءَ جهليو بيٺو هجي. لوٽا ڀريندي ٿانون ۾ وجهندي وجي بسم الله، بسم الله جا لفظ ڇپن تي ـ ڪڏهن بہ منهن تي گنج ڪونہ پيس.

آچر جو ڏينهن ٿئي تہ شام سان ئي ڀاڙي جا جوان ڇوڪرا پنهل جي اوطاق ۾ مندلي مچائي ويهن.

هاڻي تون ڪهڙي ڪلاس ۾ ٿو پڙهين؟ پنهل.

بي ايس سي ۾؟ ڇوڪرو!

۽ تون دلاور؟ پنهل

آءِ آر ۾؟ ٻيو ڇوڪرو.

اڙي يار امانُ ڀٽي خوش آ.....

ها پنهل صفا ڀڙ لڳو پيو آ.....

اجا ڊريسنگ نيڪ ناڪ اٿس يا.....

بابا اسان کي بہ ماري ٿو وجي!

پنهل ٿڌو شوڪارو ڀري چوي ٿو يار ماڻهو تہ ناهي. مکڻ آ مکڻ....

ائين ڳالهين جا دؤر هلن. ڪچهريون اڌ رات تائين برقرار.....

نوجوانن جي هٿن ۾ وڏا وڏا موبائيل. هر ڪو ڪرت سان لڳو وينو هجي.

وڊيو ڪال تي ڪا ڇوڪري ڪنهن نوجوان سان آن لائين ٿئي ٿي ته پنهل وڏيڪ ٿهڪ ڏئي. ابا آئي ٿي هيروئن. اڳي ماڻهو هيروئن ڏسڻ لاءِ سئنيما ويندا هئا. هاڻي هيروئن هٿن ۾ اچي ٿي نڪاءُ ڪري.

پنهل تو به ڪو يونيورسٽيءَ ۾ عشق ڪيو؟ نوجوان جو سوال!

نه يار اسان کي عشق ڪرڻ جو وقت ئي ڪونه مليو. شاگرد تنظيمن ايترو ته قابو ڪري ڇڏيو جو ڇوڪرين کي ادي ۽ ڀيڻ چئي جند ڇڏائڻي پئي.

پلا هاڻي عشق ڪرڻ جو موڊ اٿئي؟

هن عمر ۾! ابا پڪي گهڙي کي به ڪڏهن ڪَنا پيا؟!

ٽهڪڙو

”پنهل جي ذهن ۾ جڻ لائيو پروگرام هلي ويندو هو“

گهر ڪان ته نڪري آيو ! پر يادن جي ڪوهيڙي ۾ ايترو ونجي ويو جو ڪجهه سمجهه ۾ نه پيو اڇيس ته وڃان ڪاڏي ٿو. گهران نڪتو ڇو آهيان ۽ هي سوچيان ڇا ٿو؟

واٽ تي بيهي سوچيائين. پويان سڀ منظر وري هلڻ لڳا.

دلاور نمبر ڏنو هوس ته ”پنهل ههڙو پڪي ڪڏهن ڏينهن ۽ ڏورن ۾ به نه ڏنو هوندءِ“. آڙي ڪان به ڳچي ڏکهي. بخملي بدن ـ ڳٽي تي هٿ رکئيس جڻ مکڻ جي چاڻي تي هٿ رکيئي“.

”ابا منهنجي کهڙي ڪم جو“

ڳالهه ٿو ڪرين ڪم ئي تنهنجي جو آ.

دلاور نمبر پنهل جي موبائيل ۾ سيو ڪيو.

هائو ٻيلي ڪنهن نه ڪنهن مهل موبائيل جي رنگ وڳي.

پنهل هلو ڪيو ته پريان عورت جو آواز آيو ـ

”هي عباس جو نمبر آهي؟“

نه هي پنهل جو نمبر آهي.

نمبر بند ٿي ويو.

ٻئي ڏينهن ڪال آئي نمبر ساڳيو هو.

پنهل ”هي عباس جو نمبر ناهي. توهان کان غلطي ٿي آهي. مون اڳ ۾ وضاحت ڪئي آهي.

”تون پنهل آهين ته مان سسئي آهيان“.

پنهل جلدي ۾ متجندڙ اسٽيٽمينٽ کي سمجهي نه سگهيو هو.

مون کي صرف هڪ ڳالهه نه وڻندي آهي ته: ”مونسان ڪو ڪوڙ نه ڳالهائي“. عورت پاڻ ئي وضاحت ڪئي!

مون ڪٿي ڪوڙ ڳالهايو. پنهل ٻيو وضاحت پيش ڪئي.

مان هاڻي لاءِ نٿي چوانءِ آئينده توهان کي احتياط ڪرڻو پوندو. ماڻهو عزت جو بکيو هوندو آهي. پئسي جي بک ته مطلبين کي هوندي آهي. مونکي الله تونسان ملايو آهي“.

سو ڪڏهن به مونسان ڪوڙ نه ڳالهائجانءِ.

ڪوڙ مان ڇو ڳالهائيندس! پنهل پاڻ کي آجو ڪندي چيو هو.

تنهنجي شادي ٿيل آهي؟ ڇوڪري

ها شادي ٿيل آهي.... پنهل....

اها سٺي ڳالهه آهي ته تون مونکي ڏوکي ۾ نٿو رکين؟ گهڻا ٻار اٿئي؟

ٻار ڪونهن وانگار ۾ ٿو هلان.... پنهل

ڇوڪري کان ٺهڪ نڪري ويو.....

توهان کليو ڇو؟ پنهل

توهان جي سچي انداز تي. ڇوڪري!

۽ توهان شادي شده آهيو؟ پنهل

نه مون شادي نه ڪئي آهي.....

شڪر آ. نه ته توهان کي به اهڙي سوال جو جواب ڏيڻو پوي ها!

وري ڇوڪري ڪان ٿهڪ نڪري ويو وانگار وارو.... سوال ڪرين ها ڇا؟

پنهل ڪان به ٿهڪ نڪري ويو.

ويڊيو ڪال ڪرڻ ايندي ٿي؟ ڇوڪري!

ها ڇوڪرن سيڪاري آهي..... پنهل

توکي ته اولاد کونهي ڪهڙن ڇوڪرن سيکاري ٿي. ڇوڪري....

يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندا آهن....

اهو شوق به ڪندو آهين ڇا؟

پنهل ڪان ٿهڪ نڪري ويو. ”الله نه ڪري“.

ڇوڪريءَ جي بي باڪيءَ تي پنهل کي ڏاڍي ڪل آئي هئي ۽ هن ڪال ڪٽي ڇڏي هئي!

رات جو هاڻي پنهل لاءِ جڻ مشغلو ٿي پيو هو ۽ هو تمام گهڻو اڳتي نڪري چڪو هو! پر ان تبديليءَ جو هن ڪنهن سان به ذڪر نه ڪيو هو. ڇوڪرن سان اهي ئي نمان نه مان واريون ڳالهيون؟ اهڙين يادن تي هو ٿورو ڪليو.

هو هاڻي ڳالهين جي ڳوٺ مان نڪري اڇي اسٽاف تي پڳو هو. بس جي انتظار ۾ وينو ته وري رابيل جهڙي سڳنڌ ڪيس ورائي وئي. ۽ ماضيءَ ڏانهن موٽي ويو.

”توهان عشق ڪيو آ، ڇوڪري.

”مون عشق ۾ پير ئي ڪونه پاتو آهي“.

ڇو پلا پير ايڏو وڏو ٿي ڇا؟ ڇوڪري.

پير ته ستون نمبر آ پر پير پائڻ جي جاءِ ئي نه ملي... پنهل

تون ماڻهو ڏاڍو دلچسپ آهين؟ پڙهيل گهڻو آن“.

”ايم اي آءِ آر ۾ ڪئي اٿم“. پنهل

”ڪهڙي سال ۾“

2001ع ۾

”هان ڇوڪريءَ ڪان رڙ نڪري وئي“

”ايترو ننڍو آهين“ ٿهڪ ڏيندي ڇوڪريءَ چيو هئس!

”ها زماني وڏو ڪري ڇڏيو آ“. پنهل

”زمين گهٽي ٿي“.

36 ايڪڙ.... پنهل

سڀ پنهنجي نالي تي اٿئي؟ ڇوڪري.

بابي جي نالي تي آ. بابو گذاري ويو آ. ڪاتو بدليو ڪونهي“. پنهل

سيئي آباد اٿئي؟ ڇوڪري.

ها. ڪجين جا باغ آهن..... پنهل

ڪارڪون ڪڏهن ڪارائيندين.... ڇوڪري.

جڏهن حڪم ڪيئي؟..... پنهل

ڏٿو تہ ڪونہ پيو ڏئين؟ڇوڪري.

تو پهريان ئي ڇئي ڇڏيو آهي تہ ڪوڙ نہ ڳالهائجانءِ.... پنهل

واعدو پڪو؟ ڇوڪري.

”ها پڪو واعدو.... پنهل

”دوستي پڪي؟“ ڇوڪري.

”ها سائين“. پنهل

”سائين نہ منا“ ڇوڪري.

”ڪارڪن ڪائڻ ڪانپوءِ“.... پنهل.

”نہ هاڻي سان ئي“..... ڇوڪري

”جي منا سائين“.... پنهل

”ڇڏي تہ نہ ڏيندينءَ“ ڇوڪري.

”توڪي ڪو ڪافر ڇڏيندو“. پنهل

”جيڪو ته ڪوڙ ڳالهائيندو“ ڇوڪري
پنهل ڪان وڏو ٺهڪ نڪري ويو هو. ”وڏي ڪا شودي آن“.
”مان جهڙي آهيان بس اهڙي آهيان“ ڇوڪري.
”سر لڳي“. پنهل
”رک ڏاڙهيءَ تي هٿ“ ڇوڪري.
”مڙساڻو واعدو“ پنهل
بس اچي نڪاءُ ڪيو ڪلينڊرڙ لسڙات ڇوڪرو هو.
هل وڏا هل ٽائيم ٿيڻ وارو آ“
پنهل جا خيال ٽٽا. هو بس ۾ چڙهندي ڪلينڊر ڪي اک هڻي ٿو.
استاد ڊبل ڪريس!
ٽئين جنس وارو لڳي ويو آ. ڪلينڊر سندس جذبن ڪي مجروح ڪندي ڊرائيور ڪي چيو. پنهل ڪان، ڪل نڪري وئي.
الائي ڪيئن بس، واءُ مينهن هڪ ڪري اچي شهر پهتي.
پنهل بس مان لٿو رڪشا ۾ وينل هڪڙي گهٽيءَ ۾ رڪشا واري ڪي هلڻ جو اشارو ڪيائين.
هن موبائيل ڪڍيو ۽ پيغام لکيو ”منا سائين مان پهچي ويو آهيان“
پريان پيغام آيو ”امان بيمار تي پئي آهي، سپ اسپتال آهن“.
”پوءِ مان اچان يا واپس ٿيان“ موٽ واري رسيد طور پنهل لکيو.
آيو آهين ته اڪين تي“ موٽائيندي مانءِ ڪونه. ڇو ته ڪوڙ پاڻ وٽ آهي ڪونه“.
”مان اچان ٿو“ پنهل
تو وٽ پئسا گهٽا آهن ڪيسي ۾؟ ڇوڪري!
”پنج ڇهه هزار روپيا هوندا“. پنهل....

اچ اچ گھر ۾ ننڍو ڀاءُ ويٺو آ. اسپتال ڪجھ پئسا موڪليان ۽ هن ڪي به گھر مان ڪڍان“ ته پوءِ ويهي ڪچهري ڪيون“.

”ڪاڏهون اچان“.... پنهل.

سڌو هليو آءُ، مان ڇوڪرو بيهاريانءِ ٿي“. ڇوڪري.

رڪشو بيٺو ٻاهر ڇوڪرو موجود هو. جيڪو اڳ ۾ ٿي هليو. در جي طاق مان پنهل ڏسڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي پر ڇوڪري اڳ ۾ ئي اندر هلي وئي.

پنهل ورانڊي ۾ پيل صوفه سيٽ تي ويٺو.

ڇوڪريءَ اندران چيو: ”هن کي پئسا ڏي، ته اسپتال وڃي. امان جي دوا وٺڻي آهي“.

پنهل پئسا ڪڍيا. هزار هزار جا پنج نوٽ ڇوڪري جي هٿ ۾ ڏنا.

ڇوڪرو پئسا مٺ ۾ ڪري ٻاهر نڪري ويو.

ڇوڪري ٻاهر نڪتي. پنهل کان رڙ نڪري وئي ”نسرين تون“

نسرين پنهنجو موبائيل هٿ مان لاهي ٽيبل تي رکيو. ”ها مان“

پنهل ڪا مهل ڪيس ڏسندو رهيو اها ئي نسرين! هن کان هڪ سال جونيئر..... يونيورسٽي ۾ پڙهندي هئي ساڳيو آءِ آر ڊپارٽمينٽ.

جيڪا هميشه ليڊرن تي ڇوهه ڇنڊيندي هئي، ته ليڊريون مطلب جون آهن. اهي ليڊر يونيورسٽي جا پيٽي خور آهن. قوم جو هنن کي کهڙو درد پئسي لاءِ وڏيون وڏيون تقريرون ٿا ڪن ۽ بس جي ڊيزل لاءِ هڙتائون ٿا ڪرائين. ڪڏهن لطيف جي ميلي تي ته ڪڏهن سن جي سائين جي سالگرهه! تي.

”مان ڇانهه ناهي اچان“ تون ويهه باقي سڀ ڪجھ بعد ۾! پنهل گهري سوچ مان ٻاهر آيو.

پنهل جي اک ڦڙڪڻ لڳي.

نسرين ڪچن ۾ وئي. تہ پنهل جي ديد ٽيبل تي رکيل، نسرين جي فون تي پئي. فون ڪي ڏسندي ئي هن ڪان اک لڳي وئي ۽ سندس زهن ۾ خيال آيو تہ ڇو نہ چيڪ ڪري وٺان تہ نسرين منهنجو نمبر ڪهڙي نالي سان سيو ڪيو آهي!

هن پنهنجو موبائيل ڪدي نمبر ملايو. نسرين جو موبائيل وائبريشن ڪرڻ لڳو.

پنهل موبائيل هٿ ۾ ڪنيو جنهن جي اسڪرين تي اکر چمڪڻ لڳا ۽ لکيل هو.

مرغو نمبر 5.........

# جنجو پاڙو

سندس زندگيءَ جو ڏکن وارو باب هاڻي پورو ٿي چڪو هو. هُو گھوٽ بڻجي ويو هو، تڏهن کان، جڏهن سندس ئي آفيس جي سيڪريٽريءَ پنهنجي وڏوَر ڏيءَ جو سڱ، ڪيس ڏيڻ جي پڪ ڏني هئي. پلا هڪ معمولي ڪلارڪ جي ڇا حيثيت هئي. جيڪو ٽن ماڻهن جي ڊيوٽي پريندو هُجي. وڏي صاحب جي پاڇي وٽي اچا مس پهچندو هو ته سيڪريٽريءَ جو سڪيلڊو پٽ اچي هنج ۾ پوندو هئس. جنهن کي آفيس جي باغيچي ۾ ڪيڏائيندو هو ۽ موڪل ۾ سيڪريٽريءَ کي گھر ڇڏڻ لاءِ ڊرائيور جي سيٽ به سنڀاليندو هو. اهي سڀ ڪم خوشيءَ سان ڪري ويندو هو. ڇو ته سندس جنگھون بابهنس جي گڏهہِ هڪلي هڪلي ڪِٽُ جو ٿي پيون هيون، پلا ڪٿيءَ جي به ڪا زندگي! سندس تن پل ڪٽي ڪيڏو به ميرو هجي پر هو ٻين جي ڪپڙن مان مَرُ، پنهنجي من جيان ڪڍي ڇڏيندو هو. هو جڏهن پيءَ کي ڪپڙن جي گڏهہ پرائي ميرواهہ تي ڇڏڻ ويندو هو ته پاڻ کي سپر ايڪسپريس جو ڊرائيور محسوس ڪندو هو. سندس من ۾ اٿاهہ خواهشون ڪر ڪٽي ننڊ ۾ پئجي وينديون هيون، شام جو مُلڪي گھر هُجڻ ڪري در تان خيرات جي ماني وٺندي، قسمت جي ديوي جاڳي پئي هئس. مئٽرڪ ڪانپوءِ ڪيس نوڪري ملي وئي. هن جا ته جڻ پاڳ کلي پيا، هاڻي هو نہ پيءُ جي گڏهہِ هڪلائيندو هو ۽ نہ ئي شام جو ماني وٺڻ ويندو هو. مهيني جي پگھار مان پنهنجي پورت ڪري ويندو هو. ساڳي زندگي جو بس رخ مٽائي ڇڏيو هيائين. هاڻي هو ننڍڙي پاڳل جي بدران عمران کي ڪيڏائيندو هو. اڳي گڏهہ کي هڪليندي پاڻ کي سپر ايڪسپريس جو ڊرائيور سمجھندو هو. هاڻي هو

ٽيوٽا ڪرولا ڪار جو ڊرائيور ٿي ويو هو. سيڪريٽري جي زال هاڻ ڪيس هفتي ۾ خرچي ٻه ڏيندي هئي، جيڪا پنهنجي ماءُ کان ملندڙ خرچيءَ کان ڏهوڻي هوندي هئي. سندس درد جي ڏينهن جو پاڇو اونداهيءَ ۾ گم ٿي ويو هو ۽ هي شهر جي روشنين ۾ رهي پيو هو. زندگيءَ جي ڊوڙ ۾ هو گهڻو اڳتي نڪري چڪو هو. هن جي اڳيان هاڻي پنهنجو ڳوٺ ۽ پنهنجي وڏڙن جو وجود ڪا به اهميت نه پيو رکي.

هڪ ڏينهن جڏهن هو صاحب جي چوڻ تي ڳوٺ آيو هو ته سندس پيءُ کيس سڪيو ڏسي گهورُ پئي ويو. سندس اکين ۾ فتح جون مشعلون ٻري پيون هيون ته گرم ڳوڙها هيٺ ڪري پيا هئس، گهڻن ڏينهن پُڄاڻان سندس اکين جو نار آيو هو. امڙ ته چڻ سڏڪيل جيون مان ائين نڪري آئي هئي چڻ ڦاسيءَ جي انتظار ۾ وينل ڪنهن قيديءَ کي، آزاديءَ جو سنيهو مليو هجي. هن جيڪي ڏينهن پنهنجي پٽ کان ڏور گهاريا هئا، اهي چڻ وائيٽو جي ليپ ۾ اچي ويا هجن. سيڪريٽري، هن جي والدين جي اها ڪيفيت ڏسي شهري زندگيءَ جي فلسفي ڏانهن مڙي پيو هو. شهر ۾ سهولتون آهن، رستا آهن، هر شيءِ آهي پر اهڙو پيار ڪٿي به ڪونهي جهڙو واهڻ ۾ اڏيل ڪکائن جهوپن ۾ آهي. سيڪريٽري صرف سندن ڪچين سرن مان نهيل گهر جو جائزو وٺي رهيو هو. سندس ماءُ جي تن تي پهريل گربيءَ جي سلوار ۽ ململ جي چولي کي جاچي رهيو هو. پاڳل جي هٿ ۾ مٽيءَ جي پنوڙن کي ڏسي رهيو هو، هوءَ چڻ ماٽيهوءَ جي خمير لاءِ مٽي ڳوهي رهي هئي. سندس من اباٽڪو ٿي ويو هو. اندر کي چڻ پائيندڙ پائي وئي هئس. هن پنهنجي من ۾ اٿيل سوالن کي منهن ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پر فطرت جي لفظن، مڪ مان ئي سڪ جي توهين ڪندي، کيس چٽو ڪري وڌو. ”مان پنهنجي ڏيءَ هن ماحول ۾ نه ڏئي سگهندس“ ڪراڙي جي منهن تي مايوسيءَ جون ريکائن اڀري آيون هيون. هن ڪجهه چوڻ چاهيو پر لفظ زبان ۾ اٽڪي

پيس، چپ ڦڙڪڻ لڳس. ڪراڙي رئي جي ڪنڌ سان پنهنجين ڏار ڏنل اکين جون پُڇڙيون اگهيون جن ۾ لڙڪ ڪنهن جوڙي جيان چڻ ڦاهيءَ چڙهي ويا هيا ۽ صليب سندس ڳچيءَ ۾ پئجي ويو هجي. هن سڏڪڻ جي ڪوشش ڪئي پر سڏڪي نه سگهي.....

نڙيءَ مان مٿي چڙهندڙ سڏڪو هيٺ لهي ويو، ائين جيئن سانجهيءَ ويل سج ڏسندي ڏسندي ڪٽي گُهت هٽندو آهي. اها ويل هئي جنهن ويل ڪنهن جي زندگيءَ جو سڄو پورهيو لفظن ۾ لڙهي رهيو هو. سندس پٽ جي مک تي مايوسيءَ جي مرڪ هئي. هن ڦڪي مرڪ ڪي سيڪريٽريءَ جي لفظن ۾ توريو ڦڪي مرڪ وارو پڙُ ڳرو هو ٻئي طرف سندس اميدن جي دنيا هئي جيڪا پنهنجا سڀ رنگ ڪٽي آئي هئي، جنهن ۾ صرف هڪ رنگ ڪونه هو، پيلو جنهن سندس پيءُ، ماءُ جو ساٿ ڏنو هو. سندس مک سج لهڻ جا منظر پيش ڪري رهيو هيو.

هو سيڪريٽريءَ سان ڪار ۾ چڙهي هليو ويو هو. پنهنجي پيءُ ماءُ جي منهن ڪي رنگن جي بازار مان پيلو رنگ ڏيارائي.

سندس پيءُ ٿڪل قدمن سان ڪپڙن جي گڏهه پيري زندگي سان وڙهڻ ميرواهه ڏي هوريان هوريان نڪري ويو هو. سندس ماءُ چاڏيءَ ۾ پيل چانورن لپ ڪڍي ڇڄ ۾ وڌي هئي. جيڪي ڏوپڻ ڪان اڳ لڙڪن سان اڌ آلا ٿي ويا هئا، ۽ هيءُ هيو جو سڪون جي تلاش ۾ سيڪريٽريءَ جي گهر اچي پهتو هو، ندامت جا آثار ڪٽي. سندس هٿن تي ميندي هٽڻ ڪان اڳ ڪانئس ”جندو پاڙو“ لکرائي ورتو ويو هو. هن جيون جي راهه ۾ اهو سڀ ڪجهه سڪئي گذارڻ لاءِ ڪيو هو. پر سندس هٿن تي مينديءَ جو رنگ نه چڙهيو هو. اهو ئي پيلو رنگ سندس ذهن ۽ هٿن تي چٽجي ويو هو. هن سڄي ماحول کي ڪنهن سانجهيءَ ۾ گم ٿيندي محسوس ڪيو هو. سندس مُکَ ڦڪي ـ کل سان چڻ مذاق ڪري رهيو هو. جنهن ٻه هن تي ڪلي ڏند پئي ڪڍيا. هو. جڏهن سندس شادي ٿي هئي ته هو ته

در ٽپندي ائين محسوس ڪري رهيو هو ته ڄڻ ماءُ ڪراڙيءَ جو لاش ڪمري جي ڇائنٽ تي پيو هجي، هي هبڪي پيو پر پنهنجين خوشين ڏانهن اکيون ٻوٽي وڌي ويو هو. سندس خوشيون ڪنهن ڏائڻ جيان هيون جيڪي چار ۾ ڦاٽي ڪانپوءِ ڄڻ ڪيس ڪائي ويندڀون. هاڻ هو پاڻ کي، پنهنجي مٽيءَ جي خمير مان نهيل پولڙو محسوس ڪري رهيو هو، جنهن کي سيڪريٽري نچائي رهيو هو، پنهنجي لج بچائڻ لاءِ......!

هن جي من ۾ سيڪريٽريءَ جا لفظ ڪنهن پولڙي جي ڊبڪيءَ جيان وڄي رهيا هجن ”مان هن ماحول ۾ پنهنجي ڏيءَ نه ڏيندس.“ هن کي محسوس ٿي رهيو هو ته ڄڻ رشتن کي گار ڏني وئي هجي. آدم ۽ حوا جي رشتي جي بي حرمتي ڪئي وئي هجي. زليخان ۽ يوسف جي آدرش جو اپمان ڪيو ويو هجي. هن پاڻ کي هالار جبل تان ڪرندي محسوس ڪيو. پوءِ به پنهنجي پر ۾ هن خوشين جي اچڻ جو انتظار ڪيو، پر هڪ انساني گهٽ وڌائيءَ وارا ويچا ۽ سيڪريٽريءَ جا لفظ درياهه ٻڏجي پيا هئا ۽ هي ٻئي زال مڙس ان جا ڪنارا. خوشيون ڪنهن ناوَ ۾ چڙهي هيٺ لڙهنديون ٿي ويون. هي پهچڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. سندس زندگيءَ ۾ بهار به آئي. هڪ نازڪ ڪلي ڪلي جنهن جي ايندي هن پاڻ کي وڌيڪ اڪيلو محسوس ڪيو. هن جي من تي پاڳل جا عڪس اچڻ لڳا جنهن جي مُنين ۾ مٽيءَ جا پنوڙا هئا.

ٻار پيدا ٿئي ڪانپوءِ هو، ڄڻ ساڳيو پٽيوالو رهجي ويو هو. ڪڏهن باغيچي ۾ وينو ريجهائيندو هئس ته ڪڏهن آفيس ۾ ٽائيپ ڪندي هنج ۾، گهر ورڻ تي خبر پوندي هئس، ته ميڊم صاحبه ڪنهن دعوت ۾ ويل آهي. موٽڻ تي موڊ نيڪ نه هجڻ جي صورت ۾ ڪيس ايلاز ڪرڻا پوندا هئس. هاڻي هو پاڻ کي ڪنهن جيل جي ڪوٺڙيءَ ۾ بند ٿيل محسوس ڪري رهيو هو. آفيس جي ڪم ۾ رولو هجڻ ڪري سيڪريٽري صاحب ڪيس ڪڏي ڇڏڻ ۽ ٻار ٻچا ڪسڻ جون ڌمڪيون ڏيڻ

لڳو هو. ڪڏهن ته ڪيس غريب هجڻ تي چٽي ڏيندو هئو ته ”تو وٽ ڇا هيو؟ مونکي بلا ڪاڏو، جو توکي پنهنجي ڌيءُ جي ڪرمن ۾ هنيم“.

هن مرد جي رشتي ۽ حيثيت کي ڪرندي محسوس ڪيو. هن جي اڳيان مثالي زال ۽ مڙس وارو رشتو ننوليون ڪرڻ لڳو. جيڪو ڏڪئي وقت ۾ هڪ ٻئي جو ساٿُ ڏيندو آهي.

هُو پنهنجي ماضيءَ کي ياد ڪري سڏڪي پيو. سوچن جي ٻه واٽي تي ٽنگيل رهيو، ڪڏهن سڀ ڪجهه ڇڏي، پيءُ ماءُ ڏانهن موٽڻ جو پئي سوچيائين ته ڪڏهن اولاد جو سوچي لڙڪ لڙي ٿي پيس، وري ڪڏهن زال جا ابتا سبتا طعنا ڪنن ۾ ٻرڻ ٿي لڳس، هو فيصلو نه ٿي ڪري سگهيو ته ڇا ڪري؟!

هن جا قدم بي اختيار ڳوٺ ڏانهن کڄڻ لڳا. گهر اچڻ شرط ڪٽ تي پيل ماءُ جو مٿو چميائين ۽ پوءِ بي اختيار هلندو ميرواهه تي اچي پهتو هو، جتي سندس پيءُ لٽا پئي سٽيا ۽ پنهنجي دنيا کان بي نياز لٽن جي سٽڪي ۾ مهو هو، هن سڏ ڪندي سڏ ڪيو..... بابا.... بابا.... ب.... ب.... با!!..... ۽ هن جا سڏڪا لٽن جي سٽڪي ۾ دٻجي ويا هئا....!

پاٽيءَ جي وچ ۾ پٽهنس ٻانهون کولي جڻ سڏ ڪيس، هي اڻ تارون هوندي به پاٽيءَ ۾ لهي پيو. زندگيءَ جي ڪن مان آزاد ٿي آيو هو. پاٽيءَ ۾ گوپاتا کائڻ لڳو ته پٽهنس، مٿي ڪري ياڪر ۾ پري وتس. پٽهنس جو سينو سفينو ٿي پيو هو ۽ هي ان ۾ منهن لڪائي سڏڪي پيو. گهڙي دير ڪانپوءِ هو پيءَ جي اکين ۾ نهاري ٽب ۾ پيل ڪپڙن ڏانهن وڌيو اجرڪ ڪٽي، پنوڙو ناهي دابڙي تي سٽڻ لڳو. سندس وات مان شو جو آواز نڪتو. جيڪو آزاديءَ جو آواز هو.

# ڀھرين ملھ

هو سوچي ٿو، سياڻي واري ملاڪڙي ۾ ڪيس کھڙيءَ ريت ملھ وڙھڻي آهي. رڳو وڙھڻي نہ آهي، پر کٽڻي بہ آهي“. هو وڏيڪ سوچي ٿو. ”سندس مقابلو کھڙن ملھ پھلوانن سان ٿي سگھي ٿو، جي عليبنواز ڦل سان ٿيو تہ هائو ٻيلي علي نواز بہ ناھوڪو ملھ آهي، جھڙو قد ڪاٺ ۾ آهي اهڙو وري داءَ جو بہ پلو آهي. ڦندي يا اندرئين مان ڪو نہ جاڻي، هٿ ڦٻائي چاڙھي وجھندو ۽ پوءِ مُنين جي زور تي سامھون واري کي پاڙي کيو چڏي. هاءِ جائي، هو ارباب پٽي بہ تہ آهي نہ.... مڙس ٻيلي زور آور آهن. چوندا آهن تہ داءُ دشمن جو بہ نہ وڃائجي.“

حاڪم شاھ پٽ واري جو ميلو ھجي، ميلي ۾ اعواڻ ملھَ، مَلھن کي راتاھا ڏيئي چڏيا هُجن. هر هر ڪڏي ميدان ۾ پي آيو. اچي پڙھو گھمرائيائين، ”آهي ڪو نَرَ سنڌيءَ جو ٻچو، جو ميدان ۾ لھي اچي، آئون چار ملھ ماري هاڻي پڙ پالو ڪيون ٿو وڃان.“

”هاءِ ڙي ارباب پٽي هاءِ!“ اصل ڪاوڙ ۾ ڳاڙھو ٿي ويو. ڪڪين تي هٿ رکي پڙھو ٻڌي ميدان ۾ وڃي نروار ٿيو. مرشد شمن شاھ کي پيرن تي هٿ رکي چيائينس، ”قبلا پاڻي سِرَ کان مٿي چڙھي ويو، هاڻي دل سان موڪل ڏي ۽ دعا ڪر تہ ان اعواڻ جي ٻچڙي کي سنڌين جو رت ڏيکاريان“.

”پٽي، ملھ جوش سان نہ پر هوش سان وڙھبي آهي.“ شمن شاھ اکين ۾ اکيون وجھي چيس.

”ملهه مولا جي راند آ ۽ علي جي اولاد ڪان ئي اجازت ۽ دعا وٺڻ آيو آهيان“. ارباب هيٺاهين وڻندي چيس!

”بابا ڌڌو ٿي، تڪڙ نہ ڪر.“ سيد سمجهائيس!

”نہ قبلا، اعوانڻ اعوانڻ جو پٽ سڄي سنڌي قوم ڪي ٿو للڪاري؟“

”نہ بابلا ائين نہ، تون وڙهيس ڀلي پر عقل سان وڙهجانس. هر داءَ تي ڌيان ۽ نظر رکجانءِ، ڇو تہ هن وٽ هر داءُ آهي. منڙيءَ جو تہ ماهر اٿئي. ٻيو تہ لوسي داءَ اندرئين مان بہ نہ مڙندو اٿئي.“ شمن شآهہ پڪو ڪري لاهڻ چاهيس!

”سائين مون ڪي سڀ خبر آهي، بس بابو ٿيءُ، اجازت ڏي تہ اهي منڙيون ڀنڙيون سڀ ٿو وساريانس.“ ارباب سينو اڳتي ڪري هام هڻندي چيس!

”ها سائين.“

”تہ پوءِ مولا عليءَ جو نالو وٺي وڃي سندرو ڇڪيس، ڏٺي ڪندو تہ سوپارو ٿيندين.“ سائين دعا ڪيس؟

ڀني نپرائي ارباب ميدان ۾ لٿو تہ، ٻانهين مان تاڙيون وڃي ويون. هر ڪو ايئن پيو چوي، ”واهہ ڙي ارباب واهہ، سنڌين جو نڪ مٿي ڪري ڇڏيئي.“

”ڇا ڀلي ڇا جلاب، اعوانڻ ٿي، سيني سنڌين کي چئلينج ٿو ڪري؟“مدن جملو اڇليو!

”همٿ ڪر، ڀيلي ڪو ميدان ماري، سنڌين جي نڪ تان، اها مَرَ لاهہ!“

”هاءِ ڙي پيٺان، ارباب هاءِ، تنهنجي ملهہ.“ مختلف آوا.ز

پوءِ جڏهن ٻنهي سندرا سنپاريا ته مڙسن ڏهه منٽ ته رڳو هڪ ٻئي جا پاڻي ڪڇيا ۽ پوءِ اندريون، جاننا، مُنين جا مروٽا، گوڏا ڪوڙ، لڳي پئي هئي. پر ڪير ڪنهن کي جاءِ ئي نه پيو ڏي.

پوءِ اعواڻ ڄنگهه ويجهي ڪئي ته پٽي، پٽي جاننو وهائيس، ڄڻ هٿوڙو وهائي ڪڍيائينس. اعواڻ جي ڄنگهه لڏي وئي ۽ اهل ڪري بيٺي. پٽي پير پختو ڪري نڪاءُ جو ٻي ڄنگهه ۾ جاننو هنيس ته اعواڻ جا هوش خطا ٿي ويا. مٿو مٽي سان ملائي، اتي وجي. ٿوڙيائينس، جتي سڪي پٽڻ هئي.

ٻانهين ۾ ڪوڪرا پئجي ويا. لائوڊ اسپيڪر واري رڙ ڪري چيو، ”ڪڻ پنهنجي پاءُ ڪي. هيئن هوندو اٿئي سنڌين جو ڏڪ“.

”ابا پٽين جو همراهه ڪي ته همراهه ريهان ڪنئان لڳو پيو آ.“ ڪنهن چيو. ”هي ڪيئن ماريئي لعل جوان“

ڪو ڪلهن ڪان پيو زور ڏئيس ته ڪو مٿو پيو دٻائيس ته ڪو پيرن جون تريون پيو مهٽيس. ڪٽي وجي ٻانهين وٽ رڪيائونس. ماڻهن جون جهمريون لڳل هيون. ارباب اولهاهين پاسي ڪان جو پئسا ونڻ بينو ته ڪلاڪ رڳو پئسا پي ورتائين. پورو پوتڙو پئسن سان پري ڳنڍ ڏئي رکيائين. واندو ٿي اچي مٿان بينس، ”ڪندين ٻي؟“

اعواڻ ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو.

شمن شاهه بادشاهه هر هر ڦري ارباب جي پٺي پيو ٺپي.

”واهه ڙي ارباب تنهنجي ملهه.“

”سو اهڙو ڪو ملهه لڳي ويو ته ڇا ٿيندو؟ اسان جا ته ”ويهه ٻه ويا ته ڇويهه ٻه ويا“. هڙ هلي ويندي. منهنجن ته خوابن تي ٻه پاڻي ڦري ويندو. ننڍڙي نهال جو ڇا ٿيندو؟ سندس ساليانا في ۽ هاسٽل جو خرچ ڪٿان ايندو؟

”مڙئي بابو بہ آ بادشاهہ ماڻهو، هاڻي اچي پوٽن کي پڙهائڻ جو شوق ٿيو اٿس. اسان کي پڙهڻ جو شوق هو تہ پڙهايائين ڪونہ. تنهن دور ۾ وري ملهہ جو خفت هئس.

ملهہ ڇا وڙهيس، اصل ڪڍ پئجي ويو تہ ڇڏ پڙهڻ کي. تون ملهہ ٿي. مون کي پهلوان ڪرڻ لاءِ سچي گيهہ جا ٿين گهرائيندو هو. ۽ داءُ پيچ سيکاريندو هو.

”پاڻ تہ پٽڪو ٻڌي ميدان جي وچ تي هلي ويهندو هو، پر زور تہ اسان کي ڏيڻا پوندا هئا نہ. وري جي دسجي پوان تہ هفتو، هفتو ڳالهائي نہ. چئي، منهنجون محنتون اجايون ويون، هي خرچ خفا سڀ ساپ نہ پيا. ڇورو حرام ٿو ڪري.“ وري جي ڪجهہ چويس تہ ڄڻ ڇتيءَ ڪکر ۾ ڪڙو هَنيَئي.

”اهي بہ کهڙا ڏينهن هيا. جو مهينو، مهينو گهر واريءَ جي ويجهو وڃڻ نہ ڏيندو هو. پٽر جي وچ تي پنهنجي کٽ رکي پيو چؤنڪي ڏيندو هو. چئي، اڙي حرام ملاکڙي تائين نہ ڪر. حرام ڪرڻ سان ڄنگهہ جي طاقت ختم ٿي ويندي آهي ۽ ملاکڙو کٽڻ لاءِ ڄنگهہ جو بچاءُ ضروري آهي. هوڏانهن مون واري زال وري وَرَ تي رسو پجندي هئي. سامهون نہ تہ اوتائتا ڏک پئي هٽندي هئي. چئي، ”تنهنجي اها زورآوري منهنجي کهڙي ڪم جي.... وتين ٿو مرد دسيندو“. اصل ٻن باهين ۾ هوندو هئس“.

”هاڻي وري بابي جو سڄو ڌيان پنهنجي پوٽن تي آهي، ”ڪيئن بہ ڪر. ڪجهہ بہ ڪر، پر ننڍڙن کي پڙهاءِ.“ الائي ڪٿان اچي اهو جن مٿي ۾ وينو اٿس. هڪ کي ڊاڪٽر ڪرڻو اٿئي، ٻي کي فوج ۾ ميجر ڪرائڻو اٿئي.

”ڄڻ منهنجي وس ۾ هجي. پنهنجي پٽ کي ملهہ ڪري پاڻ ملهائيائين. پر هاڻي اسان جي مٿي پليت ڪري ڇڏي اٿائين.

نهال کي هاسٽل جو خرچ ڏيڻو آهي، في مهيني سر پهچائڻي آهي. ان جا ڪتاب، ڪاپيون، لٽا ڪپڙا ڇا ڇا نٿو ڪرڻو پوي.

هي ڪٽ جو ٽڙڪو ماري اٿي ٿو.“

ڦري پيءُ جي ڪٽ جي مٿي ڪان اچي ويهي ٿو، جيڪو اگهور ننڊ ۾ ستل آهي، پٺهنس جي وات ۾ ڏند نه هئڻ سبب نڪرندڙ هوا ڦوڪڻ تي ٻاهر نڪري ٿي.

”هاڻي نٿو پهرو ڏئين، ته مٿان وڃي زال سان ملان.“ هي دل ئي دل ۾ جڪون ڪائي ٿو.

”جڏهن پنهنجو شوق هيئي ته سڄي سڄي رات جاڳي پهرا ڏيندو هئين ۽ هاڻي وري سڄو خيال پوٽن ۾ اٽڪيو اٿئي.“ هي هوريان اهي لفظ اچاري اڳتي وڌي ٿو ته پنيان پٺهنس کي سڏير ٿئي ٿي،

”ابا، ننڊ نٿي اچئي ڇا؟“

”نه بابا، ننڊ وري ڪٿي.“ هي ٻي دليو جواب ڏئي ٿو.

”پٽ چيڙي ڪري سمهي پئه، هرويرو ٻين جي ننڊ به تو ڦٽائين.“

ها بابا سمهان ٿو.“ اهو چئي، اچي ڪٽ تي ويهي ٿو، مٿن ڪان چئونري ڪير جي اجا ٻري پئي اٿس. چئونري تان تسري پري ڪري ڪير کي ڏسي ٿو ۽ وري ڪسڪائي تسري ڏئي ڇڏي ٿو.

ڪا شيءِ نٿي وڻيس. اندر ۾ عجيب قسم جي بيچيني محسوس ڪري ٿو. وارن ۾ هٿ ڦيري، وري اٿي گهر واريءَ جي ڪٽ مٿان ويهي ٿو جيڪا ننڊ ۾ هڪ ٻانهن ڪنڌ هينان ڏيو ۽ ٻي ٻانهن، ٻر ۾ ستل نندڙيءَ بختاور جي مٿان ائين واريو ستي پئي آهي جڻ ڪڪڙ ٻاز ڪان چوزو لڪايو هُجي.

”ننڊ به اچي منهنجي ڦٽي آهي، هي سڀ سڪون سان ستا پيا آهن. ها پر وڙهڻو به ته مونکي آهي نه هنن کي ڇاهي؟ ڪين هر ڪا شيءِ گهر ويٺي ملي ٿي نه! يوڳيون ته اسان ٿا.“ سوچي ٿو.

سدائين ميلن جي تاريخن ۾ ديد. انتظار، ڏينهن پيا ڳڻبا، ته ڪڏهن ٿو ميلو اچي، ته هرڪ واري اڇي سلوار کي ڪلف هڻائي استري ڪرائي، اڳٽ وجهي ڪليءَ ۾ ٽنگجي، گهر وارن کي به پوءِ وجي آٿت ٿيندو ته هاڻي، هي ڪاٿو پٽ، پڙ تي وجي لهندو ۽ ٻه چار سئو ڪمائي آڻيندو. ڪين اها خبر ئي ڪونهي ته انهن ٻن چئن سئون جي ڪري پاڻ کي ڪيترو تسيو ٿو ڏيڻو پوي. خوراڪ جو خيال الڳ، ڪير جو بل الڳ، وري ميلا ڪميٽيءَ وارن کي سائين ميان الڳ ڪرڻي ٿي پوي.

وري جي، ڪنهن پهلوان جي پاڙي جو ميلو آهي ته اهو الڳ ڪاوڙيو ايندو، "ٻيلي منهنجيءَ عزت جو مسئلو آهي، منهنجو ترُ آهي، پهرين ملهه تون پلي ڪڻ پر پوئين ملهه مون کي ڏيڻي پوندئي."

"نسورو ناحق، سڏائين ٿو پهلوان ڪرين ٿو اِتڪيون ٻِتڪيون، تنهنجي ته هتان گهران، هتان نڪران." پاڻ سان وڙهي پوي ٿو.

"ڪجي ڇا؟ انهن يونين وارن به هٽي اصل خانو خراب ڪري ڇڏيو آهي، مردانگيءَ کي به ڪاروبار ڪري ڇڏيو اٿن. وينا صلاحون ڏيندا ته پهلوانو، پاڙي جي لڄ رکڻي اٿو، تر جي پهلوانن کي مڙئي ٽيڪو ڏيڻو اٿو. هاڻي جي ڪيون ٿا انڪار ته مورڳو ميلي ۾ سڏائڻ ڪان به پيا لنوائيندا. تنهنڪري هٿ وات تي به ته هيٺ به.

"وري جي داءُ ڪري داد وٺڻ ٿا وڃون ته اتي به چاپلوسيءَ مان ڪم ٿو وٺڻو پوي. لائوڊ اسپيڪر واري جي، ڏهڙي الڳ. سامهون وينل پوتار کي سائين ميان ڏار. ٻانهين ۾ ٻينل ماڻهن کي سلام جدا، ڇڻ ملهه نه وڙهي سين، خيرات ٿا وٺئون. اڄ جو شوقين به مجال آهي جو ڪيسي ۾ هٿ وجهي، مسخري جيان ڇڻ ڪيسي ۾ نانگ وينو اٿس. بس رڳو چٽائي ڏسڻ تي به واهه، واهه ۽ واهه پهلوان تنهنجو داءُ، جوان جو پٽ آهين، الله الله خير سلا." وري هو پورن ۾ وڪوڙجي وڃي ٿو.

”هاءِ ڙي دنيا، تنهنجا رنگ، ڪٿي چور سجا ته ڪٿي ڏور سجا.“ وري ڪڻ تان اٿي گهڙامنجيءَ ڏانهن وجي ٿو ۽ اتي پيل ڪُٽ جي وٽي ۾ پاڻي اوتي ٻه ڍڪ ڀري خار مان پاڻي هيٺ هاري ٻچان ۾ چوي ٿو، ”خداءِ جي مار پوندن، ڪير ته پيئن ٿا پر اها تميز ڪونه اٿن ته ٿانءُ ڪٿي ڏوئي چڏين.“

هن ڪي ڪير ڪان چڻ الرجي ٿي پئي هجي. انهيءَ ڪير ڪان جنهن ڪيس پالي تاتي وڏو ڪيو ۽ اهڙو پهلوان بڻايو، جو ميدان ۾ لهڻ ڪانپوءِ ماڻهن ڪان ڪوڪرا ۽ رڙيون نڪري وينديون هيون. آواز ايندا هئا، ”ادا لٽو آ نواب پهلوان.“

”هاءِ ڙي هاءِ نواب پهلوان تنهنجي نوابي.“ هي پنهنجي منهن پٽڪي ڪڻ تان اٿي ٿو ته ڪڻ مان ٽڙڪاٽ نڪري ٿا وڃن.

پٺهنس ڪنڌ مٽي ڪري پڇي ٿو، ”اڙي نواب چا ٿيو اٿئي، دل ۾ ڪو گدڙ وينو اٿئي چا؟“

”خير آ، خير آ، ساهه نه وجئي، هاڻي مان، پاڻ ئي سڀ ڪجهه سمجهان ٿو. پوڙهو ته ڏس اجان چؤنڪيون نٽو چڏي. هرويرو اچي ڏيي اڏي ويهي ٿو رهي. جڏهن ته مون ڪي خبر آهي ته سياڻي چوٽيءَ جا ملهه اچي پڙ ۾ لهندا، اهو ميدان هن ميدان ڪان وڏيڪ آهي. هيءَ ته پنهنجي ڪيتي آهي جنهن مهل ڪيڙيس.“ ايئن چئي هو زال ڏانهن ڏسي ٿو، جنهن جا سنگ اجان پڪل آهن. جوٽس ڪَر يَجي ڪيس سڌير ۾ هجڻ جو ڏس ڏئي ٿي ۽ پاسو ورائي ڏونگل وهائي ٿي ڪڍيس، ”مڙسالو ته ڏس، اجان پاڻ ڪي 25 سالن جو ٿو سمجهي. اڃو مٿو، اٿو خراب، اهي طاقتون پاڻ وٽ سنڀالي رک ته متان ڪو پهلوان هٽي جاننو، جنگهه نه ڀجي وجهئي!.“

”مار، مائي اصل اندر ۾ ڪوري جيان ٿي ٻري.“ اندر ۾ پٽڪي ٿو پر ٻاهر ٻيهڻ ڪونه ڏنس ۽ جملو وهائي ڪڍيائينس، ”اندر ۾ ته پڄرين ٿي پئي، پر وس ڪونه ٿو پڄئي.“

”ڪونه ٿي پڄران ۽ نه ئي ڪا پرواهه اٿم..... ٿي ٻچڙا ٿيا..... وار اڇي اڇا ٿيا، هاڻي ڇا پڄرنديس.... جنهن عمر ۾ پڄرڻو هو، انهن ۾ به تڏو گهڙو پاٽيءَ جو هاريم، هاڻي ڇا جا ٿو حساب پڇين؟“

”چڱو چڱو، هاڻي سڪڻي ڪُني جيان نه ايام، چپ ڪري سمهي پئه، نه ته بابو، وري اچي، وجهئي نه ڪٽ وچ ۾!“

”ڪٽ نه وجهي ڪٽي لوڙهو ڏئي، منهنجو ڇا؟“

”مار، رن تنهنجي فوقيت“. اهو چئي هي اٿي اندر ڪمري ۾ آيو. بلب ٻاري، آئيني جي آڏو بيهي پاڻ کي جاچڻ لڳو. ساڍا ڇهه فوٽ قد، منهن موڪرو، ڪلها پريل، نڪ چوپو، پروُن ڍگها تلها، وڏا پوپٽ، وار وڏا پوئتي ورايل، منهن ڪان ٿي هيٺ ديد ورائيائين، پيٽ هاڻي ڪنٽرول ڪان ٻاهر، ڏُن ڄڻ چدن ڪيڏڻ واري گهچي. گوڏ، هر هر پيٽ تان کسڪي هيٺ لهندڙ. هڪ نظر پاڻ تي وجهي ڦوڪڻ ٿو پري، ”هاءِ ڙي نواب، جواني!“.

ذهن جي اسڪرين تي گلان تري ٿي اچيس. گلان جيڪا اڏڙوٽ عمر ۾ به هٽن، پيرن کي ميندي هڻي، ڪارا ڪپڙا پائي، جڏهن امام علي شاهه جي پڙ ڏانهن ويندي هئي ته رستا صاف ٿي ويندا هئا. ايرو غيرو پاسو وٺي مائي گلان جي حسن کي ڊڄڻ وانگر ڏسندو هو ۽ سندس لک لهندڙ لوڏ، ماڻهن تي ڄڻ اسم اعظم پڙهي ڇڏيندي هئي. ان گلان هڪ ڏينهن مڙي چيو هئس، ”چورا، مان به مان آهيان“ ”پر تون به تون آهين“. ”هٿي گهٽن جا وضوع ٽوڙي ڇڏيا اٿئي“، ”ٻيو ته ٺهيو پر اڄ گلان به....“ گلان لفظ ڪائي وئي هئي.

”هاءِ ڙي گلان، تنهنجي جواني.“ گلان، نواب جي نيڻن ۾ نهاري نونڌ ڪندي به نواب کي نوائي نه سگهي. هو ٿڌو شوڪارو ڀري آئيني کي ڏسي، ڏورن کي هٿ لائي ٿو ڏسي، جن جي ڪل هاٿي لڙڪڻ لڳي آهي هو مرڪي پوئتي موٽي ٿو ۽ چوي ٿو، ”ويندڙ وهي ۽ لهندڙ سج کي ڪير سلامي ڪندو.“

”اها خبر نه سياڻي پوندي ته هن جسم ۾ ڪيترو دَمُ آهي؟“

ٻاهر اڄي ڪٽ تي آهليو ئي مس ته وري ذهن جي اسڪرين تي، پير هوتي نوتيءَ جو ميلو تري آيس، ”هاءِ ڙي سائين شمن شاهه بادشاهه، ملهه ته تنهنجي! ”شمن شاهه بادشاهه ۽ سرور جتوئي ملهه نه هئا.... هَتِ....“ ذهن ۾ ان ميلي کي فوڪس ڪري ٿو.

”ابول، ملهه ته نه هئي پر ٻاهه ۽ ٻاٽيءَ جو مقابلو هو، شمن شاهه بادشاهه جوشيلو ۽ جذباتي، هوڏانهن وري سرور جتوئي مانيٽو، برجستو ۽ اونهو.“

”آئون هٿ پئجي ويا آهن.... آئون چڪ چڪان ٿي آ، ته اڌ ڪلاڪ ته رڳو همران هڪٻئي جا پاٽي ڪڇيا.

خلق جو ڏسو ته اڃي بيزار ٿي، چئي هيءَ به ڪا ملهه آهي. اڌ ڪلاڪ ٿيو آهي بينا هڪ ٻئي رڳو زور تا ڏين، داءُ ته ڪير ڪري ئي نٿو.“ چوڏاري آواز، ”مرشد ملهه ڏيڪار.“

اؤن مرشد ٿوري تڪڙ ڪئي آ ۽ سرور جي اري ۾ آيو آ. ”ابا جتوئي پهرين ملهه مرشد کي هٽي ويو.“ ٻانهين ۾ جڻ راڪاس گهمي ويو. سائينءَ جو تَرُ، هيڏو وڏو ملهه دسجي پيو! سرور ڪُڏَ ڏيندو وڃي ٻانهين ۾ پيو. منيون پئسن جون وڻي اڃي پڙ ۾ پهتو ئي مس ته شمن شاهه وڃي سندري ۾ هٿ وڌس، تاڙيون وڄي ويون. سيد جي اڪين ۾ رت لهي آيو. لائوڊ واري دهل واري کي بس ڪرائي اعلان ڪيو، ”هن ملهه تي پنج هزار انعام رکيو ويو آهي، جيڪو ماريندو ان کي اهو

انعام ڏنو ويندو.“. سنها ٽلها ملھ پاسو ڪري ويا ۽ سڀني ويهي آخري ملھ ڏسڻ چاهي.

سيد بادشاھ هٿ وجهندي ئي اچي سرور ڪي پٽيو آهي. گهمائي گهمائي هيٺ لاٽائينس ته سرور پير مضبوط ڪري ويو. وري اڪري مهري ڪري داءُ ڪيائينس پر اهو داءُ به سرور بچائي ويو. وري چڪي جاننو هيائينس، ته به سرور جاننو ڪيرائي ويو. اؤن ڪٽان سرور ڊاڪ تي ٿو چڙهي وڃيس، شمن شاھ بادشاھ ٻوڙي لاٽس، پٽي وڃي جو پٽڻ تي هنيائيس ته سرور جتوئي ٽيڙ ڪائي اٿيو.

ٻانهين مان ڪوڪرا نڪري ويا، ماڻهن ڪيس دل کولي داد ڏنو ۽ ڪيسا کولي پئسا ڏنا، ايترا پئسا پيس جو سيد اصل ونڻ ۾ آزرتو. اصل پوتڙو پئسن سان ڀرجي ويس، ڳنڍ ٻڌي اچي ميدان ۾ رکيائين. پر اهڙو پهلوان به حرام ڪان بچي نه سگهيو ۽ جڏهن چنگھ جي طاقت ختم ٿي ته مانڙي ڪري وڃي رڳو ٻي ملھ وڙهڻ لڳو.

آهي دارومدار پهلوان جو پاڻ تي. يا پنهنجي جان جي حفاظت ڪري يا وري چقمقي دنيا ڏانهن چڪجي وڃي. چو ته دشمني جواني سان ٿيندي آ پوڙهائپ ته پاڻ دشمني آهي.

هي سياڻي واري ملاڪڙي ڪي ٽلي ٿو ته ڪيئن ان ۾ سوپ ماڻٽي آهي؟ جڏهن ته ماڻهن جا هُشام هوندا. اهي جهمريون، مگٿهار فقيرن جي وچ وڃان، دهل تي ٿاهو، پر اهي سڀ ڪيل تماشا ڪٽڻ واري جي لاءِ هوندا آهن... هارائڻ واري لاءِ رڳو ندامت ۽ شرناءِ جو رينگو، شرناءِ به جڻ هار تي ماتم ڪندي آهي. خبر ناهي منهنجي داءَ تي شرناءِ کهڙي وڃي؟

”بس داءُ هڪڙو ڪندم، جي لڳي ويو ته ”لائي، نه ته چائي“ اصل استاد ابراهيم قلپوٽي واري ملھ وڙهبي. ڪپائي جاننو هٽبو ۽ مٿان ٻيو جاننو هٽبو پوءِ ڪٿائي قسمت.

انهيءَ ٽِل اچڻ سان چڻ ڪيس ذهني سڪون ملي ويو ۽ هي پاسو ورائي ستو ته ننڊ ڪٺي ويس.

صبح ٿيندي ئي اٿي ڪڙو ٿيو، وهنجي سهنجي، ڪپڙا پائي بوچڻ ڪلهي تي رکي، پٽڪي جا ور ڏيڻ شروع ڪيائين پر ٿي وَرَ ڏئي، هٿ رکجي ويس، گمان ٿيس ته پٽڪو صحيح نه پيو ٻڌجي. ور کولي وري ٻڌڻ شروع ڪيائين پر پوءِ به اطمينان نه ٿيس.

”ڇا ٿيو اٿئي نواب، اڄ پٽڪي جا وَرَ نٿو ڏئي سگهين؟“ پنهنجو پاڻ کان سوال ڪيائين.

پٺهنس اهو لقاءُ ويني ڏٺو. سو اٿي آيو ۽ پٽڪي جا وَرَ ڏيندي چوڻ لڳو، ”نواب اولاد ڪيتري به وڏي ٿي وڃي پر وڏن اڳيان هميشه ٻار ئي رهندي آهي. هن ڏنل ورن جو مانُ رکجانءِ. مان ڏسان ٿو ته تون ٻن ٽن ڏينهن کان سوچ ۾ ٻڏل آهين. سوچ ئي پهلوانيءَ جي پُڄاڻي هوندي آهي. ڏوهه منهنجو به آهي، جو مان تومان هٿ ڪڍي ويو آهيان. مان به ڇا ڪيان؟ هي تنهنجا پٽ هاڻي ايڏا پهلوان ٿي ويا آهن جو تنهنجي پهلواني هاڻي لهندڙ سج جيان محسوس ٿي رهي آهي. هو ٻڌو نه اٿئي ته ميلي جي موٽ ڏاڍي ڏکي ٿيندي آهي.“

نواب ڇتائي پيءُ جي ڇهري ڪي ڏسي ٿو جنهن تي پيل گهنج اڄان به گهرا ٿي ويا آهن. پيرن تي هٿ رکي چويس ٿو، ”بابا دعا ڪجانءِ“.

”پٽ، الله جي دعا اٿئي.“

هي بوچڻ سان بوٽ کي ڇنڊڪو ڏيئي گهر مان نڪري آيو.

سڄي رستي ۾ پيءُ جي لفظن جا پڙاڏا، سندس ذهن ۾ گونجندا رهيا. تان جو ميلو اچي ويو. هر طرف رڙيون ئي رڙيون، هوڪا ئي هوڪا،

”هلي آ ميلي جا مور هيڏانهن هلي آءُ“.

هي پهريان درگاهه تي حاضري ڀرڻ لاءِ وڃي ٿو. بوڇڻ سان پير سائين جي دروازي واري چائنٺ چُندي اندر وڃي ڪنڊ ۾ ويهي، قل پڙهي، اولياءَ کي بخشي ٿو. ٻئي هٿ مٿي ڪري، اکين ۾ لڙڪ آڻي دعا گهري ٿو. ”اي الله جا پيارا، منهنجو حال توکي معلوم آ، منهنجي اندر متل هن طوفان کي تون کي ڄاڻين ٿو. جڏهن ته هي سارو لوڪ اهو ٿو چوي، ته نواب ۾ هاڻي اها رت ناهي رهي. مڃان ٿو اهو جوانيءَ وارو دم ناهي رهيو پر اڃان جذبو جوان آهي، مان پاڻ مان مايوس ناهيان، پر صرف مايوسي، اولاد جي مستقبل جي باري ۾ ٿي رهي آهي. نهال جي اسڪول جي في، گهر جو خرچ، اٽي ويٺي، ٻيو ڪو حيلو وسيلو ڪونهي، اوهان اوليائن جون درگاهون حيلو وسيلو آهن. اڄ ڪا واهر ڪر.“ ائين چوندي هن پاڻ کي بيوس ۽ لاچار سمجهيو. سندس اکين مان لڙڪ وهي پيا. ايتري ۾ بيا ملهه به اچي دعا گهرڻ لاءِ روضي ۾ پهتا. هي انهن کان ڳوڙهن کي لڪائڻ لاءِ بوڇڻ سان جلدي منهن اگهي ٿو. سڀ ملهه ڪيس جهڪي، ”پهلوان“ چئي ملن ٿا. هي سيني جي پني ٿپي، پوئين پير روضي مان ٻاهر نڪري ٿو. ٻاهر نڪرڻ ڪانپوءِ ڪيس ائين ٿو لڳي ته سندس سينو ويڪرو ٿي ويو هجي.

سيئي پهلوان گڏجي، ميلي ۾ لڳل بازار مان آستاني ڏانهن وڃن ٿا. ڪين پهريل ويڪريون هرڪ جون شلوارون ڳڙ ڳڙ ڪنديون ڇڻ سندن ڪڍ لڳيون ٿيون وَتن. ماڻهو ۽ دڪاندار ڪين جهڪي سلام ٿا ڪن ۽ منائيءَ وارا، هوڪن سان گڏ ڪين منائي کائڻ جي سڪٽي صلاح ڪن ٿا. پر هي صرف هٿ مٿي ڪري ”مهرباني“ چوندا اڳتي وڌندا وڃن ٿا.

هي پنهنجو دٻدٻو ۽ شان ڏسي، اهو سوچي ٿو، .هي سمورو ڪرشمو اولياءَ جو آهي.“ اهو سوچي، سندس ذهن مان گذريل سڀ وارتائون نڪري وڃن ٿيون. ائين اچي هي پڙ تي پهچن ٿا. چؤطرف ماڻهن جون ٽوليون ڪي گلمن تي ته ڪي تڏن تي ۽ ڪي رلين تي

پنهنجيءَ پنهنجيءَ ڪرت ۾ لڳا پيا آهن. ڪي ڪونڊي ۽ ڏنڊي جي رڳڙي ۾ قابو ته ڪي سلفيءَ مان نڪرندڙ دونهين ڪي ڏسي مست لڳا پيا هئا ته ڪي وري تاس جي پتي ڪي ڏڪ هٽي پنهنجي ڪاوڙ لاهي رهيا هئا. هي چوڏاري نظر ڦيرائي مَنَهِ ۾ اچي بوڇڻ وڄائي ويهي ٿو. ايتري ۾ ميلا ڪميٽيءَ جو هڪ ماڻهو اچي ڪيس ڪن ۾ چوي ٿو.

”پهلوان هي ميلو استاد عبدالقادر جي پاڙي جو آهي. ان ڪري پهرين ملهه تنهنجي ۽ پوئين ملهه استاد عبدالقادر جي.“

اهو ٻڌي هي ارهو ٿي وڃي ٿو ۽ جذباتي انداز ۾ چوي ٿو، ”اڄ ڪا به سوديبازي نه ٿيندي، جي هن جي عزت جو سوال آهي ته منهنجي به زندگي ۽ موت جو سوال آهي. هر ڪنهن کي پنهنجي ٿي سُجهي، پر ٻئي جو خيال ڪنهن کي به ڪونهي؟“ هن جي تپي ڳالهائڻ تي ماڻهو جمع ٿي وڃن ٿا ۽ اهو همراهه کسڪي وڃي ٿو.

”افسوس آهي، هاڻي هن راند ۾ به سفارش ڪاهي پئي آهي، ملهون به وڪرو ٿيڻ لڳيون آهن. طاقت به پئسي ۾ خريد ڪئي وڃي ٿي. پوءِ هرويرو ڇو ٿا ڏوڙ پايو، پئسي جي طاقت تي ميدان ماريو، ڇا جي پهلواني، ڇا جا داءَ؟“ ملهن جا پول کلڻ لڳن ٿا ته سيئي پهلوان سري اچي ڪيس سمجهائڻ لڳن ٿا، ڇو ٿو وائڪو ڪرين؟ هي اسان جي ٻچن جي روزي آ، ماڻهن کي خبر پوندي ته ڪير اعتبار ڪندو اسان تي، ڪير انعام اڪرام ڏيندو، ٻيلي ڏاهو ٿيءُ.“

ايتري ۾ ميدان مان ٺاهو وڄڻ جو آواز اچي ٿو ۽ شرناءِ مئل ڪوڪ ڪري متي وڃي ٿي. سيئي ملهه بوڇڻ ڇنڊي اٿن ٿا. گهڻن ملهن جا منهن لٿل آهن. ميدان تي ٻانهيون ٻڌجي چڪيون آهن. پهلوان ٻانهيون چيري اندر ميدان ۾ داخل ٿين ٿا. بوٽ لاهي مٿن بوڇڻ رکي ويهي رهن ٿا.

ملهه شروع ٿي ته ٿي سنها جوڙ وڙهيا، پوءِ ٽوڙ شروع ٿي. اوچتو اعلان ٿيو، ”هاڻي چوٽيءَ جي ملهه ٿيڻ واري آهي. اوهان جي سامهون ٻه چوٽيءَ جا ملهه سندرا ساهيندا. استاد عبدالقادر ۽ نواب پهلوان. هاءِ ڙي نواب تنهنجي ملهه. ادا نواب ته نواب آ، پر وري استاد عبدالقادر به عبدالقادر آهي. اڄ ميدان تي اهو فيصلو ٿيندو ته زورآور ڪير آهي؟“ اهو ٻڌي نواب جذبات ۾ اچي اٿڻ چاهيو ته چڪر اچي ويس. هي ٿابو سنڀالي اٿيو. قميض لاهي بوٽ جي مٿان رکيائين ۽ پٽڪو قميض جي مٿان رکي سندرو ڪٽي وچ ميدان تي آيو.

عبدالقادر ميدان تي پهتو ته تاڙيون وڄي ويون. چو ته اهو سندس ٿَرَ جو ميلو هيو.

نواب چتائي تاڙيون وڄائيندڙن کي ڏسي ٿو. هڪ دل چيس، ”جيڪر گاريون ڏيئي تاڙيون وڄائيندڙن کي چپ ڪرائي ۽ کين ٻڌائي ته جنهن لاءِ تاڙيون ٿا وڄايو اهو توهان جو پيءُ مونکان چڙهندو به صحيح.“ پر وري سوچي زهر جو ڍڪ پري ڪٽي ماٺ ڪيائين.

ايتري ۾ لائوڊ اسپيڪر تي اعلان ٿيو، ”هن ملهه تي ڏهه هزار رپيا انعام رکيل آهي، جيڪو پهلوان اها ملهه ماريندو ان کي اهو انعام درگاهه جو سجاده نشين پنهنجي هٿن سان ڏيندو.“ پوءِ هڪل ڪري دهل واري کي چيائين، ”ان خوشيءَ ۾ ٿاهو وڄاءِ.“ دهل واري دهل کي ڏونڪو هيو ته سڄي خلق وٺي تاڙيون وڄايون.

هن کي ياد آيو ته هي اهو ساڳيو ميدان آهي، جتي شمن شاهه بادشاهه سرور جتوئي کي ملهه ماري پاڻ ملهايو هو. اڄ اهو ساڳيو ميدان آهي. ماڻهن جا هشام، ڏهه هزار انعام، اڄ وارو اٿئي نواب، جي هيءَ ملهه ماريئي ته تنهنجي هاڪ هنڌين ماڳين هلندي. ۽ ٻچڙن جي اسڪول جي في به اگهڙي پوندي.

هٿ وجهندي ئي، هن، ڪٽي عبدالقادر کي گهمائڻ شروع ڪيو. گهمائي گهمائي جنهن مهل هيٺ لاٿائينس تہ پٽهس جا چيل جملا ياد آيس، ”هن پٽڪي جي ورن جي لڄ رکجانءِ.“

دل ۾ آيس تہ ابهرائپ ڪرڻي ناهي. سو وري داءُ رکي عبدالقادر جو پاٽي ڪڇڻ لڳو. عبدالقادر جاننو هنيس تہ ڪيرائي منڙي ڏنائينس، عبدالقادر تيز ڪائي پاڻ سنڀالي ويو. وري اڇي ڄنگهہ ۾ وچڙيس. هن ٿل ويڙهائي تہ چو نہ ٻي ڄنگهہ ۾ جاننو هڻي چڪي وجي هٽانس. هي اجان انهي ٿل ۾ هو تہ عبدالقادر ڦٻائي جاننو هڻي مٿو مٿي سان ملائي ٻوڙي لاٿس. پٽ تي ڪرڻ مهل هن رڳو شرناءِ جو آواز ٻڌو ۽ ماڻهن جون تاڙيون. هن ڪلهن ۾ ڇهنگهن ڪي زور ايندي محسوس ڪيا. هن پنهنجو پاڻ کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڏنڏلائپ سبب پنهنجو پاڻ کي بہ ڏسي نہ سگهيو.......

# موٽي اينڊس مان

رات جا ٻه ٿي ويا آهن پر هن جي نيڻن مان ننڊ اڏامي وئي آهي. ڪمري ۾ پيلي بيڊ ٻه هن ڪان لاتعلق لڳو خاموشيءَ مان لطف اندوز ٿي رهيو آهي. رولنگ چيئر تي وينل يعقوب سگريٽ مان وڏو ڪَش پيري فضا ۾ ڇڏي ٿو ته دونهون ڪنهن تجريدي آرٽ جي اسٽروڪن جيان هيٺ مٿي ڦهلجي وڃي ٿو. سندس پٽ فهيم اڃا تائين دوستن جي ڪچهريءَ مان واندو نه ٿيو آهي جو هن مهل تائين گهر نه پهتو آهي. سندس پٽ جي اها روٽين نهي وئي آهي ته هو رات جي ماني ڪائي ڳٽڪو وات ۾ وجهي. موٽر سائيڪل کي ڪڪ هڻي نڪري ويندو آهي.

پٽ جي ڳٽڪي کائڻ جي خبر جڏهن هن کي پئي هئي ته ڪيس سمجهائيندي پنهنجي زال جي موجودگيءَ ۾ هن چيو هو:

”فهيم هي تون ڪهڙيون عادتون شروع ڪري ڇڏيون آهن؟ نه تنهنجي بابي گٽڪو کاڌو نه ڏاڏي“

فهيم ڪنڌ هيٺ ڪري وراڻيو هو ته:

بابا سائين مون ڪڏهن توهان کي چيو آهي، ته توهان سگريٽ ڇو ٿا پيئو؟“

هن زال جي منهن ۾ ڏٺو هو: ”جنهن جي ڇپن تي مرڪ هئي“.

هن جو ڪنڌ ازخود جهڪي ويو هو.

وري جڏهن رات جو دير تائين ٻاهر رهڻ کان منع ڪئي هئائينس ته فهيم هڪڙو ئي جواب ڏنو هئس ته:

”بابا سائين اوهان هروڀرو ٿا ڳڻتي ڪيو توهان مانڙي ڪري سمهي پوندا ڪريو مان چابي پاڻ سان کڻي ويندو آهيان، در ڪولي گاڏي اندر ڪندس ۽ سمهي پوندس“. ڪيس ياد اچي ويو هو ته ڪيئن بابو مرحيات سج لهڻ سان ئي لٺ کڻي نڪري پوندو هو ۽ دوڪان تان اٿاري ماني کارائي سمهاري پوءِ وڃي سمهندو هو“.

هن پيري به پٽ جو جواب ٻڌي هو ڪجهه نه ڪچي سگهيو هو ۽ شڪر ڪيو هئائين ته هن پيري سندس سامهون زال سامهون ڪونهَ هئي، نه ته هُنَ جي مرڪَ سندس اندر کي الائي ڪيترا ڏنڀ ڏئي هان!

اهي ٻئي واقعا هن جي ذهن تي ائين تري آيا جيئن سائبريا جا ٻه اڇا پکي سنڌ جي ڪنهن ڍنڍ جي پاڻيءَ تي تري رهيا هجن.

يعقوب اٿيو ته ويلنگ چيئر جي اسپرنگ مان هلڪو آواز آيو.

هو ڪمري مان نڪري در تائين ويو. در بند هو ۽ موٽر سائيڪل ڪونه هئي.

پٽهنس اڃا واپس ڪونه ٿيو هو.

هي اچي بيڊ تي وينو ته بيڊ مان ٿورو آواز آيو. جڻ بيڊ سندس اچڻ جي آجيان ڪئي هُجي ۽ خاموشيءَ مان تنگ ٿي پيو هُجي.

هن زندگيءَ جا پنجويهہَ سالَ هن گهر کي ڏنا هئا. سرديون، گرميون، بهارَ، خزائون ڏٺيون هيون هن نم جي پتن کي پيلو ٿيندي ڇڻندي ڏٺو هو ۽ وري گونج نڪرندي سائو ڇهڇ ٿيندي ڏٺو هو. ٻور ڪان نمورين ٿيڻ تائين ۽ پڌر ۾ پکڙيل نمورين تي پير اگهاڙي گهمندي پاڻ کي هلندي ۽ پيرين ۾ چيڀندي محسوس ڪيو هيائين.

ٻچ ٻچان، وڻ وڻان ۽ مشين جيان زندگي، گذاري هئي. هن پوئتي مڙي نهاريو به ڪونه هو ته جنهن گهر کي ڇڏي هي شهر نڪري آيو هو، اتان جي موسم ڇا هوندي اتي گهر جو پڌر ڪيئن هوندو، جنهن تي هن بانبڙا ڏنا هئا. چيڪي مٽي ڪاڏي هئي ۽ پچندي ڪريو هو ته

ڪاڏيءَ ۾ نڪري ڇيڇي وئي هئس، جنهن کي ماڻس ڇڪ ڏئي ڪڍيو هو ۽ سرمو وجهي سندس رت بند ڪئي هيائين:

هن کي پنهنجي پيءُ جو پيار ياد اچڻ لڳو، جيڪو ڪيس سڌي پير ۾ ويهاريندو هو ۽ زماني جون ڳالهيون ٻڌائيندو هو ته وڏن جو ادب ڪجي ڪٿ تي انهن جي مٿي ڪان نه ويهڻ گهرجي، مِٽ مائٽ اوڙي پاڙي لاءِ اڪين ۾ لج رکجي، وڏي آواز سان نه ڳالهائجي، ڪو ڪم چوي ته منهن ۾ گُهنڊ نه وجهجي، نوڙي ۽ جهڪي سلام ڪجي. هڪ جيڏن سان گار گند نه ڪجي، استاد جي سامهون نه ٽجي، اوطاق تي ايندڙ مهمانن جو خيال رکجي، وڏن جي وچ ۾ نه ڳالهائجي. نه ئي ٻاهر جي ڳالهه گهر ۾ ڪجي ۽ نه وري گهر جي ڪسي پڪي ڪنهن ٻاهر واري سان سلجي“.

اڄ اهي سڀ ڳالهيون ڪيس ڇو ياد اچي رهيون هيون. هن غور ڪيو شايد ان ڪري ته پٽ سندس پير تي نه هلي رهيو هو، هو شهر جي پڪن رستن تي گاڏي پچائي رهيو هو. هن وٽ موبائيل اچي وئي هئي، جنهن ۾ هو 24 ڪلاڪن مان ويهه ڪلاڪ ويهي، يارن دوستن سان ڳالهيون ڪندو هو. وڏا وڏا ٺهڪ ڏيندو هو ۽ گهر ۾ موجود ڀاتين جو خيال نه ڪندو هو. ۽ نيٽ تي ٿيندڙ فحش حرڪتن کي لائيڪ ڪرڻ لڳو هو. وقت سان گڏ پئسي جو زيان ڪري رهيو هو، جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هن ڏينهن رات هڪ ڪري، صرف ان لاءِ گڏ ڪيو هو ته سندس اولاد سُکي رهي. انهن کي هن دؤر ۾ تڪليف نه اچي.

پنهنجي پلان ڪيل زندگيءَ ۾ هن کي مسلسل هار سان منهن ڏيڻو پئجي رهيو هو. يا زمانو بدلجي ويو هو يا هو بدليل حالتن سان ايڊجسٽ نه ٿي رهيو هو. ٻنهي مان ڪا ته ڳالهه هئي جيڪا ڪيس مسلسل سوچڻ تي مجبور ڪري رهي هئي. ڪو وقت هو ته سندس گهر ۾ گڏيل دستر خوان لڳندو هو. سڀئي گڏجي جڏهن ماني کائيندا هئا ته هڪٻئي

جي انداز تي نظر رکندا هئا. هو ٽنهي ٻارن کي ماني کائڻ جا انداز سيکاريندو هو، مانيءَ جو صرف وچ نہ کائجي، کنا رهائي نہ ڇڏجن. چمچي سان گهٽ هٿ سان ماني کائو. هٿ ڌوئي اچو، بسم الله پڙهو. ترين جي نيڪ تي نہ ويهو. پاڻي وچ ۾ پيئو. مٿان نہ پيئو. پيچ پيچان ۽ وٺ ونان جي دؤر ۾ دسترخوان وڇائي ماني کائڻ جو رواج نکري ويو. پرانن جي جاءِ سلائيز اچي ورتي جئم هنئي هٿ ۾ سلائيز کنئي اسڪول يا ڊيوٽي تي ويندي هلندي سلائيز کاڌي هرکو نکري ويندو هو هو سلائيز جي ٽکرن کي ڏسي ٽتو ساهہ پري نوڪريءَ تي نکري ويندو هو. ۽ کيس ڳوٺ ياد اچي ويندو هو". پٺهنس لٺ کٺ جي واڏڻ ۾ وجهي وينو هوندو هو. جيستائين ٻار پرانا ونې مٿان ڦٽي مکڻ جي رکي لسي جو گلاس پري نيرن نہ کندا هئا تيستائين وينو ڏسندو هئن، مجال آ جو بنا نيرن جي کو ٻار گهر مان ٻاهر نکري".

اهي سيئي عڪسَ يادون هن جي ذهن جي کنڊ مان اڄ اوچتو چو اٿل کائي سندس سوچ کي ٻوڙي رهيون هيون. هو پراڻا وَٺَ سنيالي رهيو هو.

کيئن صبح سوير اٿندو هو نماز پڙهڻ کانپوءِ جڏهن، حافظ نور محمد کين سيپارو پڙهائيندو هو ـ ڳوٺ جا سپ ٻار ڇوکرا ڇوکريون لائين ناهي ويهندا هئا ۽ مليل سبق ياد کندا هئا ۽ مسجد مان ٻارن جي پڙهڻ ۽ هِجي کرڻ جا آواز گهرن تائين پهچندا هئا. رکي رکي حافظ نور محمد جي کنهن ٻار کي کنڌ نوڙائي کنڊي ۾ مُکَ هڻڻ جو آواز گونجندو هو تہ سيني ٻارن کان جڻ ڇرڪ نکري ويندو هو ۽ هو زور سان پنهنجو سبق پڙهڻ لڳندا هئا.

يعقوب اکثر پنهنجي سڳي سؤٽ راڻيءَ سان گڏ ويهندو هو، جيڪا وقفي وقفي سان نونٽ هڻي اکر اکر تي هٿ رکي ان جي هِجي کرڻ بابت پڇندي هئي ۽ هي کَن ۾ هوريان کيس اکر هِجي کري

ٻڌائيندو هو. ٻاهر نڪرڻ مهل راڻي ڪيس چيڙائيندي هئي ته مونکي ته سبق ياد هو، مان ته هرويرو پئي پڇانءِ. ۽ هي ان جي ڪڍ پئجي ويندو هو ۽ راڻي ڏُڪي وجي ماءُ جي ڪڇ ۾ لڪندي هئي. راڻي جيڪا سندس سڳي سؤٽ هئي. هڪ گهر ۾ پلي نپني، ڪيڏي ڪُڏي، وڏي ٿي هئي.

راڻيءَ کي به ته هي ڇڏي شهر نڪري آيو هو. بلڪ نڪتو ئي راڻيءَ جي ڪري هو. جڏهن گهر ۾ راڻي ۽ سندس لاءِ ڳالهيون هلڻ لڳيون هيون ته هاڻي يعقوب نوڪريءَ سان به لڳي ويو آهي ۽ راڻي به ڪيترو ويهي انتظار ڪندي، هڪ نه هڪ ڏينهن ٻنهي کي شادي ته ڪرڻي آهي. اهي سڀ ڳالهيون ٻڌي هن جو مٿو چڪرائجي ويو هو. هن کي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي آهي ته هن جو نڪاح راڻيءَ سان ٿيندو جنهن کي هن هميشه ڀينرن جيان ڏٺو آهي. ڀينرن جيان پيار ڪيو آهي. هي پنهنجي اهڙي پيار کي شاديءَ واري ٻنڌڻ ۾ ڪيئن ٻڌي سگهندو؟ ۽ پوءِ جڏهن سوچي سوچي ان هڪڙي ڳالهه تي پڪو پختو ٿينو ته هو راڻي سان شادي نه ڪندو ته سڀني جي وات ۾ آڱريون اچي ويون هيون. پٺهنس اهڙي جواب تي ڪٺ جي واڌڻ مان لٺ ڪڍي هئي ان کي به هِنَ اهو چيو هو ته: ”لنين جا آهوڙا وساءِ پر ادي راڻيءَ سان شادي نه ڪندو مانءِ“ اهڙو جواب ٻڌي پٺهنس ڪٺي لٺ واڌڻ ۾ وڌي هئي هٿيار ڦٽي ڪيا هئائين ۽ ياءُ جي گهر وجي هيٺ ويهي رهيو هو“. ادا مان تنهنجو ڏوهي جيڪا سزا مقرر ڪرين مان حاضر ڇورو ڀڙ ڪڍي بيٺو آهي ته راڻي منهنجي ڀيڻ آهي“.

هن ان راڻيءَ سان شادي ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو، جيڪا قرآن پڙهڻ ويل حضرت يوسف ۽ زليخان جي قصي پڙهڻ وقت يعقوب نالو پڙهڻ ۾ به لڄ ڪندي هئي ته ڪيئن هوءَ پنهنجي ٿيندڙ مڙس جو نالو زبان تي آڻي. حافظ نور محمد جون مڪون برداشت ڪيو هئائين. پر يعقوب نالو زبان تي نه آندو هئائين! مولوي نور محمد ورجائيندو رهيو

هو تہ ”يعقوب وَاِز نادا رَبَہُ“ پر هن صرف واِز نادا رَبہُ ئي پڙهيو ٿي. پر يعقوب نٿي پڙهيو.

سبق تان موٽندي هن ڪيس ڏاڍوپ تنگ ڪيو هو تہ توکي يعقوب هِجي ڪرڻ نہ پي آيو.

راڻيءَ ڪاوڙ ۾ ڪيس مڪون وهائي ڪڍيون هيون!

هي راڻيءَ جي اهڙن احساسن کي بہ سمجهي نہ سگهيو هو.

اڄ جڏهن سندس گهر جي ڀاتين هن جي احساسن کي نہ سمجي سگهيو هو تہ ڪيس راڻيءَ جا احساس ياد اچي رهيا هئا!

ڇا راڻي مونکي ايترو چاهيو هو، منهنجي تصوير کي ايترو ذهن ۾ سجايو هو.

منهنجي تصور کي ايترو پاڪ سمجهيو هو جو منهنجو نالو بہ نہ ڪٽي سگهي هئي.

ان جي پيٽ ۾ هِنَ گهرواريءَ يعقوب مان يعقو بڻائي ڇڏيو هوس. جنهن سان مون پيار مان شادي ڪئي. جنهن کي مون ايترو چاهيو جو پنهنجن پيار ڪرڻ وارن رشتن کان الڳ ٿي. سندس هر خواهش پوري ڪئي.

ڇا اهي سيئي قول قرار، قربانيون ڪانئس وسري ويون. مون گهر ڇڏيو. ابو امان ڇڏيا. ڀائر ڀينر ڇڏيا. اَبُو انهيءَ سور ۾ ٽن سالن اندر وڃي قبر پهتو.

”وصيت ڪري ويو تہ يعقوب منهنجو منهن نہ ڏسي“.

اهڙي وصيت ٻڌي امان سندس آڏو گڙ گڙايو هو تہ يعقوب جا پيءُ هي تون ڇا چئي رهيو آهيين پنهنجي پٽ لاءِ ائين چئي رهيو آهين جنهن کي هنج تي ڪٽي گهمايو اٿئي، جنهن کي پر ۾ ويهاري پيار ڪيو ٿئي. ان پٽ لاءِ تون زبان مان اهڙا لفظ ڪڍيا آهن.

پٺهنس جي زبان بند ٿي تہ وري نہ کلي ۽ هو موڪلائي ويو.

”اهي لفظ به ڪيس راڻيءَ ٻڌايا هئا جنهن وقت هو مئل پيءُ جي مٿان پهتو هو“.

سندس پيءُ جي مُئي ڪانپوءِ راڻيءَ جي شادي طئه ٿي هئي. چاچي ٽانگي تي چڙهي اچي ڪيس سڏ ٻڌايو هو ته راڻيءَ ڪي اٿاريان ٿو. راڻيءَ جي خواهش آهي ته تون پنهنجي هن پيڻ ڪي اچي هٿن سان رخصت ڪر“. مان تنهنجي ان قول ڪي پاڻي ڏيڻ ٿي چاهيان ته تون مونڪي پنهنجي پيڻ سمجهندو آهين“.

ان ڏينهن ڪيڏو گهر ۾ فساد ٿيو هو. ڪيڏيون تهمتون لڳيون هئس ته اها راڻي اجان تنهنجي پچر چو نه ٿي ڇڏي“. هن پاڻ ڪي رشتن جي اهڙي ڄار ۾ ڦاسندي محسوس ڪيو هو جنهن ۾ ويساهه جي ڪا به دري لڳل ڪونه هئي جنهن مان نڪري هو پاڻ بچائي سگهي.

راڻيءَ جي شاديءَ واري رات هو، پٽائي جي درگاهه تي نڪري ويو هو. فقيرن وائي پي ڳائي ”آيل منهنجو روح اپليو نه ٿئي““

ٻئي ڏينهن جڏهن هارايل جواريءَ جيان گهر موٽيو هو ته ”طعنن جو هڪ ڍڳهو هار سندس ڳچيءَ ۾ پيو هو“ ويو هنئين پنهنجي محبوبه جي شاديءَ ۾“.

ان ڏينهن ڪيس احساس ٿيو هو ته دنيا وارا پيٽن ڪي به محبوبائن جو لقب ڏيندا آهن“.

هن جسم ۾ ڏڪٽي محسوس ڪئي، در جي آواز تي. هو اٿي ڪرو ٿيو. هن بيڊ تي پيل اجرڪ جسم ڪي ويڙهيو ۽ در تائين آيو.

”يوسف تون چئي وڃي موٽيو آهين“.

مان يوسف نه فهيم آهيان“ توهان ڪي به الائي ڇا ٿي ويو آهي بابا“

ننڍا پاڻ ننڊ ڪيو ۽ نه ئي ٻين ڪي آرام سان گهمڻ ڏيو. فهيم جا لفظ ٻڙڇي ٻڻجي ڪنن ۾ گونجيا هئس.

هن کي ياد آيو تہ واقعي منهنجو رڪيل نالو يوسف تہ ماڻهنس ديڳ لهرائي مٿائي ڇڏيو هو.... هاڻي تہ هي فهيم آهي!

هي مون کي ڇا ٿي ويو آهي. مان ويهہ سال پوئتي ڇو هليو ويو آهيان منهنجي پٽ جو نالو تہ ويهہ سال اڳ، بيگم صاحبہ ان ڪري مٽائي ڇڏيو هو تہ انهن نالن جو هاڻي رواج ڪٿي رهيو آهي“.

فهيم در بند ڪري پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو پر هي اتي ئي بيٺو رهيو.

هن هٿ هٽي دروازي جو ڪنڊو چيڪ ڪيو ڪيس پڪ ٿي تہ دروازو بند آهي. هي موتي اڇي ڪمري ۾ پهتو ڪيس احساس ٿيو تہ هي هتي هرويرو رهيو پيو آهي. هي انتظار ڪرڻ، پنهنجون نندون ڦٽائڻ کهڙي ڪم جون“ جڏهن احساس مري وڃي، ڪنهن جي هجڻ ۽ نہ هجڻ جو احساس ختم ٿي وڃي تہ پاڇيءَ ۾ ڇا ٿو بچي؟

ماڻهو ڪڏهن زندگيءَ ۾ ڪاٺو ٿيندو ٿو رهي ڪڏهن رشتن ۾ وندجي ٿو وڃي. ڪڏهن ڪو انگ ڪيس پورو وندي ٿو ڇڏي پاڇي ڪجهہ بہ نٿي بچي.

اڄ پٽ جي جملن هن کي سمنڊ ڇڏيو هو.

هن جي دل چيو تہ: ”پاڻ کي ڪنهن واهہ جي حوالي ڪري ڇڏي. سندس جسم لڙهندو وڃي پاڻيءَ جون بلائون، سندس ماس کي پٽي ڪائي وجن“.

”هونئن بہ روحن ڪانسواءِ جسم ڪهڙي ڪم جا؟“

هو سڄي رات سوچن سان اڪيلي سر وڙهندو رهيو لڇندو رهيو ڦٿڪندو رهيو.

مسجد مان آزان جو آواز گونجندو رهيو.

”حياءَ الفلاح ـ حياءَ الفلاح“

هن اندر جي سڏ ڪي سجاتو. گهر مان ڪجهه نه ڪنيو اجرڪ ويڙهي رستي تي نڪري آيو، جڻ ڪنهن جو روح سڏي رهيو هجيس.

شهر جو روڊ ويران هو ڪوهيڙي جي ڌنڌ ۾ هي اڳتي وڌندو ويو وڌندو ويو سندس پير جڻ نشانن تي رکبا اڳتي کڄندا ويا.

هو ڳوٺ جي مسجد وٽ پهتو جتي ٻار وڏي آواز ۾ سبق پڙهي رهيا هئا.

”يعقوب از نادا رَبَهُ“

سيئي ٻار يعقوب جو نالو وٺي رهيا هئا. ڪو به اهڙو ٻار ڪونه هو جنهن يعقوب جو نالو نٿي ورتو.

هن کي گمان ٿيو ته هو ڪنهن جي ڳوٺ ۾ آيو آهي.

راڻيءَ جو مڙس مسجد مان نڪتو، هن کي ڏسي بيهي رهيو.

”يعقوب تون هتي؟“

هي وائڙو ٿي ويو. ڪيس پڪ ٿي ته هو پنهنجي ڳوٺ پهتو آهي.

هن جي اکين ۾ پاڻي پرجي آيو.

”هيڏي سوير“ راڻيءَ جي مڙس جي اواز تي هي جڻ جاڳي پيو.

”ڏاڍي دير ٿي وئي“ هن جي وات مان بي اختيار نڪري ويو.

راڻيءَ جي مڙس ڪيس پاڪر وڌو، جڻ ڪنهن پنهنجي جي پاڪر ۾ آيو هجي. جڻ ڪنهن جاتل سڃاتل خوشبوءَ سان واسجي ويو هجي. ڪي ساعتون ته هن پاڪر ڪان جدا ٿيڻ ئي نه پي چاهيو. اکين جا بند ڀڄي پيا. گرم ڳوڙها راڻي جي مڙس جي ڪلهن تي ڪريا.

يعقوب جڻ پنهنجي وجود سان ملي رهيو هو.

گهر پهتو ته جڻ مٽيءَ جي خوشبوءَ ڪيس سڃاتو هجي. پاڪرن مان واندو ٿي هو پيءُ واري کٽ تي وينو جنهن جي واڏڻ ۾ اها ساڳي لٽ اجا سندس اوسيئڙو ٿي ڪيو.

پاڻيجا، پائيتا. اقراتن تي مکڻ ڦتيون رکي ماني کائڻ لڳا. هو مرڪيو.

وري اکين جا بند پجي پيس. ڳوڙها ڪاڏيءَ کي ڇهندا هيٺ ڪري پيا.

هن جون اکيون ٻوٽجي ويون

جڏهن اکيون کوليائين ته کٽ جي واڏڻ تي راڻي ويٺي هئي. اڇو ململ جو چولو، مٿي تي اڇو رئو. هن جون اکيون جرڪي پيون.

راڻيءَ ڪڇ ۾ کيل بار جو ڪپڙو پري ڪيو.

هي ڏس منهنجو "يوسف"

هن کان رڙ نڪري وئي. منهنجو "يوسف"

ها يعقوب جو "يوسف" جنهن سان ملي ڪانپوءِ يعقوب جو نور واپس آيو هو هن يوسف کي ورتو. اها ساڳي خوشبوءِ جنهن کي ڇڏي هو شهر ڏانهن هليو ويو.

هن يوسف جي نرڙ تي چمي ڏني.

راڻيءَ جي اکين مان ڳوڙها ڪريا.

ڪيڏو روڪيو مانءِ "نه وڃ"

يعقوب يوسف کي مضبوط هٿن ۾ جهليو منهن منهن سان ملائي چيائين "موتي ايندس مان".

# واليون

سوڍو رڳو نالي جو وڃي سوڍو بچيو هو
سچو ڏينهن پير ڪاٽ ۾!
هُنَ چنبو هنيس ته وري ڪتان ٻُجو مليس.
سندس ڪم ئي اهڙا هئا، گهُري عزت لهرائيندو هو.
”ڪنهن کي دم ته ڪنهن کي دلاسو“.
ڪنهن ڪان ويهه ورتا، ته ڪنهن کي پنجاهه جي چوٽ
صبح جو سوير وڃي، خير شاهه جي مَڪان تي پاسو جهلائبو ۽ جُوا جي ٽِڪري تي ويهي، پڙ پالو ڪري، ڪڏهن ٻه چار روپيه ڪٽندو ته واهه واهه، نه ته هميشه ملڪ ميدان ڪري، انگوشو چنبڙي، ڪلهي تي رکندو هو.
”ڪڏهن ڪڏهن ته انگوشو ٻه ماڻهو ڪسي وٺندا هئس“.
سوڍو هڪ ڀرپور بجو، پنهنجي منهن تي ملي چوندو هو ”سوڍا ٽُڪ ٽئي! جي جوان هوندين، ته سياڻي ڪان هن پڙَ تي پير ئي نه رکندين“.
ڪيئي سچ ايري لهي ويا پر سوڍي جي ڪرت ساڳي، مجال آ جو سوڍو جُوا ڪان باز اچي، عادت سوڍي جو عضوو ٿي وئي هئي!
جوا نه ڪيڏي ته چينَ سان نه سمهي سگهي!
چئي! ”ته هنن هڏن ڪان هاڻي ٻيو ڪهڙو ڪم ٿيندو؟“
چمُ چيو ئي نتو ڪري، تڳاري مونڪان ڪجي ڪونه ٿي ٿورو وزن ڪٽي پنڌ ٿو ڪيان ته اُپ ساهي وني ٿي وڃي.

اُهو مُئو گولڊ فليڪ سگريٽ پي، پي، هٽي ڦڦڙن جو منهن ڪارو ڪري ڇڏيو اٿم!

دوا بہ ڪٿان وٺان، جڏهن ڪان يوناني ڊاڪٽر بہ هڪڙآ ڪک ڪاغذ ۾ ويڙهي ڏنا ۽ چيو تہ، سوڍل جيڪي ڏينهن جيئرو رهين غنيمت اٿئي، باقي تنهنجي گارنٽي ختم ڪيل ختم پئسا هضم“.

خبر ٿئي ٿا چيم ان حجم ڊاڪٽر کي، ڪوڙو ڪوڙي جو پٽ! چيومانس تہ ”حڪيم صاحب حياتي ڇڏي ڪو بہ ڪونہ مرندو جيڪي ڏينهن جيئرو هوندس اهي تون ڪونہ وٺي ڏيندين“.

خبر ٿئي ٿا چيائين،

”چيائين تہ ڪڏهن زندگي بہ جوا جيان هارائي ڇڏيندين“.

چيومانس.

وائڙيءَ جا اهي تو وارا ڪک منهنجي زندگي بچائيندا زندگي بہ منهنجي تہ هارائيندس بہ مان“.

سوابا، ڏاڍو انگوشو چندي، شهپر کي تريءَ سان مهٽو ڏئي ڊاڪٽر جي اکين ۾ چتائي ڏنم تہ ڊاڪٽر چيو: ”ماڻهو مون بہ ڏنا پر تو جهڙا گهٽ“.

ٻئي ڪک ڪاغذ کولي اتي هاريامانس ۽ پوءِ موت سان مهاڏو اٽڪائي نڪري آيس“.

سوڍو بہ سوڍو تہ مومل بہ مومل.....

هڪڙي، هيڪل جندڙي جبل جيڏي گهر سان منهن ڏيڻ، جڏهن تہ مڙس جا افعال اِهي. نہ لهڻي ۾ نہ ليکي ۾! گهر جو ڪم ڪار راڄ جي اتي ويٺي، سَڏُ، صلح، اصل مڙس ماڻهو تي منهن ڏيون پئي اچي. لَڪائي ڪونہ، تہ ڪو مڙس ڪمائي ڪونہ ٿو، سڄو ڏينهن جوا جي ڪِڍ آهِ، چوٽ ڇُوٽِ ۾ گهٽو متو هنيائين پر جبل سان متو ڪير هٽي“.

سوڍو نہ سڌرڻو هو سو نہ سڌريو“.

”مومل پيڪن کي دانهن ڏني“

” رسي وڃي گهر ويني پر سوڊو چڱُو، جو سڌري، اُهو ئي، خير شاهه جو مڪان ۾ پاڻ“.

مومل رسي وئي ته سوڊو پرچائڻ ڪونه ويس، صرف هڪڙو ڪم ڪيائين جڏهن به ساهراڻي گهر کان لانگهائو ٿيندو هو ته وڏي آواز ۾ ڪلام چوندو هو ته: ”جڏهن هن دنيا مان گذاري ويندا سين گهٽن کي اسان به روئاري ويندا سين“.

مومل جي هنيانءَ ۾ جڻ هٿ پئجي ويندو هو ۽ لڙڪ لاڙي ويهندي هئي، هڪ ڏينهن ته پيءُ سان وڙهي پئي.

چئي ”بابا سوڊو مري ويندو، مون کي ڇڏ ته مان پنهنجي گهر وڃان“

”امان گهر تنهنجو پنهنجو“

ڇڏي تون پاڻ آئي آهين، هاڻي مونکي چو ٿي چوين؟

مان توکي ٻڌي ته ڪونه ويهاريو آ

پٺهنس جو اهو چوڻ ۽ مومل جو ڏيءُ کي ڪچ تي ڪٽي نڪرڻ.

ان رات مومل ڏاڍو رني سوڊل جو گوڏو هو، سوڊو هو ۽ مومل جا لڙڪ هئا. سوڊو به روئي وينو هو.

چيائين، ”مونسان ايڏي دل به اٿئي پوءِ چو ڇڏي وئينءَ“.

مومل لڙڪ اگهي ڪيس رڳو ڏنو.

اڙي ائين نه ڏس، مارڻي ڊور وانگر ڪٿي شهيد ڪري نه وجهين، مومل جي مک تي مرڪ تري آئي هئي ۽ هن پيري مُک جو سوڊل جي نڪ تي هنئي ته ”سوڊل جو اڇو پهراڻ رت ۾ ٿي ويو.

مومل ڏاج ۾ ڏنل مونڙيي وارو رَئو ساڙي ڪيس خاڪ سنگهائي تڏهن وڃي رت بند ٿي.

ته سوڊل چيس:

چو بند ڪيئي اها بہ مئي نڪري وڃي ها، هن نڪمي جسم مان تہ چڱو هو.

مومل مِسڪي پئي تہ سوڊل ساٽي ٽيل جسم کي سندس ٻانهن ۾ جڪڙي ڏنو“ اها رات مومل لاءِ سياڳي رات هئي جو ورهين پڄاڻا هن کي مڙس جو قرب نصيب ٿيو هو.

مومل اڃا اٿي منهن تي ڇنڊو بہ نہ هنيو هو تہ خبر آئي هئي. تہ سندس پيءُ، ماءُ، ڀاءُ ۽ ڀيڻ ڪمري جو شهتير ڀڄڻ سبب دٻجي فوت ٿي ويا آهن، اتان ڄڻ مومل نڪرڻ جي دير هئي، مومل خاڪ ڪٽي متي ۾ وڌي ۽ ماتم ڪندي پهتي.

ان ڏينهن مومل اهڙو ماتم ڪيو جهڙو امامن جو ٿيندو آهي، ياحسين! هڪ لمحي جي خوشي سالن جي درد کي ٿالهيءَ ۾ ڪٽي اڇي مومل جي جهولي ۾ وجهي وئي.

”مومل جي ميس ئي مري وئي، دنيا ئي وسري ويس، شاديون ڇنيون تہ نهيو پر مرٽي تي بہ گهران ڪونہ نڪري، گهر ۾ پاڻ، رليون ۾ تڏا، درد جو ٽوپو ۽ ڏکن کي وڪڙ“.

مومل جي مک تي مرڪ وري تڏهن وَري جڏهن راٽي سمجهہ سان ٿي.

امڙ پڌر جي ٻهاري تہ ڏئي وٺ،
اڄ پلا ٿانون تي تہ هَٿُ ڦيري وٺ،

پٽهين جو پوتڙو ميرو پيو آ، ان کي تہ صابڻ جا بہ گهڪا ڏئي تار تي اُڇل!

مطلب تہ هن کي هٿ وندرائڻ واري ملي وئي هئي. راٽيءَ کي ڪلندي ڪم ڪندي ڏسي ڪيس پنهنجو ننڍپڻ ياد آيو“

ڏاڍي لاڏلي هئي پيءُ جي، ڪلهي تي ڪٽي گهمائيندو هئس اهي ميلا، ملاکڙا، شاديون غميون.

جيڪو انگل ڪري اهو پورو.

”هڪ دفعي ضد ڪيائينس ته بابا مونکي واليون وٺي ڏي“.

”اڙي بابا ڇا ڪندينءَ تون واليون تون اڃا معصومڙي ڪن ڪچا“

”مان واليون پائيندس“

”ٻار واليون نه پائيندا آهن“.

”پُڦيءَ جو پاتيون آهن“.

”پُڦهين ته وڏي آ نه“.

مان ڪجهه نٿي ٻڌان مونکي واليون گهرجن!

ٻي ڏينهن سورهن واليون اچي ويون.

ڪچڙا ڪن سبيا، ڪارا ڌاڳا پيا، حقي جي پاٽيءَ سان ڌوتا هفتي ۾ ڪن ڇٽي ويا ۽ واليون پائجي ويون.

هُنَ ٻئي نندڙيون ٻانهون ڦهلائي پيءُ جي ڪنڌ ۾ ٻاڪُر وڌو ۽ واليون ڏيکاريون ته پٽهنس جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا.

”هاٽي ته خوش“.

”خوش“.

مومل ڪيلي جي وڻ جيان ڇڻ ڇهن مهينن ۾ جوان جماڻ ٿي وئي هئي، سندس شادي سڳي سؤٽ سوڊل سان ٿي. هن کي خبر ٿورئي هئي ته قسمت ايترو جلدي پلٽو کائيندي شهزادين وانگر پليل، ڪنهن جي آڏو ائين مجبور ٿي پوندي ۽ هن کي ڪم ڪائي ويندو. پر هاٽي هوءَ خوش هئي....

ته راٽي راحت ٻڏجي آئي آهي.

ڪيس ڏسي اندر ۾ خواهش جاڳي ته جيڪر ڏيءُ جي ڪنن ۾ واليون وجهان.

پر ڪيئن ڪريان؟ ڪنهن کي چوان؟

سوڍي کي ڪيئن ڏيان، ڪٿي جوا ۾ نہ هارائي اڇي....
ڪئي ڪمائي نہ لوڙهي چڙي!
ڏيءَ سان صلاح ڪيائين ”امان توکي واليون نهرائي ڏيان؟“
راڻي ”ڇو امان؟“
سنيون لڳنديءَ.... مان تہ ستن سالن ۾ واليون پاتيون“
هان امان! پوءِ پلا نهرائي ڏي“
”ڪنهن کي چوان“
”بابا کي“
”پڻهين کي“
”ها ڇو“!

ائين.... هن کي ڪهڙي خبر تہ جوا ڇا آهي؟ مومل اندر ۾ پڻڪيو. ٻي ڏينهن نندي قينچي ڪٽي ويني.

ڏيءُ ڪان ڪن جهلرائي ويڙه ڪويندي سورهن ئي واليون لاتائين“ ڪاغذ ۾ بند ڪري رکيائين، رات جو سوڍل کي منجهي منجهي چيائين.

راڻيءَ لاءِ واليون تہ نهرائي ڏي.

سوڍل آسمان ۾ ٽمڪندڙ ستارن کي ڏسي ٿهڪ ڏنو.

ڪلئين ڇو؟

”تنهنجي خواهش تي ڪل آئي.“

ڇو؟

تون جيڪڏهن چوين ها تہ آسمان مان ستارا لاهي اچ تہ شايد مان ڪوشش ڪيان هان“ پر هي تہ ممڪن ئي ڪونهي.

مان ٿي ڏيانءِ پنهنجيون واليون، تون رڳو نديون ڪرائي نئين ڊزائين نهرائي ڏي“.

سوڍل پاسو ورائي سندس اکين ۾ ڏٺو، جن ۾ والين وارو خواب ڪرموڙي رهيو هو“.

”هُنَ ها ڪئي“

”مومل کي جڙ اوندهہ ۾ ڏيئو نظر آيو“

صبح ٿيو. سوڍل انگوشو مٿي سان ٻڌو ۽ شهپرن کي تيل هنيو. آئيني ۾ منهن ڏٺو تہ مومل اڇي پنو هٿ ۾ ڏنس!

پريان راڻي مرڪي ڏنس، هن آئيني تي آخري نهار وڌي تہ ٻاهران در تي سڏ ٿيو.

”هن آئينو ڪٽ تي اڇليو. والين وارو ڪاغذ ڪيسي ۾ وڌو ۽ ٻاهر نڪتو“.

”ٻاهر نڪتو تہ سامهون خدو بينو هو“.

پٽ گهٽا ڏينهن ڏٽا ڏنا اٿئي ”اڄ پئسا ڏيٽا پوندئي.

سوڍل جي نڙي خشڪ ٿي وئي هن ڪيسي کي مضبوطيءَ سان پڪريو....

”چا ٿو لڪائين“

”ڪجهہ بہ نہ“

”هيڏي ڪر“

”ادا خدن مون وٽ هن مهل ڪجهہ بہ ڪونهي، مان تنهنجا پئسا جيءُ جيءُ ڪري ڏيندس“.

”نہ مون کي پئسا هاڻي کپن“

”ڳالهاءَ تہ مومل ۽ راڻي سري اڇي در جي اوٽ ۾ بينيون“

”ياءُ منهنجا مان پئسا توکي هفتي ۾ ڏيندم“.

خدن هڪ بہ نہ ٻڌس، اڳتي وڌي ڪيسي ۾ هٿ وڌائينس.

تہ سوڍل پوري طاقت سان ڪيس پري ڏڪو ڏنو....

خدن ڪاوڙ ۾ آيو ۽ چماٽ هنيائينس.....

”سوڊل واليون ڪڏي مٿ ۾ ڪيون“

خدن لت هنيس ته ڪري پيو.....

ٻه..... ٽي چار..... لتون پيٽ تي هنيائيس ته سوڊل ڪان دانهن نڪري وئي.

راڻي پڄندي اچي پيءُ کي چنبڙي ”بابا ڪي نه ماريو“

خدن گهڻي ڪوشش ڪئي پر پيڪوڙيل مٺ نه ڇڏائي سگهيو.

راڻي کي روئيندو ڏسي سوڊل اجا پي مٺ پيڪوڙي ڇڏي.

خدن بدنامي کان بچڻ لاءِ آخري زوردار لت سندس پيٽ ۾ اهڙي هنئين جو سوڊل کي اپ ساهي تي پئي.....

خدن نڪري ويو.....

مومل مٿان آيس ته اعتبار قائم رکڻ لاءِ مٺ ڪولي مرکي ڏنائينس ۽ آخري هڏکي ڏنائين........

واليون جرکي رهيون هيون......



ابراهيم ڪرل جي نالي سان نسيم ڪرل ياد اچي وڃي ٿو. نسيم ڪرل جيڪو سنڌيءَ جو وڏو ڪهاڻيڪار هو ۽ ڪيترين ئي لازوال ۽ شاهڪار ڪهاڻيون ڏئي ويو. عالمي ادب ۾ ناولن جي ٽرائلاجي جو رواج عام آهي. ناولن جي پيٽ ۾ اهڙيون ڪهاڻيون جن ۾ ساڳئي صورتحال، ساڳين ڪردارن کي کڻي سلسليوار بيانيہ هجي سو تمام گهٽ آهن. مختصر ڪهاڻيءَ جي استاد ڪهاڻيڪار چيخوف جون، ٽرائلاجي ڪهاڻيون لکيل آهن:

1. The Man in a case
2. Gooseberries
3. About Love

ڪن ٻين ڪهاڻيڪارن جون بہ ڪجھ ٽرائلاجي ڪهاڻيون آهن. سنڌيءَ ۾ ڪهاڻيون تہ نہ، البت ڪجھ ناول ٽرائلاجي طور لکيا ويا آهن. آئون سمجهان ٿو تہ ابراهيم ڪرل سنڌ توڙي هند ۾ پهريون ڪهاڻيڪار آهي، جنهن ٽرائلاجي طور ڪهاڻيون لکيون آهن. ”ملياڻي حليمان“، ”رحيمان“ ۽ ”صفوران“ ٽي ڪهاڻيون ٽن لڙين ۾ پويل، هڪ ئي موضوع تي ساڳين ڪردارن کي کڻي لکيون ويون آهن. هونءَ ابراهيم ڪرل چاهي ها تہ انهن ٽن ڪهاڻين کي هڪ طويل ڪهاڻي جي روپ ۾ لکي سگهي ها، پر هن هي هڪ تجربو ڪيو آهي، ٽن مختلف ڇوڪرين ملياڻي حليمان، رحيمان ۽ صفوران جا ڪردار هڪ ٻئي سان لاڳاپيل ۽ ساڳئي صورتحال مان گذرندڙ آهن. ”مُلياڻي حليمان“ ۽ ”رحيمان“ ڪهاڻين جا انت، الميہ آهن. ”صفوران“ ڪهاڻيءَ جو انت بنھ مختلف ۽ پڙهندڙن جي لاءِ ڇرڪائيندڙ آهي. لفظن جي ڪفايت شعاريءَ تي لکيل ٽنهي ڪهاڻين جو بيانيہ دلچسپ آهي. سنڌ جي سڀ کان وڏي روڳ، وڏيرڪي نظام ۾ ماڻهو زندگي ڪيئن گذارين ٿا، ان جو ڇٽ چٽيل آهي ان ڪهاڻي ٽرائلاجي ۾.

ابراهيم ڪرل جي ڪهاڻي ”پهرين ملھ“ ۾ هڪ نامور ملھ جي ذاتي زندگيءَ جي مسئلن، مجبورين ۽ گڏوگڏ ملھ سان سلهاڙيل ملاڪڙن ڪرائڻ وارن جي مفادن ۽ مصلحتن کي فنڪاريءَ سان بيان ڪيو ويو آهي. زوردار اسلوب، ملھ سان واسطو رکندڙ اصطلاح ۽ ٻوليءَ جي خوبصورتيءَ سان گڏ ڪردار نگاري، هن ڪهاڻيءَ جون اهم خوبيون آهن. ”پهرين ملھ“ بلاشڪ سنڌي ادب جي هڪ شاندار ڪهاڻي آهي. ابراهيم ڪرل ۽ سندس همعصر ڪهاڻيڪارن کي پڙهي لڳي ٿو تہ سنڌي ڪهاڻي، جي وهڪري ۾ ڪا بہ گهٽتائي نہ آئي آهي.

- شوڪت حسين شورو